کلام بلبل

رئیس شمس‌الدین "بلبل" مرحوم

ڪلام بلبل

(مرحوم رئيس شمس الدّين "بلبل" جو ڪلام)

مرتّب

غلام محمد "گرامي"

سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو - حيدرآباد سنڌ

پاڪستان

۱۹۸۲ع

چاپو پهريون ١٩٦٩ع تعداد ١٠٠٠

چاپو ٻيون ١٩٨٢ع تعداد ٢٠٠٠

[سنڌي ادبي بورڊ جا سڀ حق ۽ واسطا قائم]

[redacted]

[redacted]

Rs [redacted]-00

ملڻ جو هنڌ:

سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال،
سنڌ يونيورسٽي، نيو ڪئمپس، ڄامشورو.

ٽپال جي ايڊريس:

جي. پي. او. پوسٽ باڪس نمبر ١٢، حيدرآباد سنڌ.

هيءَ ڪتاب، سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس، تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ ۾ مئنيجر ميان الله بچائي يوسفزئي ڇپيو، ۽ مسٽر غلام رباني آگري، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

فهرست

ناشر طرفان ۾ اکر - ڊاڪٽر سيد اسدالله شاه حسيني
ٻه لفظ - غلام محمد 'گرامي' ١-٢
ديباچو - مرحوم رئيس ضياءالدين . ايس. بلبل ٣-١٥
مقدمو - غلام محمد 'گرامي' ١٦-٣٦
تقريظ - مرحوم حافظ عبدالله "بسمل" ٽکڙائي ٣٧-٤١

متن

پهرين ڪريما (تضمين بر غزل حافظ عليه الرحمت) ٤٥-٤٦
نيچرل ڪريما ٤٦-٥٢
رحيما: تمهيد، در نعت حضرت نبي ڪريم صلي الله
عليه وسلم - در بيان صرف اوقات - در بيان سخاوت -
در بيان بخل - در بيان تواضع - در بيان تڪبر - در بيان
علم - در بيان جهل - در بيان عدل - در بيان ظلم -
در بيان قناعت - در بيان حرص - در بيان طاعت -
در بيان پرهيزگاري - در بيان عصيان - در بيان شيطان -
در بيان مستي ۽ شراب - در بيان وفا - در بيان شڪر -
در بيان صبر - در بيان راستي - در بيان دروغ - در بيان
گردشِ افلاڪ - در بيان تڪيه ڪلام - در بيان اهلِ جهان -
در بيان دلبستگي دوران - خاتمه ڪتاب ٥٥-٩٩

متفرقات

حمد و مناجات: توحيد - حمد - جلوهٔ قدرت - ذات الاهي -
تون آن - حمد - ياد الله ڪر ١٠٢-١٠٩

نعت سرورِ ڪائنات؛ شانِ رسالت - عشقِ محمد - رسول الله - جلوهٔ مصطفائي - رحمة للعالمين - شاه رسالت - تمنائي دل - مولود شريف - خاتم النبيين - غزل نعتيه (فارسي) - ديدار مدينه (اردو) - قصيده تضمين بر قصيده عربي در نعت حضور سرور ڪائنات - خاتون جنت (سرائڪي) ١١٠-١٢٢

اصلاحي شعر و شاعري: جذبات عرفاني - سير و سياحت - آفتاب عالمتاب - رات - احساسِ ملت - فنا - خطاب به دل - تجارت - جماعت هندي - مسلمان - گرمي - يتيمن لاءِ امداد ١٢٢-١٣٦

مزاحيه شاعري: نئون زمانو - نئين تعليم - ڪاري جو قول - گوري جو جواب - حال زار زميندارن - گشت جي مصيبت - ڪارن جي ڪارگذاري - وقت حال، نئون سال - پوليس ١٢٧-١٤٣

قصيدا: خانبهادر حسن علي آفندي - خانبهادر سيد الهندو شاه - سردار محمد يعقوب - خانبهادر سردار محمد ابراهيم خان - سر آغا خان ١٤٤-١٤٩

تاريخي مادا ۽ قطعا: تاريخ وصال پير عبدالحليم جان سرهندي - تاريخ بنا و اتمام مسجد شريف شهر نصير آباد - تاريخ وصال مولوي ميان محمد صاحب هالائي - تاريخ وفات سيد ميان قائم شاه جهالڪارا - تاريخ وفات وڏيرو امام بخش خان ٽيپو - تاريخ انتقال شيخ صادق علي - تاريخ انتقال مرزا ڪلب علي بيگ - تاريخ وصال پير خواجه نظام الدين نقشبندي پاٽ شريف - تاريخ وفات پير سيد ميان ناصرالدين شاه دودائي - تاريخ اول در تقريب سالِ نو اخبار "آفتاب" سنڌ - ١٥٢-١٦٣

ناشر طرفان پہ اکر

مرحوم شمس الدين 'بلبل' جي ڪلام جو ٻيو مجموعو "ڪلام بلبل" پڙهندڙن جي خدمت ۾ پيش ڪجي ٿو. هن مجموعي تي مولانا غلام محمد 'گرامي' کان علاوه مرحوم ضياءُالدين 'بلبل' ۽ مرحوم حافظ عبدالله 'بسمل'، 'بلبل' متعلق ڪافي معلومات افزا مواد پيش ڪيو آهي.

"ڪلام بلبل" ۾ 'بلبل' جي لعتيہ ڪلام کان سواءِ اهو ڪلام ۾ آندو ويو آهي، جنهن ۾ هن پنهنجي مخصوص مزاحيہ ۽ طنزيہ انداز ۾ زندگيءَ جي هر شعبي ۾ پيدا ٿيل عيبن جي نشاندهي ڪئي آهي. سندس ظرافت ۽ شوخيءَ جو مقصد فقط تفريح طبع يا اجائي ٺٺول ڪونہ هو، بلڪ قوم جي معاشي ۽ معاشرتي زندگيءَ کي بهترين روش تي هلائڻ جي هڪ سهڻي ڪوشش آهي.

جيئن اڳي عرض ڪري چڪا آهيون تہ 'بلبل' پنهنجي فن جو امام آهي ۽ سندس پايي جو انهيءَ مخصوص فن ۾ اڃا ڪو شاعر پيدا ڪونہ ٿيو آهي. افسوس آهي جو سندس گهڻو ڪلام هٿ نہ اچي سگهيو آهي؛ جيڪي ڪجهہ مليو سگهيو آهي، اهو بهرحال 'بلبل' جي فن ۽ فڪر کي سمجهڻ لاءِ ڪافي آهي. "ڪلام بلبل" اسان جي پڙهندڙن لاءِ هڪ نئون ليابو پيش ڪري ٿو ۽ اميد تہ ان جو مطالعو مفيد ثابت ٿيندو.

حيدرآباد، سنڌ
٢٣- جولاءِ ١٩٦٩ع

(ڊاڪٽر اسدالله شاه حسيني)
اعزازي سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ

شڪريو

مرتب، ڊاڪٽر سيد اسدالله شاهه ”بيخود“ حسيني، اعزازي سيڪريٽري، سنڌي ادبي بورڊ جو شڪرگذار آهي، جنهن جي علمي مشورن هن تاليف کي فني ۽ علمي معيار تي پهچايو آهي. — غ. م. گ.

پهريون لفظ

'ديوان بلبل' جي اصلاح ۽ ترتيب کان پوءِ، 'ڪلام بلبل' جي ترتيب جو ڪم هٿ ۾ ڪنيو ويو. ان سلسلي ۾، مرحوم رئيس ضياءالدين صاحب ايس 'بلبل'، هن 'ڪلام بلبل' جي تڪميل تي مسرت ۽ اطمينان جو اظهار ڪيو، ۽ 'ديوان بلبل' وانگر، ديباچو لکيو، جو نهايت معلومات افزا آهي.

'ديوان بلبل' جي پراڻي ڇاپي ۾، "ڪريما ليچرل" آيل آهي، جا سون اتاهون ڌار ڪري، 'ڪلام بلبل' ۾ آندي آهي، ان طرح 'ديوان بلبل' مان، حضرت خسرو رحه جي غزل تي تضمين به هن مجموعي ۾ آندي وئي آهي، ڇالاءِ ته خسرو جو 'لعتيه غزل' آهي. جنهن کي هت تضمين سميت شان رسالت جي عنوان هيٺ درج ڪيو ويو آهي. ان تصرف کي مرحوم رئيس ضياءالدين ايس. 'بلبل' به قبول ڪيو آهي.

ان طرح "پهرين ڪريما" جي بوسيده ورقن تان فقط هڪ غزل ۽ ٻه-چار شعر ١٩٠٥ع جي مطبوعه نسخي، جو ڪيرم خورده هو، تان اتاري سگهيا آهيون. افسوس اهو آهي جو ڪوشش جي باوجود، 'پهرين ڪريما' جو ڪو صحيح ۽ سالم نسخو نه ملي سگهيو آهي. اميد ته ملڻ تي ٻئي ڇاپي ۾ اضافو ڪيو ويندو.

ان طرح 'رحيما' ۽ 'ڪريما ليچرل' مڪمل، ۽ 'پهرين ڪريما' مان انتخاب هڪ هنڌ آيل آهن.

ان کان پوءِ، 'بلبل' مرحوم جي اخلاقي، اصلاحي، قومي ۽ ديني ڪلام جو انتخاب پيش ڪيل آهي. جن ۾ ڪجهه مزاحيه اشعار به اچي وڃن ٿا. جيئن: حمد و مناجات، نعت سرور، ڪائنات (سنڌي، اردو، فارسي، عربي)، خاتون جنت، (سرائڪي).

ان طرح اصلاحي شاعريءَ ۾، جذبات عرفاني، سير و سياحت، آفتاب عالمتاب، تجارت، جماعت بندي، احساس ملت، فنا، رات، مسلمان، منتخب ڪلام آهي.

مزاحيه ڪلام ۾ نئون زمانو، نئين تعليم، حال زار زميندارن، گشت جي مصيبت، ڪارن جي ڪارگذاري، نئون سال پوليس جي تلبيس مزاحيه ۽ اصلاحي چيزون آهن.

قصيدن ۾، فارسي، اردو ۽ سنڌي قصيدا ڏنل آهن، جي ان وقت جي مشاهير لاءِ چيل آهن. هونءَ ته قصيدا تمام گهڻا آهن، پر هن مجموعي جي ضخامت جي لحاظ سان چند منتخب قصيدا ڏنا ويا آهن. آخر ۾ تاريخي مادا ۽ قطعا آهن، جي بزرگن جي وفات ۽ مسجدن جي تعميرات تي آهن.

'ڪلام بلبل' کي پوري غور سان درست ڪرڻ جي حتي‌المقدور ڪوشش ڪيل آهي، اميد ته ڪلام ۾ ڪي به فني معائب نظر نه ايندا، جي ڪاتبن جي دست درازيءَ ۽ تساهل جي پيداوار هئا.

جڏهن ته مرحوم رئيس ضياءالدين ايس. 'بلبل' جو 'ڪلام بلبل' تي لکيل ديباچو به نهايت جامع نظر آيو، ۽ ان سان گڏ سنڌ جي مشهور شاعر، حافظ عبدالله 'بسمل' تنگڙائيءَ جي مختصر تقريظ پڻ ڏنل آهي، تنهنڪري، مون مختصر مقدمي لکڻ تي اڪتفا ڪئي آهي. اميد آهي ته اهل ذوق حضرات، 'ڪلام بلبل' کي قبوليت جو شرف بخشيندا. ان طرح جن بزرگن وٽ، مطبوع يا غير مطبوع ڪلام هجي، سي مهرباني ڪري اسان ڏانهن موڪليندا، جيئن 'ڪلام بلبل' جي ٻئي حصي ۾ آڻي سگهجي. والسّلام

-- غلام محمد "گرامي"
حيدرآباد سنڌ

ديباچو

از قلم: رئيس ضياءالدين 'ضيا' بن مرحوم رئيس شمس‌الدين 'بلبل'

'ديوانِ بلبل' جي مقدمي ۾، بلبل جي سيرت ۽ سوانح سان گڏ سندس فن تي به ڪافي بحث ڪيو ويو آهي. اميد ته ان جو مطالعو، 'بلبل' جي فن کي سمجهڻ جي سلسلي ۾ ڪافي ثابت ٿيندو.

'ديوانِ بلبل' کان علاوه 'بلبل' جي باقي ڪلام جي تيار ڪرڻ جي سلسلي ۾، جيڪي به ڇپيل ۽ اڻڇپيل چيزون، دستياب ٿي سگهيون، اهي نقل ڪرايون ويون. افسوس اهو آهي ته، سنڌ مان تمام ٿورن دوستن، 'بلبل' جي مواد متعلق امداد ڪئي آهي. ان مان ڪجهه حصي مان ڪجهه چيزون مختصر طرح سان ڇپائڻ جي ڪوشش به ڪئي آهي، پر سارو ڪلام اڃا يڪجا نه ٿيو آهي.

ان سلسلي ۾، جناب گرامي صاحب جي صلاح ۽ ترتيب تي آخرڪار اتفاق ڪرڻو پيو، جو هاڻ رحيما، ڪريما ليچرل، پليگي ڪريما جو انتخاب ۽ باقي اخلاقي، اصلاحي ۽ قومي ڪلام، 'ڪلام بلبل' جي عنوان تي جمع ڪيو ويو آهي. خيال هو ته هرهڪ حصو جدا لمولي ۾ آڻجي ها، پر باقي ڪلام جي ناياب هجڻ ۽ قلت محسوس ٿيڻ تي، جو ڪجهه به موجود ٿي سگهيو، ان کي 'ڪلام بلبل' ۾ آندو ويو آهي.

مرحوم 'بلبل' جي فن ۽ سندس ظريفاڻي، تنقيدي ۽ تخريبي پهلوءَ لاءِ هن کان اڳ سمجهاڻي ڏني ڇڪو آهيان، ته 'بلبل' جديد فيشن جي مضر اثرات جي ازالي لاءِ، ان قسم جو اسلوب پيدا ڪيو، جو سنڌي ادب ۾ جديد هو. جنهن جو اعتراف سڀني محقق اديبن ڪيو آهي.

'ڪلام بلبل' ۾ آيل سارو ڪلام، مفرقات کان سواءِ، ان تخريبي ۽ تنقيدي پهلوءَ تي آهي. رحيما، ڪريما، پليگي ڪريما وغيره.

ان حصي کي مطالع ڪرڻ سان 'بلبل' جي فن ۽ ان جي افاديت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. جنهن سان مرحوم جو ڪلام معمور آهي.

ٻئي حصي ۾، اخلاقي ۽ اصلاحي ڪلام آهي، جنهن ۾ توحيد، رسالت، تصوف ۽ اخلاق کان سواءِ، وقت جي قومي اڳواڻن لاءِ قصيدا ڏنل آهن. انهن قصيدن ۾، قوم ۽ اڳواڻن جي وچ ۾، باهمي تعاون ۽ محبت پيدا ڪرڻ مقصد آهي. اها قوم جا پنهنجن محسنن ۽ خادمن جا رڳا عيب جاچيندي رهندي، سا ترقي ڪري نه سگهندي. اهي قصيدا ٻڻ ماراهايا ويا آهن. انهن جي افاديت، مطالعي کان پوءِ محسوس ٿي سگهندي.

البت ڪلام ۾ موجوده جديد شاعريءَ جي مقابلي ۾، چند فني ۽ لغوي خاميون رهيل نظر اينديون، يا بحر ۽ وزن ۾ ڪٿي ڪٿي شڪستگي ۽ ناپختگي نظر ايندي يا ته حرفا لفظ ختم، فهم، وهم، صبر، قبر وغيره غلط ٻڌل نظر ايندا، جن کي به گهٽي ڀاڱي، محترم گرامي صاحب درست ڪيو آهي. ان کان سواءِ، ڪاتبن جي لغزش به اصل عبارت کي بگيڙيو هو، جنهن کي به جناب گرامي صاحب درست ڪيو آهي، سندس اها اصلاح قدر جي لائق آهي. پيو ته اهي ٿوريون گهٽيون خاميون ان زماني ۾ نظرانداز ڪندا آيا آهن. جيئن موجوده شاعر پنهنجي شاعريءَ کي باڪمال چئي رهيا آهن، تيئن آئينده ايندڙ شعراء جي نظر ۾، سندن ڪلام ائين ئي نظر ايندو، جيئن اسان جي نظر ۾، اسان جي وڏن جو ڪلام آهي، جنهن ۾ لغت، قافيي، بحر، وزن، حرڪات، سڪنات وغيره جون خاميون نظر اچي رهيون آهن.

ان سلسلي ۾ هڪ جدا بحث لکڻ جو ارادو آهي، ان جي روشنيءَ ۾ "ڪلام بلبل" جي علمي، ادبي خوبين جو اندازو بخوبي لڳائي سگهندا.

قصيدن جي اهميت متعلق مون هن کان اڳ، 'ديوان بلبل' ۾ ڪافي لکيو آهي. منهنجو مطلب هي آهي ته، 'بلبل' پنهنجي زماني

جي بزرگن ۽ بابرڪت هستين جي چولڊ ڪري، انهن جي مدح ڪئي آهي، ۽ انهن جي علم، خدمت، ۽ ڪمال فضيلت کان قوم کي آگاهه ڪري، سندس دل ۾ عزت ۽ محبت جو بي پناهه جذبو پيدا ڪيو آهي. ان طرح سان ڪارلائل جي ”هيرو ورشپ“ جو بنياد سنڌي ادب ۾ ’بلبل‘ مرحوم ئي وڌو آهي، جو افسوس جو اڄڪلهه نہ رهيو آهي.

اهو بہ عرض آهي تہ ڪنهن ٻئي جي تعريف ڪرڻ وڏو فن آهي، انسان جي ڪمزوري هميشہ خامين ۽ غلطين کي ڳولڻ لاءِ آماده رهندي آئي آهي، ۽ نڪتہ چيني ڪرڻ آسان ڪم آهي، پر عيبن کي ڇڏي، هنر ۽ خوبيءَ جي ساراهہ ڪرڻ لاءِ دل جي وسعت ۽ دماغ جي طراوت گهرجي. ان طرح مدح ۽ لنئي خوشامد ۾ بہ فرق آهي. ’بلبل‘ ڪنهن جي بہ اجائي خوشامد نہ ڪئي آهي. ڪو مالي منفعت لاءِ قصيدا لکيا اٿس. ’بلبل‘ جي فن جي افاديت جو اعتراف، هڪ طرف سندس همعصر عالمن ۽ فاضلن ڪيو آهي تہ ٻئي طرف شاعرن ۽ اديبن پڻ تسليم ڪئي آهي، ان طرح سندس سوانح نگارن پڻ مفصل طرح سان تبصرا ۽ جائزا پيش ڪيا آهن، جي مطالع جي قابل آهن.

سنڌ جي مشهور عالم ۽ بزرگ خاندان جي هڪ رڪن، مخدوم ميان محمد انور صاحب ٻاٽائي (مرحوم)، قاضي نورالدين صديقيءَ ميمبر سنڌ سروس ڪميشن جي والد، مرحوم ’بلبل‘ جي ڪلام ۽ فن تي، هڪ مفصل جائزو، آفتاب ٢٥ اپريل ١٩٠٨ع ۾ شايع ڪرايو هو. ان جو هڪ مختصر اقتباس پيش ڪجي ٿو. فرمائي ٿو:

”جيئن ڊاليري فيلسوف جانسن، اسڪاٽ، ۽ ٻين يورپ جي مشهور شخصيتن پنهنجن ناولن ۾ فلسفي ۽ حڪمت کي جاءِ ڏيئي، پنهنجي قوم ۾، جا فيشن جي دلداده ٿي چڪي هئي، هڪ وڏو انقلاب ۽ سڌارو آندو، تيئن ’بلبل‘ جي ظرافتي مقالن، تصنيفن ۽ مزاحيہ شعرن، جيڪو اخلاقي اثر پيدا ڪيو،

سو قوم جي سڌارڻ ۾ اسان جي ڏکين تقريرن، تحريرن ۽
مضمونن ڪڏهن به ڪيو آهي. جيستائين مصنف عوام جي
دلين جي لاڙي کي جاچي، انهن جي مزاج مطابق نه لکندا،
تيستائين سندن تصنيفون گهربل اثر پيدا نه ڪنديون.
مشهور شاعر شيڪسپيئر جي سِر جو سهرو، جيڪڏهن سنڌ ۾
ڪنهن تي سونهي ٿو ته اهو اسان جي فخر قوم 'بلبل' جي
سِر تي سونهي ٿو."

'بلبل' جي فن ۽ ڪلام جا شائق، اڄ تائين 'بلبل' جي تاليفات کي ساهه سان سانڍيو ٿا اچن. ڪيترا اهڙا اهل ذوق به موجود آهن، جن کي 'بلبل' جي نظم ۽ نثر جا ڪيئي ڪتاب اصل بر زبان ياد آهن، جن سان ڪافي مشهور ڪتاب، جناب گرامي صاحب پنهنجي اوٽن سان ايڊٽ ڪيا آهن.

مون هت 'بلبل' جي فن لاءِ چند اشارا ڏنا آهن. اميد آهي ته نظر وارا پارکو، ان مان ئي اندازو لڳائي سگهندا ته 'بلبل' جي فن جي اڄ به ڪيتري نه ضرورت آهي!

هن سلسلي ۾، پين عالمن جا مختصر رايا پيش ڪرڻ ڪافي ٿو سمجهان، جن سان مرحوم خانبهادر محمد صديق ميمڻ، مرحوم واصف صاحب، مرحوم حاجي محمود 'خادم' صاحب، مرحوم حافظ 'بسمل' ٽکڙائي، جناب پير حسام الدين راشدي صاحب، محترم مولائي شيدائي، جناب سيد علي اڪبر شاهه صاحب، ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم صاحب 'خليل'، مرحوم مولانا حڪيم فتح محمد صاحب سيوهاڻي، مرحوم 'مخلص' صاحب، مرحوم مرتضائي ٺٽوي، مرحوم حڪيم اور محمد نظاماڻي 'نورل' ۽ مرحوم جمعوخان 'غريب' قابل ذڪر آهن.

مرحوم 'بلبل' جي فن کي هر ڪنهن نقاد ۽ صاحبِ فن تسليم ڪيو آهي، ۽ داد ۽ تحسين ڏيڻ کان سواءِ رهي نه سگهيو آهي.

مرحوم خانبهادر محمد صديق ميمڻ لکيو آهي:

”ظرافت ۽ مذاقيه ڪلام جي ڪري ’بلبل‘ پنهنجن همعصر، خواهه پيشين شاعرن کان گوءِ کڻي چڪو آهي، سارو مذاقيه ڪلام ناصحانو ڪلام آهي.“ (تاريخ سنڌي ادب جلد ۲ ص ۵۱۵)

مرحوم ’واصف‘ صاحب رقمطراز آهي:

”سرزمين سنڌ جي هڪ مشهور اديب، شاعر عجيب، ۽ اهل زبان مرحوم شمس‌الدين ’بلبل‘ جنهن جي اڳيان بلبل هزار داستان به گنگي ۽ طوطي خوش گفتار کي به عجز جو اقرار هجي... مرحوم ’بلبل‘ کي قسّام ازل کان، ڪيترين خوبين قسمت ۾ آيون هيون، جيئن شعر و شاعري، فصاحت ۽ بلاغت، نثرنويسيءَ جي نزاڪت، ان سان گڏ ظرافت جي ضيافت، فن صحافت جي قابل قدر لياقت ۽ قابليت، الهن مڙني خوبين ۾ مرحوم ’بلبل‘ پنهنجو مٽ پاڻ هو.“

’شعر و شاعري ۾ مرحوم ’بلبل‘ پنهنجي همعصر شاعرن جي نقش قدم تي هليو آهي. جيئن ته دؤر جديد جي شاعرن وٽ جيڪا عروض وغيره جي پختگي ۽ پابندي آهي، اها مرحوم ’بلبل‘ ۽ ان جي همعصر شاعرن ۾ ذرا گهٽ آهي. جنهن جا مثال ڳولبا ته گهڻي تعداد ۾ لڀي پوندا.

”درحقيقت هن ۾ مرحوم ’بلبل‘ جو ڪوبه قصور ڪونهي، ڇو ته سندس دؤر جي شاعرن جو اهو دستور ۽ طريقو منظور هو. ’تنهن هوندي به سندس ڪلام جي رواني، موج، دريا جي نشاني آهي، چوندي چوندي بحر پلٽيو وڃي!

نظم جي عزم کي ڇڏي، سندس نثرنويسيءَ کي ونبو ته اتي به حيرت تي حيرت آهي. نثر جي لفاست توڙي ان جي نزاڪت لاجواب آهي. جنهن جي حد اڪو حساب آهي.‘

'وري ظرافت جي چاشني چکجي، تہ اهڙي لذت ٿي ونجي جو گويا شيخ ڪباب کي بلا حجاب هضم ڪيو ويو.....! ظرافت جي لياقت، 'بلبل' جي فطرت ۾ بلڪل ڪثرت سان ٿي ڏسجي. فقري فقري ۾ اهڙو رنگ رچايو اٿس ۽ جملي جملي ۾ انهيءَ ڍنگ جو مچ مچايو اٿس. خليل صاحب جو هي قول بلڪل صحيح آهي تہ ''بلبل' کان پوءِ اهڙي ظرافت ڪنهن کي نصيب نہ ٿي..." باقي رهيو فن صحافت، ان جي حڪايت بہ ڪهڙي ڪجي! پنهنجي وقت جي اخبار نويسن ۾ 'بلبل' پنهنجي نوع جو پاڻ مالڪ هو. حضرت خليل جيڪي مثال ڏنا آهن، انهن ۾ هن بيمثال اخبارنويس جو شان بلڪل بلند ۽ بالا آهي. رب تعاليٰ ان کي اها وڏي ذات ڏني هئي، جنهن جي ڪهڙي بات ڪجي..." (بلبل سنڌ ص... مؤلف ڊاڪٽر خليل ص: هہ، و، ز).

مرحوم 'بلبل' لاءِ 'مخلص' مرحوم فرمائي ٿو:

"'بلبل' مرحوم سنڌ جي مسلمانن ۾ پهريون اخبارنويس هو، ۽ پهريون شخص هو، جنهن ظرافت جي ميدان ۾ شاعري ڪئي، ۽ اهوئي هڪ هو، جنهن پهريان پهريان صحيح معنيٰ ۾ ايڊيٽري ڪري ڏيکاري ۽ موجوده سليس، پُر اثر ۽ رنگين مضمون نويسيءَ جو سڪو ڄمايو."

(ڪشڪول رسالو، از مخلص مرحوم)

سنڌ جي مشهور عالم دين، محقق ۽ مورخ، مولانا دين محمد صاحب، 'وفائي' مرحوم لکيو آهي:

'بلبل' جي لکڻي، ظرافت آميز ۽ پرمذاق هوندي هئي جنهنڪري، هرهڪ ماڻهو، سندس مضمونن کي ڏاڍي شوق ۽ لطف سان پڙهندو هو.

هن سنڌي زبان ۾ تمام چڱو سدارو ڪيو ۽ لئين رلنگ ۾ سنڌي لٽريچر ۾ اضافو ڪيائين. نظم توڙي نثر ۾ گهڻائي ڪتاب لکيائين... ديني تعليم لاءِ به ڪتابن جو سلسلو لکيو اٿس. سندس مطالعو تمام وسيع هو.

۱۹۰۷ع آل انڊيا ايجوڪيشنل ڪانفرنس ۾، فارسي زبان ۽ تعليم تي، جا ’بلبل‘ تقرير ڪرڻ فرمائي، سا فصاحت ۽ بلاغت جو بهترين نمونو هئي، جنهن جو هندستان جي وڏن وڏن اڪابرن، نواب وقارالملڪ ’بلبل‘ کي داد ڏنو.“

(الوحيد، ”سنڌ آزاد“ نمبر ص ص ۱۶۴-۱۶۵)

سنڌ جي مشهور اهل قلم ۽ عالم دين، حڪيم مولانا فتح محمد سيوهاڻي مرحوم، ’بلبل‘ جي فن جي تحسين هنن لفظن ۾ ڪئي آهي:

”اهو محترم شخص، سنڌ جو مشهور شاعر ۽ اهل قلم، رئيس شمس الدين ’بلبل‘ هو، جنهن جي شعر جو شهرو، سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پهتل هو. سندس قلم جو زور ضرب المثل هو. مرحوم ’بلبل‘ ”پرگو ۽ بديه گو“ ظريف ۽ صاحبِ ذوق سليم شاعر هو. سندس قلم جون للڪارون، ’آفتاب‘ جي صفحن تي ڏسڻ جهڙيون هونديون هيون. ظرافت نگاريءَ جو ته استاد هو. سندس ڪلام دلچسپ ۽ دلڪش هو.“

(خود نوشت حيات، از حڪيم مرحوم)

هڪ قطعي ۾ هن طرح ٿا فرمائين:

شمس الدين ’بلبل‘ جو هے شيرين مقال،
سنده مين، شاعر هے، عالي مرتبہ،
پرچۂ الحق هوا هے، اور بهي،
حضرتِ ’بلبل‘ کے اب زيرِ نگہ،
کهدو يون سال، تقرر، اے ”صغير“،
روشن ’الحق‘ ’آفتابِ‘ دين مے وہ!

مرحوم حاجي محمود 'خادم' لاڙڪاڻوي لکي ٿو:

"منهنجي خيال موجب، هڪ اعليٰ مفڪر کي پرکڻ جون ٽي نشانيون آهن، هڪ ته هن ڪا جدت آفريني ڪئي هجي، ٻيو ته هن سوسائٽيءَ ۾ نئون روح ڦوڪيو هجي، ۽ لوان ٻچڻ با پيدا ڪري، نيڪ اثر وڌو هجي. حقيقت جي ترجماني ڪري، ٻين جي شڪن ۽ شبهن کي دور ڪيو هجي، ٽيون ته هن پيشنگوئيءَ جو مادو هجي، ۽ قوم خواه وقت جو پورو نبض شناس ثابت ٿيو هجي.

هنن ٽنهي ارڪانن تي 'بلبل' بلڪل پورو اتري ٿو.

هو پهريون آهي، جنهن ظرافتي نظم لکيو... هو پهريون آهي، جنهن ظرافت جي رستي، انگريزي تهذيب جي عيبن کان مسلمانن کي آگاهه ڪيو... هو پهريون آهي، جنهن ظرافت جي رستي، حڪومت جي راشي آفيسرن، علماء ڪرام ۽ پيران عظام جي مخرب قوم ۽ اخلاق جي رياڪاراڻه ڪارروائين تي تنقيد ڪئي... هو پهريون آهي، جنهن يورپ جي مخرب اخلاق فيشن جي تقليد ۽ براين جي اصلاح بابت انگريزي خوالده نوجوانن تي طنز ڪري، کين ملڪي ۽ اسلامي تهذيب ڏي متوجهه ڪيو... هو پهريون آهي، جنهن ظرافت جي پردي ۾، 'ڪريما' تي 'تضمين' لکي، پنهنجا اسلامي اصلاحي خيالات ظاهر ڪيا. هو پهريون آهي، جنهن ڪريما سعديءَ جي طرز تي، رحيما مثنوي، مذاقيه ۽ اصلاحي رنگ ۾ نظم ڪئي. هو پهريون آهي، جنهن موجوده سليس نثر نويسيءَ جو رنگ اختيار ڪيو، جو خاص طرح اخباري دنيا لاءِ بلڪل ڪارائتو ثابت ٿيو... 'بلبل' جو اهو احسان ڪڏهن به نه وسرندو، جنهن نه رڳو اهو نمونو ايجاد ڪيو، بلڪ ان کي پنهنجي خداداد ذهانت ۽ قلمي طاقت سان نهايت

بلند مرتبي تي اهچايائين. هن ٻوئين راهه ۾ 'بسمل' مرحوم سان 'مخلص' به شامل آهي.

"نوان استعارا، نيون تشبيهون، نيون تمثيلون، نيون ترڪيبون، نوان نڪتا، چست بندش، شوخ ادا، فصاحت، بلاغت ۽ نون مضمونن وغيره جهڙيون خالص فني خوبيون، سنڌي ادب ۾ اضافو ڪيائين ۽ ٻوليءَ جو ادبي پهلو روشن ڪيائين."

(اپريل ۱۹۵۱ع ڪراچي ريڊيو تان نشر ڪيل)

مرحوم حافظ عبدالله صاحب 'بسمل' ٽڪڙائي مرحوم لکيو آهي:

"'بلبل' مرحوم ٻهريون ئي اديب آهي، جنهن موجوده سليس نثرنويسيءَ جي طرز ايجاد ڪئي. درحقيقت مرحوم شمس العلماء مرزا قليچ بيگ صاحب هن طرز ۾ مرحوم 'بلبل' جو ئي مقلد آهي... سنڌ ايڊيٽريءَ ۾ جيڪي اخبارون شايع ٿيون، انهن ۾ سنڌس پرزور ۽ فصيح ۽ بليغ نثر نويسيءَ جو بي اختيار داد ڏيڻو پوي ٿو. هن کان پوءِ سنڌ ۾ جيڪي به پرزور اخبار نويس ٿي گذريا آهن، جهڙو مسٽر عبدالوهاب ايڊيٽر 'مسافر' يا مرحوم شيخ محمد سليمان يا مرحوم 'مخلص'، سي سڀئي 'بلبل' جا خوشه چين ۽ مقلد آهن.

'هن ڳالهه کان ته هرگز انڪار ڪري نٿو سگهجي ته سنڌ ۾ ظريفانه شاعريءَ جو ٻهريون موجد، مرحوم 'بلبل' آهي. هن جو مخترع دماغ قومي اصلاح بابت جرات ۽ طاقت سان عجيب عجيب مضمون پيدا ڪرڻ لڳو.

'... سنڌس ظريفانه ڪلام مطالع ڪيو ته... واضح ٿيندو ته هن طرز ۾ سنڌ جا سڀئي ظريف شاعر، ويندي مخلص تائين 'بلبل' جا متبع ۽ خوشه چين آهن.

'مرحوم 'بلبل' جو ظريفاڻو رنگ ۾، سنڌي نثر خواهه نظم ۾، ڪوئي ثاني نه آهي... زبان جي صفائيءَ ۽ فصاحت ۽ بلاغت

۽ ادائي مطلب ۾، 'بلبل' مرحوم جو مٽ ڪو ورلي
پيدا ٿيندو.

'... البت ڪلام جي موزونيت جو گهڻو خيال نه رکيو اٿس،
جو ان وقت جي هر شاعر ۾ اها ڪمزوري نظر اچي ٿي.
'... ظرافتي نثر نويسيءَ جي ايجاد به سنڌ ۾ پهريائين 'بلبل'
مرحوم ڪئي."
(بلبل جا ادبي اوليات، بلبل نمبر، نئين زندگي ١٩٦٥ع)
پير حسام الدين صاحب راشدي، 'سنڌي ادب' ۾ رقمطراز آهي:
"مرحوم 'بلبل' پهريون شاعر شيرين بيان آهي، جنهن مولانا
حاليءَ ۽ اڪبر الله آباديءَ جي اصلاحي ۽ ظريفانه رنگ ۾
شاعري ڪئي." (سنڌي ادب، اردو)
محترم مولائي شيدائيءَ 'آفتاب' اخبار جي تاريخ لکندي، هڪ هنڌ
لکيو آهي:
"مرحوم شمس الدين 'بلبل' آفتاب جو ايڊيٽر ٿيو، جو وقت جو
جيّد عالم ۽ نظم ۽ نثر ۾ يدطوليٰ رکندڙ اديب هو."
(آفتاب، سکر- نئين زندگي ١٩٦٥ع)
جناب سيد حاجي علي اڪبر شاه صاحب، (سابق ايم، ايل، اي سنڌ)
لکي ٿو:
"'بلبل' پنهنجي پرزور ۽ رنگين مضمونن سان، ساريءَ سنڌ ۾
غلغلو پيدا ڪيو. جيڪي ماڻهو سنڌس سنڌيءَ جي رنگينيءَ
کان غيرمانوس هئا، سي نهايت عجب ۽ حيرت ۾ پيا. هن
اهڙي فصاحت ۽ بلاغت سان، صنعتون ۽ استعارا ڪم ۾ آندا،
جنهن جي مطالع سان، خود اهل قلم به دنگ رهجي ويندا هئا.
سنڌي زبان ۾ هن پنهنجيءَ رنگينيءَ ۽ ظرافت نگاريءَ سان
جيڪا جدّت پيدا ڪئي، سا ان ۾ اڳ نه هئي، گويا ان
فن ۾ ڪيس، سنڌي انشاء جو موجد چئي سگهجي ٿو."
(رسالو علمي دنيا، ڪراچي- اپريل ١٩٣٠ع)

ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم 'خليل' لکي ٿو:

"'بلبل' مرحوم جي سخن سازيءَ تي غائر نظر ڪبي ته پڌري طرح معلوم ٿيندو ته جڏهن 'بلبل' شعر ۽ ادب جي ڪوچي ۾ گامزن ٿيو، ته نه رڳو سنڌي شاعري بلڪ اسان جو ادب هڪ مضحڪه انگيز اقالي بنجي رهجي ويو هو. ان ۾ نڪو لطف هو ۽ نه زندگيءَ جا آثار هئا. ان جي رنگيني ڪاغذ جي گلن جي رنگينيءَ وانگر هئي. 'بلبل' ڪان اڳ جي شاعري، بي لطف، ڦڪي ۽ سنئين سنواتي سنڌيءَ ۾ لکيل هئي. سندس ڪلام ناصحانه ۽ ظريفانه رنگ ۾ پريل آهي. ان جو مطالعو ڪبو ته 'بلبل' جي خداداد قابليت ۽ شاعرانه قوت جو پورو پورو ثبوت ملي سگهندو، ۽ واضح ٿيندو ته هن طرز ۾ سنڌ جا سيئي ظريف شاعر، ويندي 'مخلص' تائين بلبل جا منتبع ۽ خوشه چين آهن." (بلبل سنڌ ص ٦٣ ۽ ٨٩)

مولوي حڪيم نورمحمد نظامائي، ايڊيٽر 'مرغِ فلڪ' هن طرح 'بلبل' جي فن تي تحسين ڪئي آهي:

سخن جي ملڪ جو سردار بلبل،
بهارالحق سنڌ و سينگار بلبل.

سخن جا سروَ، نرگس، لاله، چندين،
وليڪن، غيرتِ گلزار بلبل.

به شهرِ شعر، ڪئين، شربت فروشي،
گهڻا تاجر، مگر عطار بلبل.

سخندانِ سنڌ، درياء چندين،
مگر هي بحر آ، ذخار بلبل.

منور جئن ڪ، شمس‌الدين، اسمش،
بلاشڪ، تئن پُر از انوار بلبل.

خوشامد جي نه ورتي، راهه 'نورل'،
مگر شيدائي، برگفتار بلبل.

(مختصر از مرغ فلڪ)

جناب ڊاڪٽر محمدابراهيم صاحب 'خليل' هڪ نظم ۾ چيو آهي:

ڪنهن کي 'بلبل' جي نه هٿ آئي ڪڏهن طرز مذاق،
ان جي شعرن جو تتبّع ڪيو توڻي آفاق،
ملڪ و ملت کي ڏسي، اهڙي ته هن راهِ وفاق،
جو پيچي دور ٿيا، قوم ڪان خود بغض و شقاق.
سنڌ اهڙو نه ڪيو، هو ڪو سخنور پيدا،
نه بلاغت ۽ فصاحت ۾ به همسر پيدا.
دلفريبيءَ جو ظرافت ۾ رکي ٿو سامان،
جنهن جي تنقيد تي نقاد ٿئي ٿو حيران،
دلڪشي نثر جي چڻ آهه، ٿڙيل ڪو بستان،
نظم جي آب تان پڻ گوهرِ رخشان قربان.
شعر جي هرسخنِ صف ۾ ماهر بابل.
فارسيءَ جو هو، ته سنڌيءَ جو به شاعر بلبل.

مرحوم جمعوخان 'غريب'، مرحوم 'بلبل' جي وفات واري قطع تاريخ ۾ فرمايو آهي:

هو همداستان ۾، فصاحت جو فائض،
بلاغت جو عنوان، مرحوم بلبل ه
هوائے ادب ۾ هو پرواز ان جو،
هو شاهينِ باشان، مرحوم بلبل.
هو علمِ معاني جو استاد ڪامل،
هو سعدي ۽ سحبان، مرحوم بلبل.
هو فيلسوفِ زمانه ۽ شاعر،
اديب، همه دان، مرحوم بلبل.
"هو مغفور" ۽ باسر، دل وري چئو،
١٣٣٧ هه ۴
حق! اعليٰ تر انسان، مرحوم بابل.
سرِ دل ويوا عيسوي سال ٿي ويو!
"هو جنت ۾ ذيشان"! مرحوم بلبل.
١٩١٩ع ١٣٣٧ هه

امید تہ سنڌ جا اهل ذوق حضرات، "ڪلام بلبل" جي مطالعه وقت، اڻويهين صديءَ جي تاريخي پس منظر ۽ ان دؤر جي حالات کي اڳيان رکي، غور ڪندا ۽ ڏسندا تہ ان دؤر ۾ پيش ڪيل خيالات هن اسان جي دؤر سان ڪيتري قدر نهڪي ٿهڪي ٿا بيهن.

آءٌ آخر ۾، جناب گرامي صاحب جو ٻيهر شڪريو ٿو ادا ڪريان جنهن جي وسيع مطالعي ۽ ڪاوش 'بلبل' جي فن ۽ ڪلام کي نئين زندگي بخشي آهي.

ان سلسلي ۾ گرامي صاحب هيٺيان ڪتاب پڻ ايڊٽ ڪيا آهن، جي سڀ مطالع جي قابل آهن. جيئن 'تيرهن چار مڪرن جا مار'، 'بهار عشق'، 'مسلمان ۽ تعليم'، 'چٽ سوال پٽ جواب'، 'آئينہ تجارت'، 'ميلو قلندر لال شهباز'، 'معيارالاديان'، رسالہ ترحم يتيمان'، 'لطائف ظرائف'، 'گلزار لطائف' ۽ 'اوائلي تعليم' وغيره. اميد تہ باقي ڪتاب جيئن هٿ ايندا ويندا، تيئن تيار ٿيندا ويندا.

'مسلمان ۽ تعليم' تي گرامي صاحب جو لکيل مقدمو هڪ تاريخي چيز آهي، جنهن جي پس منظر ۾ ان دؤر جي مسلمانن جا تعليمي مسئلا ۽ مطالبا سمجهي سگهجن ٿا. باقي سڀ ظرافت آميز ۽ مزاحيہ نثر جا اصلاحي شاهڪار آهن ۽ معيارالاديان ۽ اوائلي تعليم، خالص ديني آهن.

والسلام، ۲۰- فيبروري ۱۹٦۵ع

مقدمو

غلام محمد "گرامي"

مرحوم رئيس شمس الدين 'بلبل'، پنهنجي شخصي حيثيت توڙي فني ۽ شاعرانه حيثيت سان، سنڌ جو اهو سپوت آهي، جنهن تي سنڌي ادب جيترو به فخر ڪري، اهو ٿورو آهي. مرحوم 'بلبل' هڪ صحافي، هڪ شاعر، هڪ اديب ۽ هڪ مزاح نگار جي حيثيت سان، جيڪي سنڌي ادب ۾ پنهنجي وطن جون خدمتون ڪيون آهن، اهي انمٽ ۽ امر آهن. مرحوم 'بلبل' ١٨٥٧ع ۾، ميهڙ جهڙي مردم خيز شهر ۾ ڄائو، اتي نپنو ۽ وڏو ٿيو ۽ اتي ئي پڙهيو ۽ ڪمال تي پهتو.

مرحوم 'بلبل' جنهن دؤر ۾ اکيون پٽيون، اهو دؤر پنهنجي تاريخي ۽ سياسي پس منظر جي ڪري، جنگ آزاديءَ وارو دؤر چيو وڃي ٿو. هي اهو دؤر هو، جنهن ۾ وطن جي آزاديءَ لاءِ هندن ۽ مسلمانن پاڻ ۾ گڏجي ڪري، انگريزن جي خلاف آزاديءَ جو جهنڊو کنيو هو. افسوس جو اها مهم ڪامياب نه ٿي سگهي ۽ انگريز پنهنجا پير اڃا به وڌيڪ پختا ڪري ويا.

جڏهن ته هندستان جي حڪومت انگريزن، مسلمانن کان ئي حاصل ڪئي هئي، تنهنڪري انقلاب جي ناڪاميءَ کان پوءِ انگريزن سمجهو ته مسلمان قوم، پيهر اسان کان حڪومت کسڻ جو خيال رکي ٿي، تنهنڪري ان قوم کي اهڙو ته اُس ڪجي، جو پيهر ڪنڌ به کڻي نه سگهي.

انهن ارادن کي سانڍيندي، انگريزن هر طرح سان مسلمانن کي پيڙڻ ۽ لتاڙڻ شروع ڪيو. مسلمانن جا ليڊر ۽ عالم جيلن ۾ وڌا ويا ۽ ڪيترن کي ڦاهيءَ تي لٽڪايو ويو، ۽ ڪيترن جون ملڪيتون ضبط ڪيون ويون. ان طرح ملازمتن، تجارت ۽ تعليم ۾ به مسلمانن

کي نظرانداز ڪيو ويو. مسلمان اڳي ئي ايترجي چڪا هئا، ويتر جو ڪين تجارت ۽ تعليم، روزگار ۽ معاشي حيثيتن ۾ ڌڪ هنيو ويو، تنهن ڪين ناس ڪري ڇڏيو. انگريزن جي انتقامي روش تي اڳتي هلي، سر سيد احمدخان ٿڌو ڇنڊو هنيو ۽ مسلمانن متعلق سندن غلطفهميءَ کي دور ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو. سر سيد اهو فيصلو ڪيو ته مسلمان، جيستائين انگريزن جي پيدا ڪيل ڪاليجن ۾ جديد تعليم نه حاصل ڪندا، تيستائين هنن جي راڄ ۾ خوش وقت نه گذاري سگهندا، نڪو هندن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي ترقي ڪري سگهندا.

سر سيد اصل ۾ ان دؤر جو هڪ وڏو مُدّارڪ ۽ مُصلح ٿي پيدا ٿيو. سندس جدوجهد ۽ سرجوشيءَ سان، عليگڙهه ڪاليج برپا ٿيو، ۽ مسلمان، جديد تعليم جي تحصيل ۾ جُنبي ويا.

ان دؤر ۾ جن جديد تعليم حاصل ڪئي، تن ۾ هڪ انوکو ڦيرو آيو. انهن ۾ هڪ اهڙو گروهه به پيدا ٿيو، جن انگريزي تهذيب جي نقالي اکيون ٻوٽي شروع ڪئي. وضع قطع توڙي اخلاق ۽ اطوار ۾، ديسي ماڻهو هُوبهو صاحبلوڪ بڻجي پيا. اهو ظاهر آهي ته ٻاهرين چِٽ ۽ مَٽ، ٻود و باش، لباس ۽ خوراڪ جي پيرويءَ ڪرڻ ڪان پوءِ منجهن نه پنهنجو مذهبي شعور رهيو ۽ نه منجهن اهي مشرقي طور طريقا ئي رهيا.

مرحوم 'بلبل' اهو سارو دؤر پنهنجين اکين سان ڏٺو. جديد تعليم جا ادارا به ڏٺائين، ۽ انهن مان پيدا ٿيل ماڻهو به ڏٺائين. اڳتي هلي 'بلبل'، پنهنجي ظرافت آميز ۽ مزاحيه شاعريءَ سان انهن ديسي صاحبلوڪن جا خوب ڇوڏا لاٿا. سندس طنزيه اسلوب نهايت تعميري ۽ افادي هو. ٻان ڪنهن به هڪ شخصيت تي ڪاٻه انفرادي طرح سان جرح ۽ طنز نه ڪيائين. سندس جرح ۽ طنز جو رنگ عوامي ۽ اجتماعي رهيو. سندس فن ۾ زهرخنده سان گڏ تبسم زيرلب جي ملاوٽ به هئي. 'بلبل'، پنهنجي دؤر تي، ڪيلنديءَ ڪيلنديءَ نشترون

هٿي ڪڍيون ۽ سندس فاسد مواد وهائي ڇڏيو. سندس فن اهڙو ته انفراديت پسند آهي، جو اڄ تائين سندس فن جي تنقيد ڪو به ڪري نه سگهيو آهي.

امر کي نهي ۽ نفيءَ کي اثبات جي رنگ ۾ رڱي پيش ڪيو. سندس مواد، موضوع، پيشڪش، اسلوب ۽ مقصد کي اڳيان رکي، سڀني نقادن اهو فيصلو ڏنو آهي ته 'بلبل' جو ان فن ۾ مقام نهايت بلند آهي. 'بلبل' جي ظريفانه نڪته سنجيءَ ۽ بذله گوئيءَ ۾، تعمير ۽ انفراديت کي مرڪزي حيثيت حاصل آهي. سندس ڪلام، 'وادي سنڌ' جي مسلمانن کي نئين تهذيب جي زهر کان بروقت خبردار ڪيو ۽ پنهنجي مذهبي روايتن ڏانهن رجوع ڪرڻ تي مجبور ڪيو.

'بلبل' اهو ڪم ان دور ۾ ڪيو، جنهن ۾ صحيح معنيٰ ۾ سوچيندڙ ذهن وارا ماڻهو ايترا هئا، جيترو اٽي ۾ لوڻ!

'بلبل' جي فن کي ڏسبو ته کيس کل ڀوڳ، مسخريءَ ۾ خنده زنيءَ سان ڪو دلي چاهه نه هو، پر ان جي مقابلي ۾ ڪنهن مسئلي کي ظريفانه طنزيه ۽ مزاحيه رنگ ۾ پيش ڪرڻ جو استاد هو. سندس مهارت ان مان صاف ظاهر آهي ته سندس فن ۾ طنز موجود آهي، پر اها آهي مزاح ۽ ظرافت جي رنگ ۾؛ جنهن کي هڪ فنڪار ۽ هنرمند جي هٿ لڳڻ سان، سندس فني رنگ زياده ديده زيب ۽ دلڪش پيو لڳي. ٻيو ته ڪنهن فرد يا پوري سماج تي، ان قسم جي ڪڙي تنقيد ڪرڻ، جنهن سان ذوق سليم کي ڪابه ناگواري محسوس نه ٿئي ۽ ظرافت جي اصولن جي پابندي به قائم رهي، هزارن مان ڪو هڪ اڌ ظريف ۽ دانشمند اهڙي فن جو مظاهرو ڪري سگهي ٿو؛ باقي هرڪو ان فن کي نباهي نٿو سگهي.

هن فن جي خاص اصولن ۾، اها ڳالهه به ضروري آهي ته فنڪار ۾ خلوص هجي، سندس ذاتي لاڙن ۾ تعصب نه هجي، دشمني نه هجي ۽ ڪنهن سان به عناد نه هجي؛ ڇالاءِ ته هن فن جو وڏو

تعلق فنڪار جي خلوص سان آهي. اگر فنڪار ۾ خلوص موجود آهي، ته پوءِ سندس فن اثرائتو به ٿيندو ۽ ٻين کي پسند به رهندو. باقي شخصي ڇيڙڇاڙ يا ڪاوڙ ڪي ته هرڪو اٿو پسند ڪري؛ ٻيو ته ان کي نه طنز سڏبو، نه مزاح. اهوئي ڪارڻ آهي جو هن فن جي استادن جو چوڻ آهي ته فنڪار، فرد يا معاشري جا عيب ڀلي بيان ڪري، انهن جي مرض ۽ غلطين تي ڀلي نشترون هڻي، برعڪس هرحال ۾ دانشمنديءَ ۽ بصيرت کان ڪم وٺندو هوندو.

ان حيثيت سان ڏسبو ته 'بلبل' جو فن، زندگيءَ جي اولداهيءَ سان گڏ، سندس بي معنيٰ ڪوشش کي به ظاهر ڪري ٿو. تعلق رکندڙ ساٿي، سندس اشاري ۽ ڪنايي کي سمجهي، لذت به حاصل ڪري ٿو ۽ کلندو به رهي ٿو؛ جالاءِ ته سندس نگاهه، فرد ۽ سماج جي ڪجهن عيبن تائين به پهچي وڃي ٿي. 'بلبل' جو اهو عمل آهي ته نهايت دردناڪ، پر اهڙي مخلصانه ۽ دوستانه انداز سان ڪيو ٿو وڃي، جو هر حال ۾ پريت رهجي ٿي اچي، ڪابه رنجش پيدا نٿي ٿئي.

'بلبل' جي فن جو ٻيو وڏو ڪمال اهو به آهي، ته هُو سماج جي پيچيده ۽ مُنجهيل مسئلن جي تهه تائين پهچڻ ۾ ڪامياب ٿئي ٿو. هو ايترو ته باريڪ بين آهي، جو پاڻ سان گڏ پڙهندڙن جي نگاهه کي به سماج جي جهُرندڙ ديوارن تائين پهچائي ٿو ڇڏي؛ تان جو هو، ٻاهران رونق وارن محلن جي دريچي سان جهاتيون پائي ڏسي ٿا سگهن، ته اندر ڪاريءَ وارا ڪک آهن! ان سلسلي ۾ 'بلبل' جو انداز بيان، جڏهن پرزور تنقيدي وار ٿو ڪري، تڏهن سماج جي بي روح ۽ کوکلي ڍانچي کي پنهنجي قلم سان نه فقط ڪڙڪائي ٿو ڇڏي، پر ان سان ٽڪاٽ ڪيائي ٿو ڇڏي.

'بلبل' جو اهو به ڪمال آهي، ته هو سماج جي اوڻاين کي هڪ چغلخور بدبخت والگر پڌرو نٿو ڪري؛ پر يارانِ خاطر ۽ حريفانِ بذله سنج والگر کلائيندي ۽ کلائيندي چٽڪيون هڻي ٿو ڪيدي،

جتي آپريشن جي ضرورت ٿئي ٿي، اتي گهاءُ به ڳوهرو ٿو ڪري، پر جتي لرميءَ ۽ شفقت جي ضرورت ٿئي ٿي، اتي ڪيلندي، تبسم زير لب ۾ زهر ملائيندي به نٿو ڳسي! فرق اهو آهي جو اهو زهر به مريضن لاءِ ترياق ثابت ٿيو. معاشري جي مطالعي ڪان پوءِ، جڏهن 'بلبل' ڏٺو ته چڱا چوکا ماڻهو نقاليءَ ۾ مبتلا آهن، تڏهن سندس قلم، قينچيءَ وانگر وهي ٿو ۽ لقالن جا پڇ ڪتري، وجي ٿو مٿي چڙهي!

بلبل جي فن کي غور سان مطالعي ڪرڻ ڪان پوءِ، اهنو به نظر ايندو ته سندس سماجي مطالعو نهايت تيز آهي. سندس نگاهه سماج جي معمولي ڪان معمولي مسئلي کي به نٽي چڏي. ان طرح سندس فن جو ڪمال اهو به آهي، ته سندس زبان ۾ لطافت آهي، جو ماڻهو پيو اڙهي ۽ ڪُنگي وانگر ڳُڙ جا چشڪا پيو وٺي، ۽ ڪيلي ۽ ٽڙي! سندس تنقيد ۾ تلخي ته هر حال ۾ هولدي، پر ان سان گڏ، نه ڪنهن کي تلخيءَ جو احساس ٿو ستائي ۽ لکو ڪڙيءَ سُٽيءَ جي ايئن والگر، ڪنهن جو منهن ئي بچڙو ٿئي!

'بلبل' جي فن جي تعارف ڪان پوءِ، سندس ڪلام مان ڪجهه مثال ٿا ڏيون:

سندس ڪلام ۾ اهوئي نظر ايندو ته 'بلبل'، هڪ طرف فرسوده ۽ بيروح، بي ذوق ۽ بي ڪيف مشرقيت تي طنز ٿو ڪري؛ ته ٻئي طرف مغرب جي انڌي تقليد ۽ بيجا تڪلّف، خوشامدانه رنگ ۽ غيرمخلصانه مک چک واري منافقانه چال --"پاهر زيب زبان سين، اندر هڇارو"-- واري اندر ڪارائيءَ تي به خوب گرفت ٿو ڪري. ان سلسلي ۾، ليڊرن ۽ انگريز پرست، ديسي صاحبلوڪن جي چڱي لاک لاٿي اٿس. پنهنجي فن متعلق ٻڌائي ٿو:

پنهنجا عيب سيکو ڏسي تـو سگهي:
ڏسي، نـ تـہ هـي اعمالنامـو پڙهي.

هي کـيـل مسخريءَ ۾ نـہ آئيو شمار،
مگر هـي ڏسي ٿـيـو گهڻو شرمسار!

چوڻ جو چوڻ، کيلؔ جي کيلؔ آهہ،
ذهن ۽ ذکاء لشہ وڏي ذلؔ آهہ!

رڳـي کـيـل چاٿي، سو آ ڪم ـ فـهـم،
ٻـسي حال، ٿئي غور واري کي غم!

کڍيم ساري دنـيـا جـو نقشو شفاف،
تـہ اخـلاق فاسد جـو فـوٽـوگـراف!

سنڌيدان جو نقشو، هن طرح چٽيو اٿس:

سنڌيـدان جـاهـل، سيه رو ۽ سخت،
نحس، نـااهـل، نـاخـرد، خفته بخت.

سنـڌيـدان اڌوٽ، سنـڌيـدان ڦـُول،
رڳا جـانـور جـهـنـگلي ۽ جـُهـول!

سنڌيـدان جـي کهڙي آ دسـتـرس،
سنڌيدان جـو سـان، گـوڊيـم بـَس!

سـنـڌيـدان بـي دانـش و بـي عـقـل،
انهن سان صحبت نـہ کهرجي اصـل!

سنڌيدان جـو وَرڪ، ويـري خـراب،
ويچاري کـي آفيس ۾ پـي نـہ آب.

سـنـڌيـدان کـي کين ملندو گـُـزيـد،
سنڌي دِلؔ ۽ وِيڪ، بيکار، بشد!

سـنـڌيـدان جـو ليست ۾ لاسٽ ٿـي،
سنڌيدان کـي هڻ بـنـدوقـون پـري!

سنڌيدان جي مقابلي ۾، انگريزيدانن جي هيءَ حالت آهي:

جي پاڻين تہ سولا ٿئي مهربان،
تہ سيک علم تون انگريزي زبان.
الهيءَ علم پاجهون، هنجي جاهلي،
شقاوت، لحوست تہ بي ڪاهلي!
پڙهي سنڌي ۽ عربي، ڦرهيئي فارسي،
تہ سڏبهن وڏو سُست ۽ آرسي.
نُڪر لاءِ محتاج، بي روزگار،
هنجين حاڪمن وٽ وڏو بي وقار!
پٽيوال پي ڪين توڪي هُجن،
ڪلارڪ تہ جاهل ۽ احمق سڏن!
جي عزت جهانءُ ۾ رکو، تنبد ٿيش،
پڙهو انگلش، انگلش، انگلش!
بنائي اهو علم، حاڪم حريف،
رسائي اهو علم لنبن شريف.

جديد تهذيب لاءِ چوي ٿو:

لباس، لفيسن جي تي لينبد تانءِ،
مڪان جي زينت سنڌي زيٽ زانءِ.
ڪنلابند، ڪالر، لڪڙ، هاف ڪوٽ،
گهڙي، ڪوٽ، پتلون، چشما، چُروٽ!
قميصون ڪفندار، جاڪٽ، جُراب،
سليپر، سٽپالسا، سپانڻ ڏواب!
ڏنگي سينڌ، لنبيڙا چِٽا، مُڇ دراز،
ٽوال ۽ ڪنگي، برش، صابڻ جو ساز!
صفا سر، تہ ڏاڙهي، چيڙچٽ، قلم،
زبان تي بہ گيٽ ميٽ رهي دمبدم!

کالي ۽ هڄي ليڪناٺي سياه،
تہ پرشن يا ترڪش، ڪرسچن ڪلاه!
سچو ڏينهن سيفٽي، صبح شام واڪ،
هڄي هٿ ۾ هنٽر، تہ نم تم نواڪ!
رکڻ هڪڙو بُل ڊاگ آهي ضرور،
نہ تان تيندو وڏ ماڻهپ ۾ قصور!
مقرر هڄي چاه بسڪٽ جو ليہ،
تہ جاين جو سينگار پکچر فريم!
نصارن جو ڪالر، نصارا لباس،
ڪبٽ، ميز، ڪرسي، بتي ۽ گلاس!
اٺين طرز پوشاڪ جو ڊيل ڊول،
پراڻي ڪيائين تہ ٿيو ديہ فول!

اخلاق ۽ مذهب مان پيدا ٿيل اطوار، صبر ۽ شڪر، زهد ۽ تقويٰ
لاءِ چوي ٿو:

هي سنڌي نمولا، ڪتان تو وڏا،
جو چاڙهي لڳولنگ، باڙ تي بڏلا.
وفا، شڪر ۽ صبر ۽ راستي،
جفا، قهر ۽ زهر جان ڪا ستي!
اهي غير جنسون نہ قابل شنيد،
اسان وٽ نہ ڪي ديدهٔ دهر ديد!

ڪوڙ جي تعريف ۾ چوي ٿو:

آها هاها! ناٺي مٺو نامور،
اسان جو تہ لارڊ، اسان جو تہ سر!
اسان جو تہ ديوان صاحب دروغ،
لياقت، فضيلت جو آهي فروغ!

'بلبل' جي ان پختگيءَ، سلاست ۽ جودت طبع جو داد ڪير نہ ڏيندو؟ بيشڪ ظرافت آميز شاعريءَ ۽ مزاح نگاريءَ ۾ لہ سندس ڪو مَٽ ۽ ثاني پيدا ٿيو ۽ اڪو ڪنهن تتبع ڪيو آهي. 'بلبل' ان فن ۾ يڪتائے زمانہ هو. سندس ان قسم جي طنزيہ لشترزنيءَ، هڪ طرف ديسي صاحبلوڪن جا ڪپاٽ ڪولي ڇڏيا، تہ ٻئي طرف جديد فيشن جي لقالن ۾ شرمساري پيدا ٿي.

پلا 'بلبل' جي ان قسم جي طنزيہ خيالات جي مطالع ڪرڻ کان پوءِ ڪير اهڙو لرجو ۽ بي لڄو ٿيندو، جو پاڻ ڪسي صاحبلوڪ بنائڻ لاءِ سوچيندو!

'بلبل' جي فن جي بي پناہ رواني ۽ اثرائتي طنزيہ لشترزنيءَ ڪي، سندس هڪ نئي نظم ۾ ملاحظه ڪري سگهجي ٿو. فرمائي ٿو:

گهر کان لڪتا، ليٽو ليچر، تاڪ ڌنا ڌن تاڪ ڌنا،
سر ۾ ٽوپي، هٿ ۾ هنٽر، تاڪ ڌنا ڌن تاڪ ڌنا!
ٽاپ ٽيپ ۾، آڪڙ شاڪڙ، ڏاڙهي ڪوڙي، مڇون ماڪڙ،
سواري بائيسڪل جي سرسر، تاڪ ڌنا ڌن تاڪ ڌنا!
ڪينڊي، صابڻ، برش طرازي، پوس و ڪنار، ڪتن سان بازي،
فوٽو، فونو، پيالو، پڪچر، تاڪ ڌنا ڌن تاڪ ڌنا.

هن نظم جي رواني ۽ نغمگيءَ ڪيس 'بلبل' جي فني شاهڪارن ۾ شمار ڪرايو آهي.

لٽين تعليم جي منظرڪشي ملاحظہ ٿئي:

آہ لٽين تعليم، گڙٻڙ، در جهان الداختہ،
حرڪتون شيطان ڦڙڦڙ، در جهان الداختہ.
علم انگلش جو ڏسي، اڄ زور، 'بلبل' بيگمان،
عقل وارو خر ٿيو، از تاب و توان الداختہ!

ڪاري جنٽلمين جي زباني ڏسو!

گرچہ ڪارو مُنهن اٿم، تہ بہ ڪاڻ لاهي،
ٽوپلو پائي، حماقت ٿو ڪهران!

يا: لائي چشمو، چُست چاڙهي، سوٽ، بوٽ،
مثل صاحبلوڪ، صورت تو ڪهڙان!

ڪاري جنٽلمين جي ان حماقت ۽ تمنّا تي گوري جو جواب پڙهو:

گرچه آهي، تنهنجو، مون کان سينو صاف،
ڪاري ٻاڦوءَ سان، ڪدورت تو ڪهران!
آ لقب لائق ٿيو تنهنجو، ڍير ڦول!
سان ڏيڻ توکي نه عزّت تو ڪهران!

زميندارن جا ٻڇڙا حال، ڪلهه به هئا ۽ اڄ به آهن. 'بلبل' ان جي ترجماني ڪندي خوب ڇيو آهي:

زميندار تي ويا، زبون زار چٽ،
چون ڇٽ ته ڪهڙو ٿيو آهه وَخت!

ڪشت ۾ جيڪي 'پوچن' ڪشتي آفيسر ٿا ڪن، تن جو نقشو 'بلبل' هن طرح چٽيو آهي.

ڪشتي ڪاموري لاءِ فرمائي ٿو:

آهه ڪاموري سندي، هوڙ حرامن ۾ ٽيڪي،
انب، گدرا، مدري، ٻڪرو ڪو موٺو مدري!
خوب ٿا ڪشت ۾ ڪن، پوچن، پرساد وٺي،
پوري حلوو، مڊدي، ٻستو ۽ ڦوٽو مددي.
ڪهر ۾ آهي نه رعيت جي ڪو ٻائي پيسو،
لٽ، لوٽو مددي، ٻستو ۽ ڦوٽو مددي!

"ڪارن جي ڪارگذاري" تي 'بلبل' جي هڪ ٻي سترنشر ۽ سريلي نظم آهي، جا به فني طرح سان لاجواب آهي:

ڪارن جي ٻُڌ ڪارگذاري، هيپ هيپ هري، هيپ هيپ هري،
جنٽلمينني جلسا جاري، هيپ هيپ هري، هيپ هيپ هري!
جايون تن جون هال ۽ ٽاور، چشما، فرش، فروٽ، فلاور،
لڪچر، پڪچر، ڊلرداري، هيپ هيپ هري، هيپ هيپ هري!

ان نظم جي بي پناه روالي، انهايت اثر انگيز ثابت ٿئي ٿي. ان جي مطالع کان پوءِ ديسي صاحبلوڪ جي تصوير، اکين اڳيان ڦرڻ لڳي ٿي.

ان طرح 'بلبل' جو هڪ نظم ان سال پڻ شاهڪار آهي. انهين سال جي مرحبا، صحافت ۾ هڪ اهم ۽ ضروري ليک چيو وڃي ٿو. 'بلبل' ان کي نظم ۾ پيش ڪري، طنزيه ۽ مزاحيه رنگ ۾ جا نقشگري ڪئي آهي، اها پڙهڻ وٽان آهي. ٻه-ٽي شعر پيش ڪجن ٿا.

هن اخبار کي، سال مبارڪ،
گورن کي لاتال، مبارڪ.

ڪارن کي يو، ڊيم، بلبي، فول، لقب، فيالحال مبارڪ!
اهل اسلام جي لهي ڏک ڏاڍا ڳنيون، آل-عيال مبارڪ!
ڏڪا، ڏوٽا، ميهڻا سهڻا قرض جا رليچ، سلال مبارڪ.

ان سلسلي ۾ 'پوليس' جي تصويرڪشي به 'بلبل' جي شاهڪار چيز آهي. 'پوليس' جي ڪرتوتن کان هرڪو واقف آهي، پر جيترو 'بلبل'سندن لاءِ عميق ۾ ويو آهي، تهڙو شايد ٻئي ڪي نصيب نه ٿيو هجي!

ڏسو پوليس جي تابيس، ملڪالموت جان مارو!
مثال گرگ، ڳاڙهو وات، سر ۽ پيو بدن ڪارو!
هجي سولاري جو سؤ ڏک، ته لوهر ٿو هٿي هڪڙو،
ڪٿي جهرڪيون، ڪٿي ٿيو گرڙ پنڪ جو لهس لامارو!

بهرحال 'بلبل' جي طنزيه انداز ۽ فن جي اندازي لڳائڻ لاءِ سندس ڪلام جو مطالعو ڪافي آهي.

'بلبل' جي ڪلام جو سنجيده ۽ اصلاحي ۽ اخلاقي پهلو به شاهڪار آهي. ان جي مطالع ڪرڻ سان، اهو اندازو لڳائي ٿو سگهجي ته 'بلبل' نه فقط طنز ۽ مزاح جو بادشاه هو، پر سنجيدگيءَ ۽ متانت جو به مثالي ڪردار هو. سندس طنزيه ڪلام کي پڙهڻ کان پوءِ،

جڏهن سنجيده ۽ اخلاقي شاعري تي پڙهجي، تڏهن سنڌس جامع‌الفنون هجڻ تي حيرت ٿي ٿئي.

ان سلسلي ۾، حمد و مناجات، نعت، اخلاق ۽ تصوف تي جيڪي مضمون 'بلبل' ۾ ڏنا آهن، اهي به فني حيثيت سان بلند معيار رکن ٿا. مثلاً، الله تعاليٰ متعلق فرمائي ٿو:

اهو باغ ۾ گل، اهو گل ۾ بو آه، اهو باد و آتش، اهو آبجو آه،
اهو خندهٔ غنچهٔ خنده رو آه، اهو نغمهٔ طوطيء خوش گلو آه.

بهار ان جي قدرت جو باغن ۾ آهي،
شميمِ خدائي، دماغن ۾ آهي!

حمد باريءَ جي سلسلي ۾، حڪيم ثنائيءَ رحه جي مشڪل زمين ۾ تضمين ڪندي، جا 'بلبل' خلاقي ڏيکاري آهي، اها قدر جي لائق آهي.

ذات واحد ڪي جڳائي، وڏا واڪاڻ وڏائي،
تو سُنهي، حمد و ثنا، ثابت، ساراهه سڏائي،
پائي ڪل پالڊ ڪچيءَ ۾، ڏئي پن حرص هوائي،
ملڪا ذڪر، تو گويم ڪه تو پاڪي و خدائي،
نه روم من به جزآن ره ڪه تو آن ره نه نمائي!

جلوه قدرت جي نقشگري، جنهن دلاويز انداز ۾ 'بلبل' ڪئي آهي، اها سنڌس ئي حصو آهي، فرمائي ٿو:

هر بر ۾ بازر ۾، هر بحر ۾، هر بَن ۾،
چا لاله و لولڳن ۾، چا سنبل و سوسن ۾،
چا نرگس و نسرين ۾، سبزن ۾ نخلن ۾،
چا غنچو ته چا گل آ، چا رنگ ته چا بو آ،
جلوو تنهنجي قدرت جو اي قادرا هر سو آ.

خداوند تعاليٰ کي 'تون آن' جي خطاب سان، جا 'بلبل' نغمه سرائي ڪئي آهي، اها فن ۽ اثر جو زنده مثال آهي. فرمائي ٿو:

الاهي نكته دان، علم و دانائي، هنر تون آن،
خدايا نطق آرائي، زبان هر بشر تون آن،
سخن پرداز، جان پرور، حڪيم، نڪته ور تون آن،
مه و خورشيد، پئي روشن دلائل تنهنجي قدرت تي،
گواهي ٿو ڏئي، ذري ۾ ذرو، تنهنجي صنعت تي.

سندس بي پناه روالي هن شعر ۾ ڏسجي:

آبد ڪان تا ازل هوندين، ازل ڪان تا آبد تون آن،
الاهي ساري عالم ۾، احد تون آن، صمد تون آن.

ان طرح 'تون آن' جو هڪ عمدو مثال ڏسو:

عالم الغيب اي خدا تون آن،
خالق الارض و السما تون آن،
داغ تون، درد تون، دوا تون آن،
زيست تون، مرگ تون، قضا تون آن.

ان طرح سارو ڪلام، ان قسم جي فني لوازمات سان لاهيل آهي.

صوفيانه انداز ۾ به 'بلبل' جو ڪلام آهي، جو گهڻو تڻو، 'ديوان بلبل' ۾ آيل آهي. هن 'ڪلام بلبل' مان هڪ مثال پيش ڪرڻ ڪافي ٿيندو. چوي ٿو:

هردم، هرجا، هو حق جاڻ، آڻ نه وچ ۾ پنهنجو پاڻ،
اسم جسم جي تالگهه نه تاڻ، وصل فصل جو لاهه وهم،
ياد الله ڪر، دم ٻه دم!

اهو سارو نظم، روانيءَ ۾ بيمثال آهي ۽ سندس مضمون نهايت اثرائتو ۽ دلنشين آهي.

'بلبل' جي نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن سان والهانه محبت هئي، جا سندس ڪلام جي ست ست مان ظاهر آهي.

ان سلسلي ۾، سندس قدسيءَ، جاميءَ ۽ خسروءَ جي غزلن تي تضمين جا مثال ملن ٿا، جن جون زمينون، فني طرح به مشڪل آهن ۽ انهن تي پختہ ۽ معياري ڪلام ڪي پڌڻ ٻہ مشڪل آهي. تاهم 'بلبل' جون تضمينون، نهايت پختہ ۽ پاڪيزه آهن.

مثلاً، خسروءَ جي شعر تي تضمين جو هڪ بند ڏسو:

آئيان سڄڻ جـي شعر ۾، تنهن جي سراپا سـرسـري،
ساره سندي سوداءَ ۾، هيءَ عمر ويندي سون گهري،
ته ۾ ان منجهان هڪڙي ذري، پوري ا. تي، مون ڪان وري!

قدسيءَ جي لعت تي تضمين جو هي بند ڏسو:

مُشڪ عنبر سان مليان وات، ا. لڱي ڀاڪ ته بي،
اسم اطهر جـو ولـڻ آهـ بـ. حد، بـي ادبي،
بسم الله ڪري، وصف، ڪريـمـن جـي ڪبي،
مـرحـبـا سيّد مڪيّ، مـدانـي، الـعـربـي.

ساري تضمين، دل آويز ۽ مرصّع شعرن سان پريل آهي.

جاميءَ جي غزل تي تضمين جو هڪ بند ملاحظه ڪريو. فرمائي ٿو:

عشق احمد جي جنهين چوٽ ـ چکي، چاٽ چشي،
سو ڇتو غـيـر غمن ڪان، ايو منجهه عين غشي،
بَرَ ولڪار ۾ ووڙيندو وتـي، جيئن وحشي،
الـحـبـيـبـي عـربيٌ، مـَدَنـيٌ، قـرَشـي!

رَحمةاللعالمين جهڙي والهانه انداز واري نظم جو مقطع ملاحظه ٿئي:

اوهان جي مدح خوانيءَ جي ته صدقي، ٻي ثمر 'بلبل'،
ويـو شيرين بيان، طـوطـي زبان، شڪر دهان بنجي!

ٻئي هنڌ فرمائي ٿو:

سندن سڪ سوز فرقت ۾، دمادم درد. غم، دل جو،
عطا، صحت صـفـا آهـي، دوا آهـي، شـفـا آهـي.

صحابه ڪبار جي عظمت، بطور لف ونشر هن طرح آندي اٿس:

اسان جـي مير مرسل وٽ، سدا گـڏ چئن يارن سان،
وِلا آهـي، وفـا آهـي، حـيـا آهـي، سخـا آهـي!

مقطع ۾ فرمائي ٿو:

گدائي ٻي لوا 'بلبل'، سندي داتا سنده در تي،
ندا آهي، صدا آهي، دعا آهـي، ثـنـا آهـي!

ان ملسلي ۾، 'خاتم النبيّن' لنظم شاهڪار آهي، جا مطالعي ڪرڻ سان واسطو ٿي رکي. 'بلبل' سنڌي شاعريءَ جي پراڻي صنف ۾ مولود به چيا آهن. هڪ منتخب مولود پڻ قابل داد آهي، جنهن جي رواني ۽ سلاست، لغمکي ۽ شيريني ملاحظه ڪجي:

معراج هليو، سرتاج لبي، ڪري ويس وڳا، وه وه بنو!
جبريل ٿو صدقي صدقي چئي، اچ صلي علي وه وه بنو!

سچو مولود، بهترين ۽ پخته مضمون تي مشتمل آهي.

لعتيه رلگ ۾، 'بلبل' جو فارسي ۽ اردو ڪلام به ڪجهه چيل آهي. 'ڪلام بلبل' ۾ اصولي طور هڪ فارسي ۽ هڪ اردو غزل ڏنا ويا آهن.

شهرهٔ حسن تو از عالم افلاڪ گذشت،
زان به ميزان فلڪ زهره شرمناڪ گذشت!

سارو غزل مرصّع آهي. ان جي پڙهڻ کان پوءِ ائين ٿو معلوم ٿئي ته اهو غزل ڪنهن اهل زبان جو آهي، ۽ نه سنڌيءَ جو! ان سان 'بلبل' جي زباندانيءَ جي خبر پئجي سگهي ٿي. سارو غزل پخته ۽ معياري آهي.

ان طرح اردو غزل آهي:

هے ميرے دل کي تمنّا که مدينه ديکهون،
خاتمِ ختمِ رسالت کا نگينه ديکهون.

مقطع ۾ چوي ٿو:

گلشنِ کوئے حرم مين هو مزارِ 'بلبل'،
آرزو هے که وهان اپنا دفينه ديکهون.

ان طرح فارسي تضمين به لاجواب آهي، ۾ بنه پيش ڪجن ٿا.

آن والي هر عربي عجمي، آن حاڪم بر حربي و ذمي،
ڪنزالڪرم، مولي النعم، هادي الامم، لشريعته.
باشرف و ڪمال و جمال نبي، محبوبِ خدا، اسي لقبي،
ازڪي النسب، اعلي الحسب، ڪل العربي في خدمته.

ان طرح هو عربي سٽ سان، فارسيءَ ۾ تضمين ڪيا اٿس. سندس فارسيءَ جا اشعار، نهايت پختا ۽ مرصّع آهن، جن ۾ ڪابه ڪا لغزش ۽ تسامح ڪين آهي. آخر ۾ چوي ٿو:

لِيُبَلِّغَ 'بلبل' مَدْحَتَنَا، فِيْ شَرَفِ حُضُور وَسِيْلَتِنَا،
و مُحَمَّدُنَا، هُوَ سَيِّدُنَا، فَا الْعِزُّلَنَا، لاجابته،

اها تضمين، 'بلبل' جي والهانه عشق رسول لاءِ شاهڪار چئي سگهجي ٿي.

نعتيه ڪلام کان پوءِ 'بلبل' سادي ۽ سهڻي سرائڪيءَ ۾ 'جنت خاتون' جي فضائل ۽ محاسن تي جا نظم چئي آهي، اها شاهڪار آهي. ائين چئي سگهجي ٿو ته ان قسم جي نظم، ٻئي ڪنهن به نه لکي هوندي هڪ بند ملاحظه ٿئي!

جنت، نعمت، طوبيٰ، ڪوثر، ثمر تساڏي حب دا،
چاهون جنهن ڪون، ول وچ بخشون راز تسان، سڀ ربّ دا،
تون سرڪار، نبي و علي دي، او شافع امت سب دا،
حوا، مريم، فخر ڪريندڀان، تيڏي نام نسب دا،
بنت رسول، بتول، تساڏي عزّت پاڪ وڏائي،
صدقي صدقي، سالڻ تيوان، پاڪ نبي دي جائي،
گهين خبران، بردي، در دي ديان، حسن حسين دي مائي!

تصوف جي حقائق ۽ دقائق متعلق به 'بلبل' جو ڪافي ڪلام آهي. ڪيئي مرصّع غزل، 'ديوان بلبل' ۾ آيل آهن، جي تصوّف جي رنگ جا ترجمان آهن.

'ڪلام بلبل' ۾ آيل ڪلام مان چند اشعار پيش ڪجن ٿا. فرمائي ٿو:

ڪڏهن جذبات عرفاني، نه ڪنهن جاهل ۾ رهندا هين،
مگر هي حال ۽ احوال، ڪنهن قابل ۾ رهندا هين.
نه ڪائي چيز دنيا ۾، چڱائيءَ کان هجي خالي،
هي نظارا نوان بس، ديدهٔ ڪامل ۾ رهندا هين.

هـنـر يا فن" سان نـونـوگـرافـر جا کيڏي سکهندا،
تصوّر هي، دمـاغِ شاعـر و فـاضـل ۾ رهندا هين.

ان طرح لظم جي حصي ۾، 'سير و سياحت'، 'آفتاب عالمتاب'، 'رات'، نظري منظرڪشيءَ ۾ بي مثال آهن.

جناب سيد (شاهنواز شاهه) (۱) لکڙائيءَ جي 'رات جي تات' لظم تي تضمين ڪندي 'بلبل' چوي ٿو:

واه چـا رات جـي آيـات بـيـالـات ڪهي،
شبِ ظلمات جي هر بات کي اثبات ڪيئي،
سڀ حسنات ۽ سيئات کـي عـرفات ڪيئي،
منجهه طلسمات، خيـالات، ڪرامات ڪيئي.
چو لـہ چنجي تہ 'بلبل' هي لواخواليءَ ۾،
سيّدالشعراء، سيّد کـي سخـنـدانـيءَ ۾!

'بلبل' جي اصلاحي ۽ قومي شاعري بہ رلـگين آهي. هونءَ تہ اصلاحي ۽ اخلاقي شاعري، خشڪ ۽ بي مزه چئي وجـي ٿي، پـر 'بلبل' جي طبعي رنگينيءَ، شوخيءَ ۽ معياري تجزيہ، ان شاعريءَ کي بہ دلڪش ۽ دلاويز بڻائي ڇڏيو آهي.

ان سلسلي ۾ "احساس ملت"، "تجارت"، "جماعت هندي" ۽ "مسلمان" نهايت معياري چيـزون آهن، جن ۾ اهـل اسلام جي حالت زار کي نهايت ناقدانہ انداز ۾ پيش ڪيو ويو آهي. 'بلبل' کي ان رنگ ۾ بہ اوليت حاصل آهي، سندس تتبع ۾ ئي سنڌ جي قومي شاعري شروع ٿي.

ان طرح 'بلبل' جي بهترين لظم 'فـنـا' بہ آهي، جنهن جي لغمگيءَ ۽ فني پختگيءَ جو هرڪنهن داد ڏلو آهي؛ بہ ـ ٽـي شعر پيش ڪجن ٿا.

---

(۱) هي لظم دراصل حافظ هارون 'دلـگير' لکڙائيءَ جو لـکيل هو. ڏسو 'تذکره شعراء لکڙ' ۽ 'کليات دلـگير'. بلبل 'رات جي بات' جي جواب ۾ 'ڏينهن شينهن' لـکيو هو.

اي جالي، هي جڳ فاني اٿو، ڪن سائين لوڪ صدا بابا،
هيءَ عمر روان ته روانِي اٿو، آخر ته فنا هئي فنا بابا.
نه ڪو شاه رهي، نه وزير رهي، نه ڪو دانشمند دبير رهي،
نه امير رهي نه فقير رهي، هڪ رهندو پاڻ خدا بابا!
آهي سڀ جي قضا ۾ مرگ بلا. ادنيٰ، اعليٰ نه ڇڏي، اصلا،
فقرا، اغنيا، شعرا، امرا، حڪما، علما نه بچا بابا!

ان ئي روانيءَ ۽ برجستگيءَ جي رنگ ۾ سڄي نظم تڪميل تي پهتي آهي.

ان سلسلي ۾، 'دل کي خطاب' نظم جو هڪ شعر ڏسو:

دنيا کي ڪيئي ترڪ ته جائز نه طمعِ مال،
ڪيسا نه پُڌاسون، فقراء جي ڪفنيءَ ۾.

مطلع اٿس:

اي دل تون مسافر آهين، دنيائي دني ۾،
آ لطفِ وطن ڪهڙو، غريب‌الوطني ۾.

اتفاق ۽ اتحاد، هڪ پائمال مضمون آهي. 'بلبل'، 'جماعت بندي' نظم ۾ ان کي به دلاويز ۽ رنگين رنگ ۾ آندو آهي، هڪ بند آهي:

جي ڪنهن جاءِ، اسلام جي انجمن آهه،
ته او نور و عرفان جو گويا چمن آ،
اها رمز ٿي، پارسائي ڪُهن آ،
جماعت، هدايت جو حبل و رسَن آه.
هي مسلم کي الفت جو فرمان آهي،
اسان جو اهو دين و ايمان آهي.

حبل و رسن ۾، 'و عتصموا بحبل الله جميعا' جي تلميح آهي، جا دلپذير آهي.

انسان ۽ ان جي فطرت، حواس خمسه ۽ انهن جي استعمال تي جا نظم آيل آهي، سا به نئين رنگ ۽ ڍنگ جي آهي.

حواس خمسه هن طرح بيان ڪيا اٿس:

اسان جو باصره، حيرت فزائي عقل و حڪمت آهه،
اسان جو ذائقو، عبرت فروشِ عام نعمت آهه.
اسان جو ناطقو آ، يا ڪليدِ گنج صنعت آهه،
اسان جو سامعو، گنجينهٔ صد زر فطرت آهه.
اسان ڇاڻون ٿا، گرم و سرد کي، لمسِ انامل سان،
سڃاڻون باس يا خوشبوءِ ٿا توفيق ڪامل سان.

اها ساري نظم، ان رنگ ۾ تڪميل تي پهتي آهي، ۽ هر بند ۾ 'بلبل' جي جدت طرازي موجزن آهي.

انسان ۽ مسلمان جي خصائل ۽ شمائل جي تڪميل، نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جي ذات و الاصفات تي ٿئي ٿي. 'بلبل' ان کي هن طرح بيان ڪيو آهي:

اهو مالڪ رسالت جو، پيارو پاڪ پيغمبر،
محمد، حامد و محمود، احمد، راحم و رهبر،
سچو مالڪ سڀاجهو، سيد ۽ سرتاج ۽ سرور،
شفيع و شافعِ محشر، سخي و ساقي، ڪوثر،
جهان ساري ۾، 'بلبل' نور جلوه گر محمدؐ جو،
محمد حقؐ جو مظهر، ۽ حق مظهر محمدؐ جو.

'ڪلام بلبل' ۾ آخر قصيدا پڻ ڏنل آهن. 'بلبل' جي فارسي قصيدن کي ڪن محققن، قاآني ۽ خاقاني جي قصيدن سان تشبيهه ڏني آهي، جا راءِ مبالغي کان خالي ناهي. بيشڪ، 'بلبل' جا فارسي قصيدا، قاآنيءَ ۽ خاقانيءَ جي رنگ ۽ زمين ۾ تتبع طور چيل آهن، پر انهن جو معيار پنهنجو آهي. ان طرح سندس سنڌي قصيدا به قابل قدر آهن. 'بلبل' پنهنجي ساري، قوم ۽ ليڊرن جي وچ ۾ محبت ۽ مودت کي پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. سندس ممدوح آهن،

حسن علي آفندي، سيد الهندو شاهہ، سردار محمد يعقوب، خانبهادر سردار محمد ابراهيم ۽ مرحوم سر آغا خان، جن لاءِ سنڌي، اردو ۽ فارسي قصيدا، 'ڪلام بلبل' ۾ ڏنل آهن.

سيد الهندي شاهہ جو قصيدو هن طرح شروع ٿئي ٿو:

ز گلشن، فيض تو، اي لـو بهاوم لـو بهار آمد،
لسيم، دلڪشا، بـر درگهت بـهـر لـشـار آمد
بہ اصلاحي، بـہ افلاحي، بہ تعليمي، بـہ تفهيمي،
لـذيـر آمـد، بشير آمـد، قوي، دارو مـدار آمد.

سر آغا خان مرحوم لاءِ سندس رنگ هن طرح آهي:

شد از ورودِ شاهِ مـن، مژده مسرّت موجزن،
از هر مڪان، از هر صحن، از هر زبان، از هر دهن،
عيش و لشاط و نازڪي، سبزه، طـراوت، تازگي،
دو گلشن و در گلبن و در هر دمن، در هر چمن.

اهو بہ ياد رهي تہ 'بلبل' ۽ ان جا معاصر، سـ حرفي الفاظن جي صحت، توڙي، 'اضافت' جي صحيح استعمال تي ايترو توجهہ نہ ڏيندا هئا، اهوئي سبب آهي جو 'بلبل' جي قصيدن ۾ اهي فني لغزشون موجود آهن، جن کي نظرانداز ڪرڻ گهرجي.

ان قصيدي جي مقطع ۾ فرمائي ٿو:

در مدح تو رطب اللسان، هـم فاضلان، هم شاعران،
'بلبل' بيان، گوهر فشان، طوطي زبان، شڪر شڪن!

ان سلسلي ۾ مختلف عالمن ۽ بزرگن جي وفات ۽ مسجدن جي تعمير ۽ 'آفتاب' اخبار جي اجراءَ تي، 'بلبل' جي تاريخي قطعا چيا آهن، انهن جو انتخاب پڻ مطالعي جي قابل آهي. اگرچہ انهن ۾ بہ فني لغزشون موجود آهن. سہ حرفي الفاظ جي غلط استعمال ۽ حرڪات ۽ سڪنات جي غلط استعمال، توڙي نہ اضافت جي عيب کان اهي تاريخي قطعا بہ بچي نہ سگهيا آهن.

بهرحال اج کان مٿي ضدي کن اڳ جي مشهور شاعر ۽ اهل قلم جي شعر و شاعريءَ جي انتخاب تي مشتمل، مجموعه "کلام بلبل" هڪ تاريخي شاهڪار ثابت ٿيندو ۽ اهل نظر ان کي هڪ عامي اضافو تصوّر ڪندا.

هي انتخاب، مرحوم 'بلبل' جي اصل ڪلام جي ڏهين ڀتي به ناهي. "بهارستان بلبل" جنهن ۾ فارسي ڪلام آهي، اهو نهايت ضخيم آهي. اهڙي طور ٻه-چار چيزون ڏلل آهن.

ان طرح 'بلبل' جو سنڌي ڪلام اجا به گهڻو آهي، ان مان گهڻو سارو حصو ناياب آهي، ۽ باقي ڪرم خورده ورقن جي لذر ٿي چڪو آهي. اميد ته هي انتخاب غنيمت ڄاتو ويندو. آخر ۾ ايترو ضرور چوندس ته، اهي شاعر خوش بخت آهن، جن جو ڪلام سندن زندگيءَ ۾ شايع ٿي ٿو ۽ پوءِ زماني گذرڻ تي دوباره جمع و ترتيب جا مرحلا طئي ڪري ڇپجي ٿو. انهن مان 'بلبل' به هڪ آهي.

غلام محمد گرامي
ايڊيٽر سه ماهي 'مهراڻ' سنڌي ادبي بورڊ
حيدرآباد سنڌ.

تقريظ

مرحوم حافظ عبدالله صاحب 'بسمل' ٽکڙائي

مرحوم 'بلبل' اهڙي زماني ۾ لشو ونما پاتي هئي، جنهن ۾ سنڌي شاعري ٿوري اسرا ويسي، مطلب ته سمورو سنڌي علم و ادب پراڻي نمولي جو هلندڙ هو.

سنڌي نثر، جو ڪنهن لامعلوم وقت کان وٺي، مقفيٰ نمولو تي هليو پئي آيو، جنهن کي به اڄڪلهه نظم ليکيو وڃي ٿو، پر حقيقت ۾ نثر آهي جو پهرو روپ وٺي سچي پچي مقفيٰ نمولي ۾ ظاهر ٿيو، جنهن جو پڌرو مثال "گل خندان" مرحوم آخوند لطف الله جو جوڙيل، ۽ مرحوم قاضي هدايت الله 'مشتاق' جو ڪتاب "هدايت الانشاء"-۽ پيون تصنيفون آهن.

'بلبل' پهريون ئي اديب آهي، جنهن موجوده سليس نثر لويسيءَ جي طرز ايجاد ڪئي. درحقيقت مرحوم شمس العلماءَ مرزا قليچ بيگ صاحب به هن طرز ۾ مرحوم 'بلبل' جو ئي مقلد آهي، البت ڪٿي ڪٿي مرحوم 'بلبل' مقفيٰ عبارت ڏي به لاڙو ڪيو آهي. جهڙو قلندري ميلي جو ڪچ پاڳو مقفيٰ آهي، پر سنڌ سُڌارڪ ايڊيٽريءَ ۾ جيڪي اخبارون شايع ٿيون، انهن ۾ سنڌ سڌارڪ ۽ فصيح و بليغ نثر لويسيءَ جو داد ڏيئو پوي ٿو. هن کان پوءِ سنڌ ۾ جيڪي به سڌارڪ اخبار لويس ٿي گذريا آهن، جهڙوڪ مسٽر عبدالوهاب ايڊيٽر 'مسافر' يا مرحوم شيخ محمد سليمان يا مرحوم 'مخلص'، سي سڀئي 'بلبل' مرحوم جا مقلد ۽ خوشه چين آهن.

ظريفانه شاعري: هن ڳالهه کان ته هرگز انڪار ڪري نٿو سگهجي ته سنڌ ۾ ظريفانه شاعريءَ جو پهريون موجد 'بلبل'

مرحوم آهي: هن جو مخترع دماغ، قومي اصلاح بابت ڏاڍي جرائت ۽ طاقت سان عجيب عجيب مضمون پيدا ڪرڻ لڳو. مسلمانن ۾ هڪ طرف انگريزي تعليم جي برخلاف سخت نفرت پيدا ٿيل هئي ۽ ٻئي طرف يورپ وارن جي انڌي تقليد، مسلمانن جي ٿالي طبيعت ٿي چڪي هئي. 'بلبل' مرحوم انهي خرابين جي برخلاف، زور شور سان قلمي جهاد شروع ڪيو. هر اهڙي ظريفاڻي رنگ ۾ وڙهيو جو سندس هرهڪ جملو يا هرهڪ مصرعو، دل ۾ جاءِ ڪري ٿي ويا ۽ ڪنهن کي به ضد يا چڙ لڳي ٿي. ان جو ٿورو تفصيل، هن ريت معلوم ڪرڻ گهرجي. شراب نوشيءَ جي خلاف، 'بلبل' مرحوم مسلمانن کي هن طرح سمجهايو:

بيارج ڪو اڄ بيئر وسڪي جو پيالو،
ڪريما ببخشائي برحال ما.

مسلمانن جي غفلت ۽ سستيءَ ڪين جهڙيءَ طرح دليا ۾ بي وقار بنايو، تهڙيءَ طرح دين کان به غافل رکيو. ان بابت فرمائي ٿو:

نمازون نه پڙهه، ماڻ مخرج ۽ مد،
ڪه زو انگ دليا و عقبيٰ بود.
ملان هي جي موڙها ۽ سوڙها وتن،
ڪه دولت به طاعت توان يافتن.
مگر قاعدو، ڪرسنل، بيگمان،
ڪشايد، در دولت جاودان.

يورپ جي تقليد ۾ رڱجي، مسلمان اسلامي احڪامن کان بيپرواهي ڏيکاري رهيا هئا. انهن کي مخاطب ٿي چوي ٿو:

ڪتي پسڙي کي تون ڪج ڪور ڪور،
نه باشي ز گلزار فردوس دور.

توڻ پيشاب پنهنجي کي هلندي ۾ هار،
ڪ جنت بود جائي پرهيزگار.
اهين چوله تون شوق دل سان شراب،
مڪن خالهء زندگاني خراب.

مغرب زده مسلمانن بابت فرمائي ٿو:

ماسقيما ڪوئي دلداريم،
صورت بوزنه به رفتاريم.
اڄ ٿيون ڏينهن ٿيو جوالگلش ڪان،
اوفتاده جدا، ز گلزاره‌م.
هاء هاء اي ميس ولايت پاڪ،
اي ز بهرتو عالم لمناڪ.

’ڪريما نيچرل‘ ۽ ’ماسقيما نيچرل‘ پڻ ان ناصحانه ۽ ظريفانه رنگ سان پربل آهن. ان جو مطالعو ڪبو ته پوء ’بلبل‘ مرحوم جي خداداد قابليت ۽ شاعرانه قوت جو پورو پورو ثبوت ملي سگهندو، ۽ واضح ٿيندو ته هن طرز ۾ سنڌ جا سڀئي ظريف شاعر، ويندي، مرحوم ’مخلص‘ تائين مرحوم ’بلبل‘ جا متبع ۽ خوشه چين آهن.

تضمين: هن فن ۾ ’بلبل‘ مرحوم پنهنجو مٽ پاڻ آهي. پيو ڪو به سائس همدوش ٿي نٿو سگهي. مثلاً:

وڃي هڪ شاپ تي ويهي، برالديءَ کي کيون هاها،
الايا ايها الساقي، ادر ڪاسا و ناولها.
آهن ڪوڙا رڳا قاضي، وٽن ڏا برهمن پتليا،
ڪجا دانند حال ما، سبڪساران ساحلها.
وڃهي وارن ۾ والڪوڙا، هلي ٿي، مس جڏهن ’بلبل‘،
ز تاب جعد مشڪينش، چه خون افتاد در دلها.

... ...

سالجهي صبح جو چاڙهج، پنگ جو پري پيالو،
تا پر تو عرض دارد، احوال ملڪيہ دارا.
پنڪو ڪجيءَ ۾ پاتل، جي ڪيهلبو ڏسين تون،
اي شيخ پاڪدامن، معذور دار سارا.

... ...

ڪهڙجي شائق کي هڪ پيالو شراب،
الصبوح الصبوح، يا احباب.
هڪ پري چهره، پڻ هجي، همدم،
المدام المدام، يا احباب.

ظريفاڻه رنگ ۾ مرحوم 'بلبل' جو سنڌي نثر خواهه نظم ۾، ڪوئي ثاني ناهي. 'تيرهن چار ڪرن جا مار'، توڙي 'چمن قربان جان' وغيره، ظريفاڻه رسالا ۽ اخبار "آفتاب سنڌ" سڪر جا پرچا پڙهي ڏسو. 'ڪريما' تي تضمين، توڙي 'مامقيما' جي تضمين، اسان جي دعوا جو پڌرو ثبوت آهن.

زبان جي صفائيءَ، فصاحت، بلاغت ۽ مطلب جي ادائيءَ ۾ 'بلبل' جو مٽ ڪو ورلي پيدا ٿيندو. البت ڪلام جي موزوليت جو گهٽو خيال نہ رکيو اٿس، جو ان وقت جي هر شاعر ۾ اها ڪمزوري نظر آئي ٿي. شاعريءَ ۾ حقيقت جو نقشو ڪيي ڏيکارڻ، ڪنهن فطرتي شاعر جو ڪم آهي. 'بلبل' مرحوم جي اها نقش طرازي ڏسو، نئين فيشن جي دلداده ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي چال چلت جو نقشو هن طرح ڪيي ٿو:

جنٽلمين مسٽين جا جوڙا، چيلهہ ۾ پاڪر، ڏوڙا، موڙا،
نچ وي باندر، نچ وي بالدر- تاڪ ڌلا، ڌن تاڪ ڌلا!
ڪرڪٽ بال ۾ مرد زنانا، ڊوڙن ڊڪن، تال ترانا،
هري هري ها ها، هر هر- تاڪ ڌلا، ڌن تاڪ ڌلا!

چمچا، ڪانٽا، ڪٽ ڪٽ، ڪڙ ڪڙ، ڇيمبڙن ڇيڙس جي تڙ تڙ،
شاش ڪرڻ ۾ بيشڙ شڙشڙ. تاڪ ڏلا، ڏن تاڪ ڏلا!

هيءَ پوئين مصرع اهڙي روان ۽ فصيح آهي، جنهن تان ڪيترن مزاحيہ شاعرن جو ڪلام گهوري ڇڏجي:

الصاف شيوه ايست ڪہ بالائے طاعت است!

ظرافتي لٽرلويسيءَ جي ايجاد ۾ سنڌ ۾ پهريائين 'بلبل' مرحوم ڪئي، ۽ ان ۾ سندس خاص قابليت هيءَ آهي، جو مخاطب ڪڏهن به پاڻ ڏي محسوس نہ ڪندو، بلڪ ڪيلي ڏيندو ۽ سمجهندو تہ مخاطب ڪو ٻيو آهي. والسلام

حافظ عبدالله "بسمل" ٽنڪڙائي

متن

پليگي ڪريما

(مطبوع ۱۹۰۵ع)

تضمين، بر غزل حافظ عليه الرحمة

ميسانِ خود فريب آخر، فرستادند اين بلها،
طلب ڪرند چندان زر، ڪه خون افتاد، در دلها،
نشاطِ طبع برهم شد، شڪست آن رنگ محفلها،
”الا يا ايها الساقي أدر ڪاساً و ناولها،
ڪه عشق آسان نمود اول، ولي افتاد مشڪلها.“

هوئي هين علمِ دنيا، نورِ ايمانؔ، قلب سي زائل،
ادهر ڪالج ڪا بيڙا پار ڪرني پر هي دل مائل،
ادهر هي نوڪري دشوار، چڪّر مين هي هر سائل،
”شبِ تاريڪ و بيمِ موج، گرداب چنين حائل،
ڪجا دانند حال ما سبڪسارانِ ساحلها.“

نه قيدِ شرع باقي آ، نه آزاديءَ جي ڪجهه آ حد،
نه ڪر ڪا گفتگو هن بابَ ۾، چا نيڪ يا چا بد،
بزرگن جي به فتوي آ ته، پڙهه قانونِ سر سيّد،
”به مي سجاده رنگين ڪن، گرت پيرِ مغان گويد،
ڪه سالڪ بي خبر نه بود، ز راه و رسم منزلها.“

ڪٿي آ پيسو ٻيڻي ۽ طبيعت پي نه آ حاضر،
وٺي ٿي روح کي ڏاڍي، بلي! بزمِ بتِ ڪافر،
نڪو آ خوف ايماني، نڪو آ دين سان خاطر،
”همه ڪارم ز خود ڪامي، به بدنامي ڪشيد آخر،
نهان ڪي ماند آن رازي ڪزو سازند محفلها.“

ميسان = جمع ميس: غير شادي شده عورت. بلها = جمع بل- رقم طلب قيمت.

جو هونا چاهتا هے، بدر بن جا، ماہ نو حافظ،
نہ کر آرام، رهہ راهِ طلب ۾ تيزرو حافظ،
وڃيون آ رات ڏينهان، واتَ ۾ تون ييس-نو حافظ،
حضوری گر همين خواهی ازو غافل مَ شو حافظ،
متي ما تلق من تهوي دع الدنيا و امهلها.

١٩٠٥ع

(٢)

نمونہ کلامِ تضمين، از پليگي کريما

پليگيءَ جي لانڍين کان پرور بچا،
کريما بہ بخشاي برحال ما.

پليگي بتلا ۾ نہ کر مبتلا،
کہ هستم اسيرِ کمندِ هوا.

رَنن جي نہ وٺ تون کڍهن ريت، راهِ،
کہ ناگہہ رسد بر تو قهرِ خداءِ.

نيچرل کريما

پيارج کو اڄ بيئر وسکي جو پيا،
کريما بہ بخشاي برحال ما،

وڏا مان کيان تو، ولايت لئي وَس،
نداريم غير از تو فرياد رَس.

متان هي اسان کي منجهائن مُلا،
نگهدار مارا ز راهِ خطا.

سکهو انگلنڊ ڏي ادا ٿي تيار،
مکن تکيه بر عمر ناپائدار.

چگو کوٽ، پتلون، گهڙيال ڏار،
شود خلق دنيا، ترا دوستدار.

سکيو جو نه، گڊ مارننگ، مي ڊيئر،
بهشتي نه باشد، به حکم خبر.

کٿي پستڙي کي تون کج، کورکور،
نه باشي ز گلزار فردوس دور.

وڃي پهچ لاشک تون لنڊن جي حد،
ز رنج و بلا، رستگاري دهد.

کري چٽ خزانو، وٺي ڏي آڌار،
جهان را ز بخشش، پر آواز دار.

نه سُهندو جي چائي کو انگلش ڏري،
وگر روزگارش، کند چاکري.

انهيءَ کان سواءِ، کين ميڙيندو مال،
بخواري چو مفلس خورد گوشمال.

سياڻو کندو کونه ان ۾ ڪمي،
نزيبد ز مردم بجز مردمي.

يقين چاڻ توکي، اها ييس نو،
کند در بهشت برين جاي تو.

جي بولي کندين پنهنجي تون تون ۾ تان،
گرامي شوي، پيش دلها چو جان.

متان تون ٿئين، کنهن جي مذهب ۾ بند،
غريب آيد اين معنيٰ، از هوشمند.

اکين چال، پنهنجي کڍهن کيم کر،
که روزي ز دستش براي بسر.

نہ كر نوكري ۽ نہ پوكيج ٻني،
خطا مى كنني و خطا مى كنني!

ولايت وڃڻ آهي، سڌڙين تي فرض،
دگر واجب از پيش قطع تو ارض.

سوا انگريزي هجي جاهلي،
كہ بي علم بودن بود غافلي.

جي پائنين تہ صاحب سڏي كن سلام،
كہ كار تو از علم، گيرد نظام.

ملن واعظن ڏي وڃڻ كيم وار،
مكن صحبتِ جاهلان؟ اختيار.

هي رسمون انهن جون، رکو چاڙ رد،
و زوكس نہ شنود، جز افعال بد.

نمازون نہ پڙهہ، ساڻ مخرج ۽ مَد،
كز و نامِ عقبيٰ و دنيا برد.

نہ ڏي كن، كهين كي كري كوفرياد،
چرا بر نياري، سرانجام داد.

عدالت مان تنهن كي، امالك آثار،
دل اهل انصاف را شاد دار.

ڏيارينس پو، موچڙن جي كا مار،
مرادِ دلِ دادخواهان؟ برار.

'سنڌيءَ' جي پڙهڻ مان، وڃي سڀ كلان،
چو بستان خورم ز بادِ خزان.

'سنڌي' ماڻهو كنهن جي نہ لهہ تون سنڀال،
كہ خورشيد ملكت نيابد زوال.

ڏني شاهدي، جنهن مٿي سچ زبان،
برآورد از اهلِ عالم فغان؟.

ڏکوئج نہ تون، ڏوهہ وارن جي دل،
زند سوز او شعلہ در آب و گِل.

چڏي ڏي رجوع ڪيل بدڪار چور،
بيندیش آخر ز تنگيءِ گور.

ڪئي جنهن بغل ۾ پري چم پري،
در اقلیم راحت کند سروری.

برانڊيءَ جي بوتل ڪي ڪيسي ۾ ڊال،
کہ پیش خردمند، هیچ است مال.

آڏائي خزانو، پيارج شراب،
کہ سلطان نہ خواهد خراج از خراب.

چپڙ چٽ، پنگڙ پيئنگ ٿي تون ميان،
اگر داری از نیک بختي نشان.

نہ ڀيو علم ٿيو انگلش جي مثال،
کہ هم نرخ گوهر نہ باشد سفال.

"سنڌيءَ" جي پڙهڻ مان نہ ميڙيندين زر،
چرا می کشی بار محنت چو خر.

جنهين کي هجي، مغز ۾ خيال خام،
بود ميل طاعت، بہ خاطر مدام.

ملان هي جي سوکيا، وسوڙها وتن،
کہ دولت بہ طاعت، توان یافتن.

مگر قاعدو، ڪرمنل بيگمان،
کشاید، درِ دولتِ جاودان.

غلط آهہ سمجهو، جنهين بيخبر،
کہ بالای طاعت نہ باشد هنر.

اٿي خوب تون خلق ساري آزار،
کہ فردا ز آتش شوي رستگار.

سکي کر قلم ياد قانون وار،
کہ حاصل کني، دولت پائدار.

وکالت جو ڏئي اچ، سگهو امتحان،
کہ روشن ز خورشيد باشد جهان.

وٺي پوءِ کوڙا مقدما ٻہ-چار،
در اقليم دولت شوي شهريار.

تون پيشاب پنهنجي کي هلندي ۾ هار،
کہ جنت بود جاءِ پرهيزگار.

جو پٽ ڪچرن سان هجي، تنهنجو هوز،(۱)
کہ چون نيک بختان شوي نيک روز.

کري جو گيلا پيو گهٽي، ساڻ گار،
نہ ترسد ز آسيبِ روزِ شمار.

ڏيو مہ جبينن کان جيڪو جدا،
کجا باز گردد، بہ-راهِ خدا.

کري وٺ ادا خوب، بوس و کنار،
کہ فردا نہ باشي، ز حق شرمسار.

ڪري دل وچي ساڻ، ڍولک ۽ ساز،
کہ از آب باشد شکر را گداز.

حلال ۽ حرامن جو کر نا حجاب،
کہ پنهان شود نورِ مهر از سحاب.

نہ پيرن فقيرن جي کر پيروي،
کہ ناگہ گرفتارِ دوزخ شوي.

جي وٺندين، تون تن جي مسئلي جي مت،
بود اسفل السافلين منزلت.

---

(۱) هوز، هائوس = گهر.

پڻين چو نہ تون شوقِ دلِ سان شراب،
مکن خانۂ زندگاني خراب.

ٿي ڪوڙن بدوڙن ۾ ثابت قدم،
کہ بي سکہ رائج نہ باشد درم.

خوشامد، برآمد جي کولج زبان،
شوي دوست اندر دلِ دشمنان.

تون ڏي جان، سِرُ، مالُ، عزّت ۽ دل،
کہ در روی جانان نہ باشي خجل.

جهَلي خوب پادر، نہ ٿي تون خفا،
کہ از دوستان مي نيرزد جفا.

تون مُنهن موچڙن کان نہ موڙين مٽان،
مياموز کردار، زشت از زنان.

آڻ سان ہ-ٿي پيگ، دارون آذار،
کہ واجب بود، شڪرِ پروردگار.

نہ ڏي ڪنهن کي مانيءَ مان پنهنجي ٽُڪرَ،
ترا فتح از در، در آيد ز شکر.

سمجھ پھر سيج، پير ڪعبي سنوان،
نہ پيچند زين روی دين پروران.

پٽري ديگ چاڙهج، وَڏي ماڻ پٽَ،
کہ از عالمانؒ، حل شود مشکلت.

پڻو پول، آخر جو دل تان وسار،
شود، دولتت همدم و بختيار.

خبردار! ”سنڌي“ نہ پرسان وهار،
ز تاريکي جهل، گيري کنار.

هلي جو امانت سان سَوَلو سوار،
كجا روز محشر، شود رستگار.

كري پڻكو، پهراڻُ، بوچڻ جي ڏارَ،
كه اورا نيارد كسي در شمار.

كهڻ رسم، پوشاك جي كيمَ كر،
ازو گم شود، نام نيكو پسر.

جو هي چاڻندو سچ، ته ٿئي گنهگار،
ز ’بلبل‘، همين يك سخن ياد دار.

رحيما

رحيما

رحيما، حليما، قديما، قدير،
کري عرض تو اڄ نمائو حقير.
جو آهيان گناهن ۾ ورتل غريق،
رفاقت ۾ شيطانَ جي هم طريق.
نڪا ڪا پڄي ٿي سندنئي بندگي،
گناهن ڪان آهي ٿئي، شرمندگي.
نہ امروزتهي تي ڪيو مون ڌيان،
اجائي وئي عمر ساري زيان.
نہ مون ڪئي عبادت، نہ روزو نماز،
خورد خواب غفلت، هوا حرص و آز.
وئي سڀ حياتي، حرام ۽ وبال،
نڪو موت و محشر جو خوف ۽ خيال.
هي دنيا جا ڌنڌا، جئي پروري،
انهن ۾ امان جي بندي وئي ڪري.
ٻڌاڪون سڻاڪون، ڳلائون بچار،
۽ مايا جي الفت، مصيبت جي مار.
حلال ۽ حرامن جو کهڙو پڇڻ،
پرڻ پيٽ لئي آهہ جهوري جهڇڻ.
ڏسون ويڻا، ماني سگهي شل اچي،
پڪي آ الائي، ٿئي هائي پچي!
خدا شل ڪري، ڪو هجي ٻوڙ جوڙ،
هٿون زنب دهرا، ڪڍون خوب ٽوڙ.
ڦري ماري ٿا پيٽ پنهنجو پليون،
ڪٿي روز دانگي ٿا مٽهن تي مليون.

پري پيٽ، آڪرُجي، سيٺھ جان ساھ،
چئن آهيون سڀي ملڪ جا بادشاھ.

ٿـٿـي ٿھلجي، اوگـرايـون ڏڪار،
پري ڦوڪ تان خواب جو ٿيو خمار.

وڇھي بسترا نـرم، کـاڙھـا پلنگ،
ڪڍون باد جا پيا خدنگ و تفنگ.

سڄي رات ِ سُـڪَ، کھوگھرن جو ٺڪاھ،
نڪا ڏيـن جـي سُـڌِ نہ دنيا سماھ.

جڏھن سج، سوا پَـهـر ڪاني اچي،
اچـا نـنـڊ ڏھين اسان جي سڄي.

آٿـون پـيـر پوٽا، نڌٽکا نڪار،
سلـي آھ چـئن موچڙن واري مـار.

اوپاسيون ۽ آرس، سيئي سَـنـڌ سور،
آٿـن سان پوي، پائخاني جـو پـور.

چڪيون چلم، يا ناس چُڪڙو شراب،
گناھن فـسـادن ۾ خـانـو خـراب.

نہ نالو ڏٽيءَ جو، تـوڪـل نہ توھ،
اھـي پيٽ پٽا، اھـا پـتَ ـ کوھـہ.

سڄو ڏينھن ھـٽ ـ ھـٽ، سڄو ڏينھن تاڻ،
اھي جـوڙ چـٽيون، اھا خاڪ ِ چاڻ.

گرفتار، کـھـرپـار جـي کـوڙ ۾،
عـيـالـن جـي چيھوڙ، پـيـھـوڙ ۾.

ڪُـتَـن جانُ بَـھي، يا گڏھ جانُ وَھي،
سٽينڌي ڪـٽينڌي وڃـي سڄ لَـھي.

جتي پئي لـڳي ويو، ھئون زور جھـتَ،
ويو ڏين ڏَمڙيءَ، تہ ايمان چـٽ.

اسان ڪي نيو نفس، هن نامراد،
شر و شور، شهوت جو فسق و فساد.

آڻ سان لڳي، پيٽ پڻڪو پڙو،
وڃهون وات ۾ ڪو ٽُڪر يا ٽڙو.

تڏهن اک پٽيون، ڪو سُجهي ڪم ڪار،
فريب ۽ دغائون، ڦريون، ڌاڙ مار.

صبح ٿيو ته شيطان جي گهنڊڻي وڳي،
ننڍي ۽ وڏي کي ڪا پٽي لڳي.

ننڍا تان هليا، راندبازي رمي،
وڏا پوک تي ويا، هيا ٿيا ڪمي.

لڳا جن کي پادر، ويا سي پڙهڻ،
سويلو سڪولن جي چاڙهي چڙهڻ.

پڙهيا سي ته ڇا، سي اجايا اکر،
لُچائي، ٺڳي، ٺاٺ، ڪوڙ ۽ مڪر.

نه عربي ادب، نا فقه، نا اصول،
نه ٿي معرفت يا حقيقت حصول.

جي منشي ته ڪيچ ۾ قلمدان ڏس،
سنڌس جعلسازيءَ ۾ جولان ڏس.

جي نوڪر ته رشوت، تغلّب، تمام،
نه سنڌو نه سيڙهو، حلال و حرام.

جفا جور ۽ ظلم و زوري، غصب،
غريبن تي ڦُرمار، غصو غضب.

مٿي ڪوڙ، ڪورٽ ۾ ڪيسن جو ڪم،
آئين آني شاهد، ڪسيري قسم.

زمين ۾ جي بي برڪتي جو حساب،
زميندار، ڪرميءَ جي نيت خراب.

ڪَـنـشـي لاءِ واپـار، بـازار ڏس،
اتي پي ڪُـپـت ڪوڙَ جي ڪار ڏس.

ڪمائيءَ ڪنهين ۾ نہ روزي حلال،
ڪُـپـت ڪـوڙ، لالچ، خيانت خيال.

اهـو پـيـٽ اهـڙو پـَرائـي ٿـو پـَن،
درم ديـن؟ اسان جو تہ ايمان؟ آن.

پـنـائـي، ٿـنـائـي، رُلائـي پـلـيـد،
ڪيو شڪم شيطان؟، زرو زن-مريد.

جي زَن؟ آهي قبلو تہ ڪعبو ٿي زر،
انهن جي اطـاعـت ۾ پـَدجي ڪمر.

مگر زال مـرشـد، تہ زر، غوث پير،
اهـي قـبـلہ عـالـم، اهـي دستگير.

زمين و زر و زن، اسان جي سـراد،
انهن تي ٿئي جهگڙو، انهن تي فساد.

حقيقت ۾ آهـي تـہ زن؟ راهـزن،
زر و مال وَ اولاد، ايـمـان شـڪـن.

انهن ڪي سـڏيـو، خـالـقِ عالمين،
تـہ ”فتنو“ ڪري، يا ”عدوَ مبين“.

اسان جي تـہ آهي، انهن سان پياس،
”عدو“ سان محبت رکون بي شناس.

انـهـن جـو پـيـار آهـي نقصان ۾،
ٽنگو ٽانگ پـالـيـون گـريـبـان ۾.

اسان جو نـذر نفس، پـانـڊي پـگـو،
وهـائـي ڪيو جنهن آ، هوئي-ڍڳـو.

سچو ڏينهن پـوڄـا اٺـون پيٽ جي،
سياري، اونهاري، ڪـتي، چيٽ جي،

چي ماڻهو رهن سور ۾، دردناڪ،
مڙئي جانور ڏيي، انهيءَ ۾ هلاڪ.

ڏکو ڏور، ڏاندو، چرندو پرند،
سين تي سويرو ٿو ڪڙڪي ڪمند.

مَيا مالَ هڪڙا، چڙيا جهنگ ۾،
ٻين کي هنياڙون ٻڌي، تنگ ۾.

ڪنهين تي سواري، ڪي ڍوئين بار،
ڪنهين کيهل ڪاڏي، ڪو هرڦار نار.

ڪنهين ڪوس، ڪارد، قلم، دام بند،
بندوقن ۽ بازن، ڪزن جا ڪزند.

انهن تي ٻه شامت، اسان جي پئي،
پيٽيندي ڪٽيندي، سڄي عمر وئي.

اهو آهي، ماڻهن ميرن جو ته حال،
ڏسو خوب، قدرت جو ڪرتب ڪمال.

غرض آهه سيني کي نفسن جو نيل،
جي ماڻهن کي پيڪو ته ڍورن کي ويل.

حياتيءَ اسان جيءَ تي، صد حيف آهه،
جو ڪوڙن ڪمن جو چڙهيو ڪيف آهه.

خباثت، خساست ۾ خوڪن، خصال،
ڪتن کان به ڪمتر، ميرن جي مثال.

جي صورت ۾ انسانَ آهيون بحال،
ته سيرت، سگ و گرگ، شير و شغال.

جنهين ڪاڻ آيا، ويا سو ڀلي،
عجب، گوڙ گهمسان جي وا، کهلي.

رکو پيٽ پالڻ ۾ سپ ويا مچي،
انهيءَ گند ۽ گار ۾ ويا ڪچي.

جنهين کي ڏسو، سو اتي غرق آ،
ميرن ۽ اسان ۾ نہ ڪو فرق آ.

ميرن ۽ پٽسن جان سڄو ڏينهن رات،
سمهن، ڪاڄ ڪاڻ سندي آھ تات.

مگر سچ، انهن کان بہ آهيون خراب،
جو تن تي نہ آهي، حساب ۽ عذاب.

هتي پڻ اهي ڏي ڇٽا جي ڪٺا،
مگر هاءِ ماڻهو! ٻنهي هنڌ مٺا.

شريعت جو شيوو، ڏنوسون ڇڏي،
وڏوسون گناهن ۾، غفلت گڏي.

وَڏائي وِڏي، ننگ، حرص و آمل،
ڦدوليون وڏا خرچ، خواري، خلل.

لباس نفيسن سندي، ٽنبد تاڻ،
سڪانن جي زينت، سندي زيت زاڻ.

ڪالابند، ڪالر، لڪڙ، هاف بوٽ،
گهڙي، ڪوٽ، پتلون، چشما، چروٽ.

قميصون ڪفن دار، جاڪٽ جراب،
سلپر، سپناتا، سباڻن ٽواب.

ڏنگي سيند، نئيڙا چٽا، مڇ دراز،
ٽوال ۽ ڪنگهي، برش، صابڻ جو ساز.

صفا سر ته ڏاڙهي، چپڙ چٽ، قلم،
زبان تي بہ گئيمٽ رهي دمبدم.

ڪلبي ۾ هجي نيڪٽائي سياهہ،
تہ پرشن يا ترڪش، ڪرسچن ڪلاهہ.

سڄو ڏينهن سيٽي، صبح و شام واڪ،
هجي هٽ ۾ هنٽر، تہ ٽم ٽم ٽڙاڪ.

رکڻ هڪڙو بُل-ڊاگ، آهي ضرور،
نہ، تان ٿيندو، وڏ ساٿهپي ۾ قصور.

مقرر هجي، چانهہ، بسڪٽ جو ٽيم،
تہ جاين جو سينگار، پڪچر فريم.

نصارن جو ڪاڏو، نصارا لباس،
ڪپٽ، ميز، ڪرسي، بتي ۽ گلاس.

نئين طرز پوشاڪ جو ڊيل ڊول،
پراڻي ڪيائين تہ ٿيو، ڊيمر فول.

رلايو تہ شادين غمين جي رسوم،
ڪٽي قرض ڏوڙيو ڪجي، ڏام ڏوم.

سوين ناچ، نخرا، لکين رنگ راڳ،
پٽلا، ٻوڙ جا ڪوڙ، لنگھن جا لاڳ.

خوشامد تي ڪوڙيو، سمورو مٽو،
تڏهن پي، گيلا جو نہ گانگھو لٽو.

جي ڏوڪڙ ڪتا، سي نہ هڙ هنج ٿيا،
پلٽ گنج هڪڙن تہ ٻيا رنج ٿيا.

ٻها تي گناهن کي ٿا مُنهہ ونون،
جهڳُو پينگ، تہ بہ ڪين هنجون هٽون.

جتي شور شر، روح ريجهون اتي،
ٻڌون دهل، آرام جهڻ ٿئي سٽي.

هنپوچيءَ تي ريءَ سنڌ جي هينئڙو هلي،
پوي ناچ جو ڏمسُ، تہ بابا! بلي!!

پري پنڌ، يا رات ڪاري ڪلور،
اکين سان هلڻ جو ٿيو ات ضرور.

ملي جاءِ، ناجاءِ بيٺي ڪرون،
لڳي لٽ، ڪيري پڳ، بہ اکتي مرون.

جهمر ۾ سچي رات پيو جهونجي،
حرام آهي جو اک کٿي ٻوتجي!

ڏکا ڏونڻ دهلن جو سارو ثواب،
نمازن ۾ بيهڻ، نسورو عذاب.

ٻَڌوسون کو ٻارهو ۽ ميلو ته هاءِ،
هلون يار هت، خوب خرچيون ڪَپاءِ.

سڄو ڏينهن، جهيڙن وجهائڻ جي جهورَ،
ٿيا ٻَہ، ته لاوَت ۽ چاوَت ۾ چور.

اچا ڪاٿي جهيڙي جو ٻڪار ٿيو،
هنيون ساهہ، لٿون لٿون، ٻري ٺار ٿيو.

ڪٿي چيٽون پوريون ته ڏهڪار ٿئي،
کو ڪنڪار، سڱکار، ڦهڪار ٿئي.

جي برپا ڪتهين تي، ٿئي کو فساد،
اسان جو شغل، شوق، دل، شاد-شاد.

جي ڪنهن جو تنزّل ۽ نقصان ٿيو،
ٻُڌي خوش خبر، دهن خندان ٿيو.

ملامت ۽ لعنت ۾، کوليون زبان،
گِلا ۽ بُرائيءَ جا آٽيون بيان،

نڌو روح ڪنهن جي ڦدولي سهي،
سوا عيب، جي پيو لڇڻ نا لهي.

پرائي ترقي، سٽي جا ڪنَن،
حَسَد جي وجهي باهہ، ساڙي بدن.

طبع ڪي موافق، گِلا جي غذا،
بدن جي رطوبت، حَسَد ۽ ريا.

اسان جي لياقت تہ غيبت غرور،
اسان جي فضيلت تہ فسق ۽ فجور.

صغائر، ڪبائر، اسان جي صلاح،
گلا، ظلم، بدعت، اسان کي مباح.

اسان وٽ ته ابليس، واندو وتي،
فراغت ۾ فرحان، گهنمي ۽ گهتي.

رهيو جو مذمت ۾ باقي زياد،
ڏياريو، انهيءَ کي، اسان آهي ياد.

اسان جي مدائن کان تيو منفعل،
خرابي اسان جي کان آهي پيچل.

وڏن ون وڏ، اسان جي ڏسي بات هين،
ڏني آهي بدليءَ جي درخواست هين.

چيائين ته: هيت منهنجو، ٿيندو نه داد،
جو هرهڪ هتي ٿيو، سنڌ ۾ اوستاد.

چوي هڪ، گُنُهه تان ڪريون، چار- پنج،
اسان وٽ پيلا ٿيا، گناهن جا گنج.

جي هن کي خبر هوءِ ته، چوڏهين صدي،
کٿي گوءِ ويندي، مون کان، در بدي.

ته هيسين رهڻ جي ڪري ڪانه ها،
جيئڻ لاءِ مهلت وٺي ڪانه ها.

مگر فائدو هن کي هي ٿيو حصول،
جو فقرا گهٽا هيت سکيائين فضول.

سڌاري اسان کان قواعد زبان،
خدا کان گهرون ڪو وري ٻيو جهان.

نفاق ۽ ڏسو ڪفر جا سڀ نشان،
ته کهڙا نه آهن، اسان ۾ عيان.

اسان کان اچي، عار، ايمان کي،
شرارت ۾ ٿيو شرم، شيطان کي.

ڪمائي اسان جي، سڄي ڪوڙ ڪچ،
نہ خالي ريا ڪان نہ صافي نہ سچ.

رکو حظ نفسي ۾ اڏريا هزار،
ڪشالا ڪروڙين، اوجاڳا اپار.

نہ تڪليف تنهن ۾، نہ عذر و قصور،
بدن باغ، دل خوش، تہ سيني سرور.

ٿيو جي نمازن، درودن جو سڏ،
ٻرا، سور صدها، اچي ٿين گڏ.

جي خيرات، صدقي جو ٻڌبو ڪلام،
چڙهي تپ پوو ويندو، بدن تي تمام.

جي هلندي، زڪاتن جي ڪا قال قيل،
سوين عذر معقول، دلبا دليل.

جي گهرندو ڪو پنسو يا ڏوڪڙ فقير،
وٺي باهہ ويندي، اندر چاڪ چير.

جي رنڊيءَ جو فرمان، تان عين فرض،
قضا ڪين ٿيندو، ڪٿون توٽي قرض.

ڪٿي وعظ ٻڌبو، تہ ٿيندي ٻچان،
نہ ايندي جميعت، لچان ۽ پچان.

جي لاچار وهبو تہ دل بي اثر،
اتي پني، دنيا جا خيال ۽ خطر.

اها پند ايندي نہ هرگز پسند،
چوي دل، ڪري شال بڪواس بند.

ٻڌڻ بانگ سان ٿو هٽي نانگ ڏنگ،
وڪوڙي وجهن وسوسا خوب ونگ.

جي چڪلي ۾ وڃبو تہ ٿي چاق چست،
جي مسجد ۾ گهڙبو تہ ماندو ۽ سست.

وڏو وس، جي اچبو، نمازن جي باب،
تہ وٺبا هٿي، چار ٽونگا، شتاب.
جو آلحمد بدران، آتحيات، ڪار،
رڪعتون هُجن ٻہ، تہ چاڙهيونس چار.
اڌو اڌ وضو، وقت ظاهر ضعيف،
بدن روح بيجا تہ نيت نحيف.
قضا، تان قضا جي پڙهي تہ بہ قضا،
دهن ۾ دعا آهي دل ۾ دغا.
نہ ويچار ويهي ڪيون هڪڙو دم،
تہ مربو ۽ پوندو، خدا ساڻ ڪم.
نہ عبرت، نہ حيرت، نہ عقبيٰ تلاش،
زماني جو ڪرٽو تہ مرٽو معاش.
ڪرايا هٺا حرص، حيلا هزار،
تہ پوري پئي ڪين ساري چمار.
جٿين ڳڌ ٿئي ٿو، زر ومال گنج،
تٿين وڌ ٿئي ٿو، تڪلف ۽ رنج.
لُچايون ڪچايون، سدايون ڪري،
بديءَ جا رکيم بار، سر تي پري.
خدايا، سندءِ در ٿي جائي پناه،
ڪري مُنهن سيه، ۽ وئي دل تباه.
گنهگار، بدڪار، بيڪار، بد،
تون پنهنجي ڪرم کان نہ ڪرمون کي رد.
گناهن سندي ڳالهہ، کهڙي ڪريان،
عبادت بہ عصيان جهڙي ڪريان.
گنهہ کان رهي، ڪين پالهي پلڪ،
جو تن جي لکن کان پيا ٿڪجي، ملڪ.

سچو آهي دفتر خطا تي خطا،
خدا تون ئي آهين ڏيو صاحب عطا.

بندي جي ڪرڻ کان ڪيم ڪين بيم،
ٻڌو ٿم ته تون آن غفورالرحيم.

گناهن ۾ ڏيس بيحيا بيپرم،
ڪريما بچائيم، تنهنجو ڪرم.

دقيقو ڇڏيم ڪين عصيان ۾،
تفاوت نه مون ۾ ۽ شيطان ۾.

مگر آهيان رحمت ۾ اميدوار،
رهيو ٿم، اهو آسرو، برقرار.

سدو هوس مون کي مدائي رهاءِ،
چڱو آهين، توکي چڱائي جڳاءِ.

ڪيم پنهنجي لائق تي سڀ بد عمل،
تون ڪر لطف لائق، مٿم ڀي بدل.

ستايون، ستايون ڪري ڏيس سلول،
مٿم سيڙ تو ڏي، محمد رسول.

رلي دربدر، ڪائي ٿاپا ڏڪا،
سنڌ ۾ در ڏي آخر پڳس اي خدا.

هي پانهو پڳل، پرخطا، پرخلل،
رکي ڪم ڏو تو ساڻ، آخر اول.

تون مالڪ اسان جو تون داور ڏٺي،
خطائون سڀئي عفو ڪر تون ڪٺي.

تون معبود منهنجو، پنجان يا ٿهان،
تون مقصود منهنجو ته ڪاڏي وڃان.

خدايا مون کي هن بدين کان بچاءِ،
شقاوت، شرارت، چين کان ڇڏاءِ.

اطاعت ۾ توڙي ڪيون ٿا قصور،
تہ ٻي ڏين، پيو رزق روزي ضرور،
تون اهڙو سخي ۽ سخاوت شعار،
جو هيڪر ڏئين پو نہ آڻين شمار.
نہ عيبن خطائن تي تنهنجي نظر،
سندءِ رحم سيني مٿي سربسر.
پڪڙ تي ٿو، نا گرمجوشي ڪرين،
ڏسي عيب تون، عيب پوشي ڪرين.
خدائيءَ جو لائق تون آهين خدا،
جو سيڪا صفت، تنهنجي بي انتها.
تون اهڙو اسان جو رحيم آهين ربّ،
گهُريو، اڻگهُريو ٿو بنائين سبب.
اميرن جو پرور، غريبن نواز،
تون ئي ساري مخلوق جو ڪارساز.
هتي ٻي ڪيون تو، عطائون عجيب،
اتي ٻي ڪرين، شال رحمت قريب.
مٿس جي ڪيئي مون سان عدل و حساب،
بچيس جي ڪٿيو، تنهنجي بخشش جو باب.
تون ڏاتار آهين، مٿم ڏات ڪر،
سڀئي منهنجا سيئات، حسنات ڪر.
بچائج خدا، شرّ شيطان کان،
نياڻي، نڌر، نفس نادان کان.
گهڻو، صبر ۽ شڪر جو شوق ڏي،
پنهنجي ذڪر ذاتيءَ سندو ذوق ڏي.
ڪرين معرفت ۽ محبّت عطا،
هدايت مٿي، استقامت سدا.
ٿئي خاتمو خير سان با نجات،
بہ حرمت محمدّ عليه الصلوات.

در نعت حضرت نبي کريم

صلي اللّٰه عليه وسلم

خدا پي کريم ۽ محمّد کريم،
پو عاصي کريون کهڙو محشر جو بيم.

محمّد اسان جو شفيع و شفيق،
خدا خُلق اعظم سان خلقيو خليق.

محمّد اسان جو امين ۽ ايمان،
محمّد اسان جو، ضعيفن ضمان.

محمّد اسان لاءِ پشت و پناه،
محمّد، تيو دين جو دستگاه.

محمّد وکيل و محمّد کفيل،
محمّد وسيلو، محمّد جزيل.

محمّد حبيب و محمّد طبيب،
محمّد نجيب و محمّد مجيب.

محمّد مجيد و حميد و حکيم،
محمّد، رسول ۽ رؤف الرّحيم.

محمّد مبشر، بشير و نذير،
محمّد سعيد ۽ سراجاً منير.

محمّد مزمّل، احيد و وحيد،
محمّد مطهّر، شهير و شهيد.

محمّد وليّ و قويّ و امين،
محمّد مکين و متين و مبين.

محمّد علوّشان، عالي نسب،
قريشي و عربي و امّي لقب.

محمّد مکمّل، جميل و لطيف،
ابوالقاسم و هاشمي و شريف.

محمدﷺ ٿيو مظهر ذاتِ حق،
ڪيائين قمر، مانُ انگشت شق.

محمدﷺ سچو، سيّد و سرفراز،
محمدﷺ سچو، ربّ عزّت جو راز.

محمدﷺ کي مولا ڏني سروري،
محمدﷺ کي بخشي خدا برتري.

محمدﷺ سچو، پيشوا، مقتدا،
محمدﷺ سچو هادي و رهنما.

محمدﷺ حمايت، محمدﷺ امام،
محمدﷺ عليه الصّلوات و سلام.

در بيان صرف اوقات

اچي هاڻ ٿي، عُمر تنهنجي تمام،
سِٺائي نہ تو طرز و رسم و ڪلام.

سکئين ڪانہ ڪا صاحبائي سِيمّ،
نہ گڊ مارننگ، مٿي ڊِئر، ڪم هيئر.

پڙهي پارسي تون تہ جاهل ٿئين،
وڏي قاف سان، ڪين قابل ٿئين.

ٿئين تون تہ محروم، "سنڌيءَ" سبب،
نہ توکي مليو، ڪوئي "نَر" جو لقب.

رهئين تون نسورو چِٽاٽوئي چَٽ،
ڪو حاصل ڪيو تو نہ سرٽيفڪٽ.

نہ تون ٿئين هڇارا، فصيح اللّسان،
سکئين ڪين ڪي، انگريزي زبان.

وڃائي تو پنهنجا ڇڏيا، ٻئي جهان،
ڏنا ڪين ڪي تو اندا، امتحان.

رونیو، جدیشل، وکالت، وغیر،
کهاڙيءَ سان پنهنجو وڍيئي پاڻَ پير.
عمر ڀي اجائي ٿي بيسود، صرف،
کيئي کين حاصل، ولايت جو شرف.
نه ڊپٽي ٿئين تون نه مختياركار،
ٿئين همسرن ۾ ذليل و خوار.
جي، بي-اي، ٿي، تولئي بعيد از قياس،
ته ميٽرڪيوليشن به ڪيڙئي نه پاس.
جي هين، جج، سي-ايس، ڇٽو تن ڪي جي،
مبارڪ، مبارڪ، سندن ساڻ پيي.
ڇٽي توکي مائٽ، نه سنيريا ڪو سڪ،
مٽون ٿي تنين کي، ڏٺي ڏنجھ ڏڪ.
نه صاحبَ، ڪنهين جو ڪيو تو سلام،
نه ديوان ڪنهن سان، ٿئين همڪلام.
نه ٿئين ماستر، تون ترڙو تپيدار،
نڪي ڏڪَ منشي نه اميدوار.
ڪنهين نوڪريءَ جي نه تو ڪئي تلاش،
رهئين تون ته بيڪار اي بي معاش.
نه آئي ڪا توکي، رفيقن تي ريس،
ندورا جو توکان پري ٿي پليس.

در بيان سخاوت

سخاوت ڪري ڪونه دانا قبول،
سخاوت ڪري جو رهيو بوالفضول.
سخا ۾ ته هڪڙو، خدا آهه بس،
ٻيو پاڻَ ڪي ڪس نه لائي آوَس.

سخاوت ڪري ٿي، سون کي سچو،
سخي آ هميشہ، بکيو ۽ اڃو.

سخا سو ڪري، جو هجي بادشاهہ،
ڪري پيو تہ جهٽ ٿيس خانو تباهہ.

سخا کي سياڻا نہ ڪن ٿا پسند،
سخا کان رهن، دور سڀ هوشمند.

سخيءَ جو هميشہ رهي تنگ دست،
سخاوت ڪيو آهہ، ماڻهن کي پست.

سخاوت ڪري، مفلسيءَ ۾ ملول،
سخاوت ڪرائي ٿي، دعوا دخول.

سخاوت روا ناهہ، انصاف ۾،
سخا ليڪبي آهہ اسراف ۾.

اچوکي سخا آهہ، چندو ۽ فند،
مقدمن ۾ رشوت، پتا، ڦي ۽ ڏنڊ.

وڏو وس ڏجي ناچ يا رنگ ۾،
نهايت تہ ناموس ۽ ننگ ۾.

مناسب سخا جا تہ هي ٿيا عمل،
لباس ۽ جُوا، يا مڪان ۽ محل.

انهن کان سوا، خير خيرات ۾،
سخاوت شمار آهہ بدعات ۾.

در بيان بخل

هجي بخت جنهن کي ٿئي سو بخيل،
بخيلي ڪري سو هجي جو عقيل.

بخل آهي نعمت عجيب و غريب،
ٿئي ڪنهن وڏي نامور کي نصيب.

بخيلي خزاني سندي خيرخواهه،
بخيلي گدا کي بڻائي ٿي شاهه.

بخيلي ته ”گارڊ“ رهي گنج جي،
ريا وام هردم وٺي رنج جي.

بخيليءَ کي عاقل ڪري اختيار،
بخيلي بڻائي، وڏو بختيار.

بخيلي ڪري جو موافق مزاج،
ڪڏهن ڪين تنهن کي رهي احتياج.

بخيلي وڌائي، زر و مال کي،
بخيلي نه هيٺو ڪري حال کي.

خدا کي نه پرواهه، خيرات جي،
نه حاجت زڪات ۽ نه صدقات جي.

سوالين تي آهي، خدا جو ڏمر،
ڇڏي در انهيءَ جو، رُلن دربدر.

نه پورهيو نه ڪارهيو، ٿا ڪن بيخبر،
پيٽ ۽ سيٽ تي ڪَسن ٿا ڪمر.

ڏيڻ پيي، انهن کي نه آهي رَوا،
نه پاراتي ۽، ۽ نڪي منجهه دعا.

رُکي ۽ سُڪي تي ڪجي پيو گذر،
ڏسي ڪونه ٿو پيٽ ڪاڏو، پسر.

نه مهمان کي مٿور ماني ڏجي،
مگر وات جي خوش زباني ڏجي.

ٿئي دين و ايمان، نقصان جان،
تڏهن پيي ڪجي ڪين پيسو زيان.

بخيلن کي آهي، وڏي مدنظر،
سخي، هکڙا بي گڏجي، بي ثمر.

بخيلن کي پرمغز، پيسي جو پور،
سخين کي سدائين، سچائيءَ جو سور.

در بيان تواضع

تواضع ڪرڻ، نيچ عادت خسيس،
تواضع اهي ڪن جي سادا سليس.

تواضع خوشامد جو آهي نشان،
ڪري سو جو، مفلس ۽ محتاجِ نان.

تواضع ڪري، بينوا، بيشعور،
انهيءَ چاپلوسيءَ جو ڪهڙو ضرور.

تواضع غريبن، فقيرن جو ڪم،
تواضع شريفن جي لئي بي پرم.

ڏيو هاڻ هن جهوني 'فيشن' کي ٽن،
ڪيو آهه 'ڊسمس'، علم يافتن.

تواضع ته ڪم، دل گرفتار جو،
رياڪار، مڪار، غدار جو.

تواضع ڦٽائي ٿو ماڻهوءَ جو مان،
تواضع وڃائي ٿو شوڪت ۽ شان.

تواضع ڪري، رفعت و رعب رفع،
تواضع ڪري، دهشت و تاب دفع.

تواضع نه آهي، سيائن صلاح،
تواضع ته آهي، ملوڪن-مزاح.

در بيان تکبّر

تکبّر هجي، خانداني جي خو،
تہ کل عهده داري جو خوشرنگ بو.

تکبّر ۾ آهن، حکومت جا هنڌ،
هميشہ هنّي تو کيلي منجهہ کنڌ.

تکبّر تہ وڏماڻهپيءَ جي ورونهن،
تکبّر هجي، سروريءَ جي بہ سونهن.

تکبّر، تجمّل جو آهي جمال،
تکبّر، جلوو، جوڙ، حشمت جلال.

تکبّر تہ شهرت جو اوچو نشان،
تکبّر تہ آهي، شريفن جو شان.

تکبّر تہ حڪما جو آهي، هنر،
تکبّر تہ اهلِ دوَل جو ثمر.

تکبّر ترشروئي ۽ تندخو،
اهي هرسہ هِن، نسخہء آبرو.

تکبّر سدا آهہ سائي جو ساز،
نسب ۽ حسب لئي نزاڪت ۽ ناز.

تکبّر تہ آهي، سعاون سلوڪ،
رکو منهن، گهنڊي نرڙ ۾، سِٽ ڦوڪ.

برابر کو ويٺو تہ آٿ بي ادب!
کو پيرين پيو نا تہ غصّو غضب.

مگر افسرن، همسرن، کان سوا،
اٿو کنهن جي اکيان نہ رکجي روا.

ميلن جي رسم بد تہ ٻاکر وجهن،
وڏو وس تہ گهرجي، کٿي هٿ ڏين.

خبر چار جي لانـدي، کيکر وڏي،
اسان تان رجسٽر تان ڏاهي ڇڏي.
سلامن جي ورنديءَ ۾ آگر کڻي،
اشارو ڪري، يا ڀرُن جو چڙنَ.
جي بهتر تہ آهي، تڪبر تمام،
نہ ڪنهن سان ڪجي، ڪو ڪلام وسلام.

در بيان علم

جي ڀانئين تہ مولا ٿئي مهربان.
تہ سِک علم تون انگريزي زبان.
انهيءَ علم ٻاجهون، هجي جاهلي،
شقاوت، نحوست سان گڏ ڪاهلي.
جي سنڌي ۽ عربي، پڙهيئي پارسي،
تہ سڏبين وڏو سست ۽ آرسي.
نڪر لاءِ محتاج، بيروزگار،
هجين حاڪمن وٽ، وڏو بيوقار.
پٽيوال پڻ، ڪين توکي ٻڇن،
ڪلارڪ تہ جاهل ۽ احمق سڏن.
رهن رنج توکان، قريب و عزيز،
تہ لائق ٿئين ڪين، اي بي تميز.
جي عزت جهان جي، رکو تنهنجي تش،
پڙهو انگلش، انگلش! انگلش!!
اهو علم، دولت جو آهي دليل،
زياده تہ ”ميٽو“ پڙهي ٿي وڪيل.
اهو علم توکي ڪري، عهده دار،
ڪليڪٽر ۽ ڊپٽي ۽ مختيارڪار.

اهو علم بخشي فضيلت ڪمال،
حڪومت، مزا، عيش، اقبال و مال.

انهيءَ ۾ بلند بخت، نعمت الوف،
انهيءَ علم ڌاران، ڇِسو بيوقوف.

بنائي اهو علم، حاڪم حريف،
رسائي، اهو علم، لنڊن شريف.

در بيان جهل

سنڌيدان، جاهل، سيہ روءِ سخت،
نجس نا اهل، نا خِرَد، خفتہ بخت.

سنڌيدان، ’ڊيمڊ‘، سنڌيدان، ’فول‘،
رڳا جانور، جهنگلي ۽ جُهول.

سنڌيدان جي ڪهڙي آ دسترس،
سنڌيدان جو مانُ، ’ڪو ڊيم‘ بس.

سنڌيدان بيدانش و بيخبر،
انهن سان صحبت نہ گهرجي پسر.

سنڌيدان ڪمبخت، ڪم روزگار،
نہ لائق اضافي، نہ قابل شمار.

سنڌيدان جو ورڪ، ويري خراب،
ويچاري کي آفيسَ ۾ پيي نہ آب.

سنڌيدان کي ڪين ملندو گريڊ،
سنڌي ’ڊَل‘ ۽ ’ويڪ‘ بيڪار، ’بيڊ‘.

سنڌيدان جي ’لسٽ‘ ۾ ’لاسٽ پيي‘،
سنڌيدان کي هڙ بندوقون پري.

جو سنڌيءَ جي ’سروس‘ ۽ سنڌي ’ڊريس‘،
ڪرائي تي ’ڊسمس‘ هلائي تي ’ڪيس‘.

سنڌيدان اهڙا تہ آهين ذليل،
سزا تي انهن جي نہ آهي 'اپيل'.

سنڌيدان ڪم ظرف، ڪيچرو، حقير،
پري پچ انهن کان، جئين تيز، تير.

اڪيثي سنڌي ماڻهو، صدقي جو ساهہ،
پڙهيو جي نہ انگلش تہ ويتر تباهہ.

سنڌيدان محروم سرڪار کان،
انهن جي خورد و پوش اسرار کان.

سنڌيدان کان گهُرَ خدا جي پناهہ،
انهن سان ميلو، قاعدي جو گناهہ.

سنڌيءَ جو وٺي ڪين صاحب، سلام،
سنڌيءَ جو سماعت نہ عرض و ڪلام.

در بيان عدل

ٿيو عدل، رقمن ۾ رپين جو 'رود'،
بنيو عدل، ڪُوڙن ڪمائڻ جو 'ڪود'.

عدالت مهانگيءَ ۾ مدّت گهُري،
رلائي، پنائي، ڦُرائي، ڦري.

سوين 'سيڪشن'، فيصلا اڻ شناس،
تپاس و قياس و هراس و 'ڪراس'.

قلمَ قاعدي جي هلي قال - قيل،
دليل و 'اپيل' و اصيل و وڪيل.

پڇا ۾ جو آيو، سچو با صفا،
ذرو پير ترڪيو تہ ڪائي هوا.

سچا ڪاڪَ ۾ پيا تہ ڪوڙا چٽا،
وڪيلن رکيا خوب، ميڙي متّا.

هجي، عدل پالو، 'پليڊر'، 'پليس'،
رکو کوڙ تي ڪين، ثبوتي سليس.

ڪچي قيد ۾ جو پيو سو سڙڪو،
ڇٽو ڇا؟ سزا هو ته پوکي ڇٽڪو.

وڏي ڪم ويو، ڪورٽن کي اپار،
هلي ڪيس هڪڙو، مهينا ٻه-چار.

اونهاري ۾ حاڪم رهن، ڏيه-ڏور،
سفر جو مقدمات وارن کي سور.

سياري ۾ هر روز جي لڏ-پلاڻ،
کيلبا وتن، سپ سمن دار ساڻ.

رلي ٿين گهٽو رنج، شاهد-گواهه،
ملي ڪين تن کي پتو، خرچ راهه.

وڏا سيءَ ساڙي، سڄي رات هاءِ،
نه ماني نه ٽڪي، نه جا کٽ، نه جاءِ.

ڏهاڙي ڏمر هي ته حاضر رهو،
ويچارن سندو ويو، آهو ۽ سهو.

غرض آهه پيسو عدالت جو ساهه،
جي پيسو ڪٽو، تان عدالت، تباهه.

در بيان ظلم

ڪريان ظلم جي ڳالهه ڪهڙي ادا،
هجي سرخرو حاڪمن سان سدا.

ملي عام ماڻهن کي هن جي مراد،
نوابن، اميرن سندو اوستاد.

زميندار جو آهه زيور ۽ زور،
سپاهين جو سرتاج، ميرن جو مور.

ڏٺي سَرنديءَ وارن کي سرٽيفڪيٽ،
وڪيلن سَندَ نوڪرن جي ٽڪيٽ.

رهي راءِ صاحب جو هردم رفيق،
هجي، خانصاحب جو خاصو خليق.

ٿيو ’جينٽلي-مين‘، جو ’گڊ-فرينڊ‘،
۽ مسترءَ بابُن جي بازيءَ جو ’بينڊ‘.

ڪري ڪونه ڪامورو، ان ۾ قصور،
ٿيو سيني ڪاتن ۾ ان جو عبور.

پيتو پاڻ ڪانءِ، نه ڪو آٿ رکن،
وٺي گشت ۾ گاڏيون، ٽانگا هلن.

سدائين سواريءَ جو آهي سوال،
ڏجي ڪين منشين کي، ڪنهن جي مجال.

هٿن خوب سرسات ۾ بيٺي هٽ،
نه پائي، نه پيسو، نه قيمت، نه ڪٽ.

هٿن بٺ بيگر، ڪري ڏاڙ سار،
لڏائن، پٽائن، ڪرائن شڪار.

جتي ويا، اتي زلزلو، هل، هاڪ،
زميندار، ڪرمي، رعايا، هلاڪ.

ڪمي ڪاري، ڏکڏوڙ ۾ دردناڪ،
ڦر و مار، ڦرڦوٽ، ٻرڙوٽ، ٻاڪ.

در بيان قناعت

قناعت جي معنيٰ سان دل لائجي،
بصر ساڻ ڍوڍي-جوئر، کائجي.

رُکي ماني آهي، نبين جو ڏاج،
قناعت، ڪفايت، ولين جو ڪاج.

قناعت ڪري، سادگيءَ کي قبول،
قناعت تہ آهي، اڪين جو اصول.

پلاءُ، پورڙ، حلوا، مٺايون، ڪباب،
شڪر، شير شربت، سلوٽو شراب.

اهو ڪاج فرعون وارو جناب!
انهن تي وڏو آ، حساب و ڪتاب.

هجي ذات ميوو مٺو، ۽ مٺو،
پٿلي ڪاج ۾ ڪجھ نہ آهي پٺو.

نہ ڏي گوشت-جانور کي هرن جو داغ،
جلائي جگر تو، ڦٽائي دماغ.

جي روغن تہ آهي، نسورو زڪام،
مسالن جي ڪمتيءَ جو رک اهتمام.

مقوي ۽ جائز تہ آهن، هي چار،
مٺي ۽ لسي، ۽ بصر ۽ آچار.

رڪو آنءَ، سبحان! نسوروئي نور،
نہ مٺو نہ چٺو، نڪو سور پور.

قناعت جي معنيٰ نہ ڄاڻن جوان،
خوشامد ۾ ڪن ٿا ضرر ۽ زيان.

قناعت جي معنيٰ تي ڪر خوب غور،
ڪيري ڪين ڪاڻڻ ۾ مانيءَ جو پور.

ڪڪڙ، ڪانءُ، ڦيريون پريندو رهي،
ڪتو ۽ ٻلو، سر تڪيندو رهي.

ٻچو ٻار، ڦٽڪي تہ پاڻي نہ ڏي،
اٿين مفت پنهنجي ڪمائي نہ ڏي.

سوالي، سڏيندي، ڏئي توڻي ساھ،
تہ پٺسي ٻجا، ڏي نہ هڪڙو گراھ.

تون مهمان کي سيل، هکو ۽ ٻکو،
ڀڄهر کن جي ويٺو تہ پاڻهي ٿکو.

ڏنو، منهن نہ هکڙي کي، آڻهون آلي،
تہ اکٿي ٻيو کونہ ايندو هلي.

قناعت جي معنيٰ تہ آهي، کيري،
نہ ڏي سور ماني، ٻوي کو مري.

نکي خير صدقي ۾، هيراء هٿ،
رکي سڌ ڏيندي کنهين وقت وَٽ.

تون هرگز، کڏهن، نقد کي هٿ نہ لاءِ،
رکيو آن" داڻا، هجن تان کپاءِ.

پنهنجي دل تہ هوندي، ڀريل مغز ڀَر،
فضيحت کندي خلق کهڙا آٿَر.

رکيو آهي دنيا ۾ ٻيسي جو دم،
جي هوندو تہ ايندو، ڏکيءَ ويل کم.

در بيان حرص

وڏي حرص ۾ آهہ حکمت حضور،
بنا هن جي، دنيا جو چرخوئي چور.

هوا حرص آهن، ضرورت زمان،
انهن سان ٻدل آهہ سارو جهان.

هوا، حرص دنيا جو سينگار آهہ،
انهن سان تہ هي گرم بازار آهہ.

هي دنيا ۾ جيکو بہ آهي ٿيو فن،
مکان و محل، باغ، بستان، چمن.

زمين و زن و زيورِ زرنگار،
عجائب غرائب، تماشا هزار.

لکين نعمتون، راحتون، عيش و ناز،
سوين سلف-سودا، سڀ ساز باز.

هي سڀ حرص جي آهي حڪمت تمام،
زماني جو سارو مٿس انتظام.

ڏيکاريائين جنت جو نقشو هتي،
مگر ناهي ذمو، سندس پوئتي.

سيٺي شاهه، حڪام، گردن دراز،
انهيءَ جي ٿيا صدقي رهن سرفراز.

جڙيا شال جڳ ۾ ته حرص و هوا،
ڏيکاريائون، ماڻهن کي ڏاڍا مزا.

هوا، حرص ڌاران، هلي ڪٿ جهان،
هوا، حرص آهن، زماني جي جان.

هي اهڙا ته آهين، حرص و هوا،
نڪا تن پڄاڻي، نڪا انتها.

در بيان طاعت

عبادت جي عادت نه آهي، اسان،
نه روزي جي طاقت رهي بيگمان.

عبادت پلي ڪن، نڪما نڪار،
نه ڏيتي نه ليتي، نه ٻچا نه ٻار.

جي ڪم جا پڳل، ماڻهن جا تڙيل،
رنن روڳڙين جا رُلل ۽ مُٺل.

مگر جو هجي، معتبر ۽ سگهين،
ڏکو ڏور ٿيو، چار پارا زمين.

عبادت ۾ سو چو وجائي مهل،
انهن جي ڪري چو نه ٿهور، ٽهل.

ڏکو ڏور ٻُـک، پوک پٺي پيلجي،
ڪري ٿو عبادت، تہ تـَر تيلهجي.

عبادت هـجي، مفلسن کـي روا،
تونـگر تي آهي نہ تڪليف ڪا.

جنهين کي ميلي، رزق روزي وفور،
گـسائي پيو گوڏا، سو کـهڙو ضرور.

خدا جن کي دولت ڏني آهي پاڻ،
عبادت‌جي تن کي هجي کهڙي ڪاڻ.

وري جي‌ڪو حاڪم ٿيو، پو تہ جَسُ،
ذري گهٽ هلائي، خدائي جو وس.

عبادت ڪـُجا، بلڪ معبود ٿئي،
ڦري سو تہ نابود مان بود ٿئي.

هٽي دمزني فـرُّ، فـرعـون جي،
رکي اختياري، سڄي، "نون" جي.

اسان جي عبادت تہ دنيا جا ڪم،
اسان جا ٻچا ٻار، زالـون صنم.

در بيان پرهيزگاري

اسان کي اهو لفظ "سمريز" آهہ،
جو پرهيزگاريءَ کان پرهيز آهہ.

پراڻو ڪو نسخو ٿو ڏسجي ردي،
ڪيو آهہ منسوخ، چوڏهينءَ صدي.

اسان جا وڏا خرچ، ڪثرت عيال،
تہ پرهيزگاري، ڏسـي پائمال.

رکون جي اسان تا، انهيءَ جي نظر،
تہ رهندا اسان جا نہ هي ڪـرُّ، فـر.

جڏهن ان جي ابتڙ اسين ٿا ڪريون،
تڏهن آئي پيٽيون، خزانن ڀريون.
دغا، رشوت و جعلسازي، فريب،
خيانت ۽ چوري، وٺائي ٿي زيب.
جڏهن ڪي ڪجن ٿا، هي حيلا حوال،
تڏهن ٿو هلي، ڪارخانو بحال.

در بيان عصيان

هي عصيان اسان جي ته املاڪ ڇٺو،
مگر نوش ۽ خاص خوراڪ ڇٺو.
گناهن ۾ گذجن، اسان کي ثواب،
ثوابن ڪمائڻ ۾ حرف و حساب.
انهن ساڻ هردم، هيڪاندا رهون،
گهڙي هڪ انهن کان نه واندا وهون.
اٿڻ ۽ وهڻ ۾ انهيءَ جو عمل،
اسان جو گهڻو آهه، ان ۾ دخل.
گناهن ۾ پهچي، خوشي ۽ سرور،
ثوابن ۾ ٿئي نفس، چڪنا ۽ چور.
رڳون، روح، عضوا، سڀئي سَنڌَ بند،
انهن لاءِ حيران، رهن فيض سند.
جي مڪروه آهن، صغير و ڪبير،
سڙيئي اسان لئي، ٿيا دلپذير.
گناهن ۾ چاڙهون، فضيلت آثر،
گناهن ۾ آهيون ته عالي قدر.
ڪٿي جا ڪلارڪ، لکن ٿا جو ”لسٽ“.
ته آهي گناهن ۾ نمبر فرسٽ.

گهٽي ڪان گهٽو، جو آ نمبر شمار،
اهو آ ڪروڙن ۾ هڪڙو هزار.

نہ آهي، انهن جو حساب ۽ نہ حَد،
خدا جو ٿئي رحمؒ غالب تہ رَد.

نہ ڄاڻان ٿو پنهنجي، ڇڙن جو سبب،
مگر ڪو بڻائي، محمدؐ ۽ ربؐ.

ڪريمن ڪي ٿيندي، ڪرمؒ جي نگاھ،
تہ محشر ۾ مون ڪي، ڪندا ڇا گناھ.

در بيان شيطان

هي بزرگ اسان جو پراڻو آ يار،
اسان سان سندس آھ پڪو پيار.

رهيو ڪيرپائي تہ ٻنڌڻ جو دوست،
اسان جو انهيءَ جو، تہ يڪلخت و پوست.

هجي صحبتي، همصلاحو، هميش،
ڇڙ آهي، اسان جو برادر ۽ خويش.

اسان جو تہ ابليس، مونس ۽ جليس،
اسان جو تہ جاني، اسان جو انيس.

اسان جي تہ چشمن جو آهي چراغ،
سندس جاءِ سينو، تہ دل ۽ دماغ.

جڏهن ٿو چوي، تيئن ڪيون، ٿا ضرور،
نہ ڪو عذر معذور نا ڪو قصور.

نچائي، ٽپائي، هٽي ۽ ڪٽي،
اسان سان ڪري ڪيس جيڪي وٽي.

اسان لاءِ آهي، انڌي واري لٽ،
اسان لاءِ آهي، گنگا واري گٽ.

اسان کي سندس آهه نڪ ۾ مهار،
اٿارڻ وهارڻ، سندس اختيار.
اسان پيي سندس آهيون، قائم مقام،
پرايونس ٿا ڪنهن عمل ۾ سلام.
سکياسين تہ اهڙو، فريبن جو فن،
جو بعضي، بَديءَ ۾ وٺايونسِ ڪَن.
ڏَئيي، ينگ مئنَن کي پنهنجو 'سمَن'،
پرئي مڙس هاٿي وَٽيي، 'پينشن'.
خدايا تون هن بد بلا کون بچاءِ،
جو منهنجي پڄڻ جي تہ هٿ ناهہ جاءِ.

در بيان مستي ء شراب

ارے شاپ کيپر، يوئر 'کم هيئر'،
ادهر لائو، اک خوب 'ايزي چيئر'.
پلا، برف 'لمليٽ، سوڈا، يو-مين'،
ادهر لائو 'ٽالر'، ادهر لائو، 'وين'.
'برانڈي' کي بوتل کو ٽيبل پہ لا،
ابهي ايک 'پائونڈ'، هم کو پلا.
سمجهٽا نهين هم ٹمارا 'ڈرام'،
نهين همٹو، بچائو، کچا ٹمام.
ڈکهائو همين ايکشا کاس 'يو'،
کہ ڈونون هو نمبر کي 'ون اينڈ ٹو'.
چکهائو تو 'شمپين' شيري شتاب،
مگر 'بير بوٹر، ٹو وسکي' شراب.
او هو، هو گيا بهول، نوئي کا نام،
بهت لائو جلڈي، اچها 'اولٹام'.

’ڈزن‘ کے ’’ڈزن‘ تم رکھو آنکر،
’یو، گو، اِن پیگ، آء بیگ، سَر‘.
ھمارا بہ کهنا نہ سمجهو گلٹ،
ابهي ٹوڑتا ھے، ٹهمارا کبٹ.
پلائو ’چروٹ‘، اورکهلائو ’فروٹ‘،
کہ بکسیس ڈیٹا ھے، ھم کوٹ بوٹ.
کڈهر ھے ’سرونٹ‘، جلڈي بٹا،
کہ بنـنا ڈوانا ھے، ھم مانگٹا.
سنبهالو ھمارا ٹو، ’اسٹیک کیپ‘،
بچهاؤ ھمارا بچهونا، ’سلیپ‘.
ابهي ڈے کے آٹا ھے، مس’ کو ’وزٹ‘،
کبردار لڑتا ھے، ھم ’بال فٹ.
لکر اوس بگرني، ڈٹا ھے پہلا،
نہ معلوم بکٹا ھے، شکٹا ھے کیا.

در بیان وفا

ابهی ھم نشے میں ھے، ’’واٹھ بال رنس‘،
وفا ھم سمجهتا نهیں، ’’نان سنس‘.
وفا جو ڈِ یو، کنهن وسوڙي کي ڈَس،
اسان جو انهيءَ ساڻ، آهي نہ رَس.
وفا کي اکٿين سال، کاڈو وَبا،
هوا تي اڈامي وئي، چونْ هما.
وفا جي قضا ۾ پوي نانگ ’لانگ‘،
وفا جو ٿيو ’ورڊ‘، دنيا ۾ ’رانگ‘.
وفا جي پچاڙي تہ دوکو دغا،
وفا جو نتيجو تہ آخر جفا.

وفا ڪان تہ آهي، چڱو بيوفا،
وفا جو پيو پير، تان گهر صفا.
وفا سان اسان جو نہ چرخو چلي،
وفا ڪان اسين، پاڻ ويٺا پلي.
ڇپيا عام اخبار ۾ اشتهار،
وفا جي ڪري ڪو نہ بيهر پچار.

در بيان شڪر

اسان سان اهو آهي، لاکو نہ ”رول“،
انهيءَ ڪي ڪيو قاعدي نا قبول.
وِهايون انهيءَ جو اسين ڇو عمل،
جو ورتو اسان آهي، محنت جو قل.
حڪومت، نعم، ناز، عيش و طرب،
اسان کي مليا، محنتن جي سبب.
ڪريون شڪر ڪنهن جو تہ ڇا جو سپاس،
ڪيو آ اسان پاس، ”مينڊو ڪلاس“.
ڏسو جن ڪيو شڪر، ڇا تن ونيو،
جي محنت نتا ڪن، تہ درجو گهٽيو!
اسين حمد ويچها نہ اوڏا سپاس،
اهو امر بلڪل، بعيد از قياس.
ڏيون ”ٽينڪ“ پنهنجي ”ڊيوٽيءَ“ کي ٿا،
جي ”ڪنڊڪٽ، گڊ“ آ تہ هٿن لهڻو ڇا.

در بيان صبر

اهو زرد سگ ٽَوَ، برادر شغال،
انهيءَ جي بہ ڳرندي، اسان وٽ نہ دال.
اهو ٻي اَٽوَ، نسخہء جاهلي،
تہ ڪم همتي، غافلي، ڪاهلي.

ڏسو، صبرُ ۽ صبرُ باجنس ھم،
اھو پي آتو، زهر جو چڻ کو قسم.

اھا آ نبيّن جي ڪوڙي سٽي،
سٽيئي انهن، پنهنجي سِرَ تي مٽي.

پلا ٿيندو، 'ايوب" ڪوري ڪجا،
اسان جي ڪچي، سبڪ توري ڪنجا.

مگر ڳالھ، ھيءَ پوري ناھي ادا،
اھو کھڙو ڳجھ ھو، سو ڄاڻي خدا.

اسين آدمي، عالم اسباب جا،
وٺن تا سبب اھل ارباب جا.

اسين چو ڪريون، صبر، ڏنڊا، ڏنا،
'پڄي ڊاڪ کي نا چئون، ٿو ڪنا!'

توڪلَ مان ڳڌ، صبر و شڪر و رضا،
اھي ٿو فقيرن جا خيالي پلاءَ.

اسين سست چو ٿيون صبوري مزاج،
جو ھر درد جو آهي، پيدا علاج.

تڏهن درد ويندو، جڏهن ٿي دوا،
ڀڄبو، نا ڏئي ماڪ، روئڻ بنا.

تون ھڪ فلسفيءَ جو بجا آڻ فرض،
تہ تو، صبر ۽ شڪر جو کھڙو غرض.

در بيان راستي

ھي سنڌي نمونا، ڪٿان تو وتا،
جو چارئي لڳولڳ بتلا تي بتلا.

وفا، شڪرُ ۽ صبرُ ۽ راستي،
جفا، قهر، ۽ زهر جانُ ڪا سٽي.

اهي غير جنسون نه قابل شنيد،
اسان وٽ نڪي ديدهٔ دهر ديد.

مروّج نه موزون موسوم آهن،
مقامن ۾ رهندي، اها بوم آهه.

لکيو آ نه ڪنهن انگريزي لغت،
نه ڪا 'ڊڪشنري' ۾ ثبوتي صحت.

پرائيءَ سنڌيءَ ۾ اهو لفظ سچ،
اسان جي ته ٻوليءَ ۾ ڪوئين ڪچُ.

اکي هو اهو جانور، خورش عام،
اسان وٽ ته هاڻي ٿيو آ حرام.

پڇون ڇا انهيءَ کي جو آهي عدم،
نه جنهن ساڻ مطلب، نه جنهن ساڻ ڪم.

اجايو وڃايوسون ورقِ ڪتاب،
ڪرايوسون ٽائيم، پنهنجو خراب.

اسان جي انهن سان ملاوت نه آهه،
انهن سان ڪريون ٿا، اسين 'گُڊ-باءِ' !

در بيان دروغ

اها، ها! هي نالي مٺو نامور،
اسان جو ته 'لارڊ'، اسان جو ته 'سَر'.

اسان جو هي ديوان صاحب دروغ،
لياقت، فضيلت جو آهي فروغ.

هي مشهور معروف اوصافَ ۾،
هتان کان وٺي ڪوهه تا قافَ ۾.

هي 'ڪائونسل' زماني جو 'ممبر' مشير،
هي 'لوڪل ڪمشنر'، هي 'پبلڪ' سفير.

وڏي هن جي شوڪت، وڏو هن جو شان،
وڏي هن جي عزّت، وڏو هن جو مان.
چيئرسين، سوسائٽيءَ سنڌ جو،
رڪن، نيشنل ڪانگريس، هند جو.
جي ڪورٽ ۾ تانءَ، هن جي ڪرسي متّي،
سول ۾ سندس آهي، سرسي متّي.
هي آهي وڪيلن سندو رزق روز،
اصيلن ۽ دزدن سندو، درد دوز.
سڀئي قاعدا، 'ڪوڊ' هن جا مطيع،
سندس فيصلا، 'سرڪلر' سڀ وسيع.
هي زينت دهنده زمين و زمان،
هي رونق ڪننده مڪين و مڪان.
اسان جو وظيفو، اسان جو عمل،
اسان جو 'رمارڪ'، اسان جو رمل.
اسان جي 'ٽريٽيءَ' جو ته 'ايڪسٽرا'،
اسان جو ته 'بِل' آ، اسان جو ته 'لا'.
اسان جو ته آهي، وڏو ماسٽر،
اسان جو ته 'جنرل'، بڙو ڊاڪٽر،
اسان جي تدابير جو رهنما،
اسان جي تجاويز جو پيشوا.
اسان جو مدارج، اسان جو مدار،
اسان جو وطيرو، اسان جو وقار.

در بيان گردش فلڪ

ڪيو هاڻ 'سرويس بنڪ' تي نظر،
تفاوت ڪيڏي، قوم جو ڪيو پڌر.
مسلمانَ، هندن ۾ آڏيو تميز،
ته ڪيئن پست هي ٿيا، ته ڪئن هو عزيز.

لقب، واه "ديوان صاحب" وٺيو،
ننڍو وڏو "راءِ صاحب" بڻيو.

ڪيائون ترقي ۽ تعليم ۾،
پکڙجي ويا، ساري اقليم ۾.

جو هڪڙا ته جَج ۽ اسسٽنٽ ٿيا،
ڏسو هڪ ته 'بئريسٽر، ايٽ لا'.

جو هڪڙا ته ڊپٽي ۽ مختيارڪار،
۽ هڪڙا ڪليڪٽر جي دفتر مدار.

جي هڪ هيڊ منشي، ته ٻيا اوورسيئر،
جي هڪ سپروائيزر ته ٻيا انجنيئر.

جي هڪ سب رجسٽرار ته ٻيا فوجدار،
سِوِل جا ڪي ناظر ته سررشتہ دار.

جي هڪ ماسٽر تا ٻيا ڊاڪٽر،
۽ هڪڙا وري، سب انسپيڪٽر.

جي هڪڙا پليڊر، ته ٻيا پبلشر،
جي هڪڙا منيجر ته ٻيا ايڊيٽر.

جي هڪڙا ڪلارڪ ته بابو ٻيا،
ته 'فارسٽ' جا ٿيان، آفيسر ٿيا.

جي هڪ ڊڪ منشي، ته ٻيا تپيدار،
۽ هڪڙا سلحدار يا ٺاٺيدار.

مڙيون ئي آفيسون، انهن جون خريد،
ٿين ڪون ڪاتو ڪو عهدو بعيد.

ڏسو قوم پنهنجي جو هاڻي نمط،
اول تان پڙهو، بسم الله بر غلط.

افيسر جي مَسَ مَسَ ٿيا چار-پنج،
اهي ٿيا اسان لئي، غنيمت ۽ گنج.

انهن کان سوا، ہي ڪريون ھاڻ ڏونَ،
مسلمانَ منشيءَ تہ آنڌي ۾ لوڻ.

جو ھڪڙا، عمر تائين اميدوار،
نهايت تہ ڏڪ بند، يا تپيدار.

جو ھڪڙن کي ليسن، عريضي نويس،
تہ ہيا 'لاسٽ' منشي، سپاهي، پليس.

جو ھڪڙا حوالدار، نائڪ نڪار،
تہ ھڪڙا خلاصي ڏيا کوٽوار.

انهن ۾ بہ آهن، هندو، پائيوار،
جي ڪٿبو تہ تن جو زياده شمار.

وريو واھ، هندن جو وارو ڏسو،
پنهنجي قوم جو آڻ سڌارو ڏسو.

نڪا تن کي غيرت ۽ همّت ٿئي،
تہ پنو، ڏوڙ حاصل هي نعمت ٿئي!

چون ٿا اسان لاءِ بس آهي دين،
اهو عذر تن جو ڪڏهن ہُڏبو ڪين.

رکو دين ہي تيو، اسان کان پري،
'ادهر کے هوئے نا اُدهر کے هوئے'.

هجي ديندداري تہ ہيو چا گهرون،
مگر سُست آهيون نہ اڳتي سرون.

ڏسو هي زماني جي گردش ۽ ڦير،
تہ هو علم ڪنهن جو ۽ ڇاڻن ٿا ڪير.

خدايا اسان جو ڪو وارو وَراءِ،
ڪڍي غار غفلت مان، اڳتي وَڌاءِ.

در بيان تکيه کلام

تون رک ڀروسو، پنھنجي دولت مٿي،
حڪومت، نعمر، ناز، حشمت مٿي.

وڏا بنگلا ۽ بنائج تون باغ،
برفتار، گفتار، عالي دماغ.

اسان جو ٿئي، فرّ، هي فوت ڇا،
اسان کي ساري، ڪندو سوت ڇا.

ملن جا هي دڙڪا، خيالي خطر،
جي ساصل حڪومت تہ کھڙو حذر.

جي ڏڇبو تہ ٿيندو نہ هي ڪاربار،
خورد و پوش، يا عيش و عشرت، بھار.

ڪري وٺ، مزا تون، عجيب و غريب،
ڪہ ديده شود، ٿيو مرڻ يا نصيب.

غرض خوب پنھنجي تون هلندي هلاءِ،
ڀلي ماڻ موجون، ڀلي خوش هنڍاءِ.

در بيان اهل جھان

گھٽائي تہ صاحب، بھادر بلي،
گھٽا راءِ صاحب، دلي، بادلي.

گھٽائي تہ ديوان اعظم عمل،
گھٽا مسٽر و بابو ۽ داس، مل.

گھٽا چند، ۽ سنگ، سي. ايس. سر،
گھٽا، خان، مرزان، سيان، معتبر.

گھٽا ايسر. اي،-ايف. اي، ايل. ايل،
گھٽائي تہ بي. اي، گھٽا ڍنگ ڍيل.

گهڻا آنريري ته سيڪريٽري،
گهڻائي ته سيولن، گهڻا ملٽري.
گهڻا آنريبل، ته "جسٽس دي پيس"،
گهڻا سپرنٽينڊنٽ، ناظم پوليس.
گهڻا رئيس، سردار، پير و فقير،
زميندار، جاگيردار و اعليٰ امير.
وڃائن ٿا وارو، نغارو هٽي،
مگر آهه بيٺي جي بازي ٻٽي.

در بيان دل بستگي دوران

رکيج دل تون اولاد، احباب سان،
رکيج دل تون سامان، اسباب سان.
رکيج دل تون ناموس ۽ ننگ سان،
رکيج دل تون هر راڳ ۽ رنگ سان.
رکيج دل تون، دولت سندي دامَ سان،
رکيج دل تون بس، عيش و آرام سان.
رکيج دل سدا وَهٽ ۽ مال سان،
رکيج دل تون صحبت سندي زال سان.
رکيج دل تون خوراڪ، پوشاڪ سان،
ته دنيا سندي ساري املاڪ سان.
رکيج دل متي عشقبازي ضرور،
شراب و حقو، ڀنگ، فسق و فجور.
رکيج دل مٿي، ننڊ، غفلت مدام،
چڱي ۽ مٺي ڪي، نه ڏي تون سلام.
نه دنيا جي ڪيٽ ڪيٽ نه عقبيٰ جو ڏر،
سڏوئي سڏو ڪول دوزخ جو دَر.

خاتمهء كتاب

خدايا هيءُ جيڪو ڇيو تم تباهه،
ڪيو تم ۽ پنهنجو منهن ۽ ڪاغذ سياهه.

ڏيکاريم جي اقوال، افعال سڀ،
اهي خاص منهنجا ٿيا اعمال سڀ.

قسم آهي، تنهنجو ته ناهي ڪو شڪ،
سڀئي عيب مون بد آئي يڪ بہ يڪ.

هئو حال جيڪو سو ظاهر ڪيم،
مٿي عيب ماڻهن ڪي ماهر ڪيم.

اگرچ ڪجهو ناهي، توکان ڪو غيب،
تڏهن ٻي ڪيم عرض توکي هي عيب.

تون ستّار آهين، ڏي مون کي پناهه،
تون غفّار آهين، عفو ڪر گناهه.

جو اقرار پنهنجا ڪيم سارا ڏوهه،
ته ڪر معاف مون کي نه رک ڪو ستوهه.

رکي آهه 'چارج'، ڏيان ٿو بچاءُ،
محمد وسيلو ۽ ان جو وياءُ.

شفاعت انهن جي ڪرين تون قبول،
مون کي دين و دنيا ٻنهي ڪر حصول.

ڇڏي ڏي هيءِ قيدي، گنهگار بد،
ڪرم ساڻ پنهنجي ڪري 'ڪيس' رد.

ٿئي فيصلو تنهنجو هن پر رقم،
ته تنهنجي قهر تي آ غالب ڪرم.

شفاعت جو توکان وٺي 'سيڪشن'،
ڇڏائين مجابي ڇٽين ۽ پنجن.

مسلمانَ پاڻ ۾ جي آهن عزيز،
انهيءَ ڏوهه، واهر ۾ مون سان رفيق.

خدايا تون سڀني کي بخشج تمام،
بحرمت، محمدؐ عليہ السّلام.

اسان کي به کهرجي، ادا کو پرم،
خدا وٽ ته گهٽ ناهه، رحم و کرم.

ڏسي هي مٿيان، عيب وارا بيان،
رکون کو ادا عاقبت جو ڌيان.

نه مون ۾ رکيو آهه پولو اهو،
سڄي خلق ۾ آهي رولو اهو.

اگرچ گهڻا، نيڪ ڪردار هين،
مگر، ڪنهن نه ڪنهن ۾ گرفتار هين.

پنهنجا عيبَ سڀڪو ڏسي ٿو سگهي،
ڏسي نه، ته هي اعمالنامو پڙهي.

اسان جو چوڻ، وس پڏڻ ڪم سندن،
پڏي پو، عمل پاڻ ڪن يا نه ڪن.

پڙهي روز هي، تازيانو رکو،
نه هڪدم ڏسي، زير زانو رکو.

هي کِلَ مسخريءَ ۾ نه آڻيون شمار،
مگر هي ڏسي ٿيون گهڻو شرمسار.

چوڻ جو چوڻ، کِلّ جي کِلّ آهي،
عمل ۽ ذڪا، لئي وڏي ذِل آهه.

رکيو کِلَ چئي، ان جو فهم آهه ڪم،
پسي حال ٿئي، غور واري کي غم.

جي چاٽون ته جنسي آئو جامِ جم،
ڏئي ٿو جو ڪائي سڪندر جو ڪم.

ڪڍيم ساري دنيا جو نقشو شفاف،
تہ اخلاق فاسد جو 'فوٽو گراف'.
گدا ڪان وٺي تا بہ شاهہ و اسير،
سڀئي هڪ نہ هڪ باب ۾ هين اسير.
اگرچہ سڌائن سعادت مآب،
تہ پي ڪنهن نہ ڪنهن باب جو ٿن عتاب.
ڪيون ڪوڙ دل سان تہ چاڙون صحيح،
ٿي ٿيون، پشيمان صالح صريح.
ظرافت ۾ آندم، نصيحت تمام،
جو پنهنجا ڀين ڪان ڏٺم، عيب جام.
سڄي خلق جو اڄ ڦري ويو خيال،
هي پنهنجو انهن سان آندم مثال.
اهو آهہ لائق، جو عبرت وٺي،
ڏسي عيب پنهنجا، نصيحت وٺي.
سنواريون، سڌاريون، هي عادات خام،
سنڀاليون اسين پاڻ پنهنجو سدام.
اسان پنهنجو ايمان، ٻوڙي ڇڏيو،
دنيا جي پٺيءَ، دين، لوڙهي ڇڏيو.
اسان کي بلا هن ڪيو مبتلا،
بہ فرياد برداد رس، ياخدا.
وسيلا، اسان جي اڇي واهہ ڪر،
تون گمراهہ کي برسر راهہ ڪر.
سڀن مومنن کي تون رک اي رحيم،
هدايت، سعادت، سٽي مستقيم.
اهي روز واڪا ڪيم، سربسر،
ڪريان هاڻ ٿو، قصہ مختصر.

نهم (٩) ماه ذيقعد، جي هيي ڪتاب،
۽ هو سن تيرهن سو تيرهن حساب.
(١٣١٣ھ)

مطابق تہ ٽيويهين (٢٣) اپريل جي،
هئو سال ارڙهن سؤ ڇهانوي.
(١٨٩٦ع)

خمس ڏينهن، ڪيم، هن سندي ابتدا،
ظهر وقت، ۽ ٽين بجي، مهل سا.

ڪيم هڪڙي هفتي ۾ ٿاهي تيار،
هئو حال حاضر سو آندم بہ ڪار.

سليمي، سندي، بي تڪلف بيان،
سڪڻ لاءِ ڪجھ، حاڪماڻي زبان.

مروّج، مٺي ۽ سلوڻي، سچي،
چيم شعر ۾، پڪي يا ڪچي.

جو شاعر ٿيس، ”نيم تر“ ان سبب،
ملوڪن سخن ڪان معافي طلب.

اي ”بلبل“ تي خوش آهين گوهر نگار،
رحيما هي تنهنجي رهي يادگار.

لوٽ: ”رحيما“، ڇاپو پهريون، ١٨٩٦ع، وشن ليٿو پرنٽنگ پريس، ڪراچيءَ جي ڇاپيل نسخي تان ورتل ۽ درست ڪيل. --مرتب

متفرقات

حمد و مناجات

توحيد

اهو خالق جملهٔ ڪون و مڪان ڇئو،
اهو رونقِ ڪاروبارِ جهان ڇئو،
اهو سڀ جو رزاق، روزي رسان ڇئو،
اهو حل ڪُنِ مشڪلِ جانستان ڇئو:
اهو سڀ سندو مُونس و يار سمجهو،
اهوئي معاون، مددگار سمجهو.

خدا جي آهي سلطنت جاوداني،
هلي خاڪمن تي سندس حڪمراني،
سندس ذات آ پاڪ، حادث نہ فاني،
نہ ڪو جوڙ تنهن جو، نہ شاني نہ ثاني:
ڏسو جا بجا، جلوهٔ فضل رب آهہ،
غفور الرّحيم ان جو لائق لقب آهہ.

اهو هڪڙو آ ساري عالم ۾ فائق،
اهو هڪڙو آ مشڪل ڪشائي خلائق،
اهو هڪڙو آ پنهنجي قدرت جو شائق،
اهو هڪڙو آهي، عبادت جي لائق:
نهان آهہ ڪثرت ۾ وحدت جو جلوو،
ٿيو هرسو عيان آهي، قدرت جو جلوو.

اهو باغ ۾ گل، اهو گل ۾ بو آهہ،
اهو باد و آتش، اهو آبجو آهہ،
اهو خندهٔ غنچهٔ خنده رو آهہ،
اهو نغمهٔ طوطيءِ خوش گلو آهہ:
بهار ان جي قدرت جو باغن ۾ آهي،
شميم خدائي، دماغن ۾ آهي.

حمد

تضمين بر كلام حكيم ثنائي رحه

ذاتِ واحد کي جڳائي، وڏ واکاڻ وڏائي،
تو سونهي حمد و ثنا ثابت، ساراهه سدائي،
پائي ڪُلِ پاند ڪڇيءَ ۾ ڏسي ڀَن حرص پيائي،
ملڪا ذڪرِ تو گويم ڪه تو پاڪي و خدائي،
نه روم من به جز آن ره ڪه تو آن ره نه نمائي.

جي ڪرين قادر مون تي ڪو ڪرم، لطف دمادم،
ته ڪڇي ڪين سندءِ ياد سوا، دم نه قدم هم،
نه رکان ڪنهن سان غرض يا نه پوي ڪنهن ۾ ڪوئي ڪم،
همه درگاه تو جويم، همه درگاه تو پويم،
همه توحيد تو گويم ڪه به توحيد سزائي.

سڀ مخلوق، خدائي ٿي مڃي، تنهنجي هي ساري،
ڇا هجي خاڪي ۽ آبي، ڪه هوائي هجي ناري،
پوڇي هر ڪوئي ٿو توکي، اي خدا، خالقِ باري،
تو خداوند يميني تو خداوند يساري،
تو خداوند زميني، تو خداوند سمائي.

تون ڏئين ڪنهن کي اميري، تو ڏئين ڪنهن کي فقيري،
ڪيئي آزاد گهمائين، ڪيئي منجهه دامِ اسيري،
توهه، تنهنجي سان تڪبي ٿو، هتي هر حالِ حقيري،
تو خبيري، تو ڪبيري، تو سميعي تو بصيري،
تو معزّي، تو مذلّي، ملڪ العرش علائي.

نه ڪهين شاهه کي طاقت، جو ڪري تو سان شراڪت،
نه ڪا جنّات کي جرات، نه ڪا ملڪن کي مساوت،
تون اڪيلو نه سندءِ ڪنهن سان، عزازت نه قرابت،
نه نيازت به ولادت، نه به فرزند تو حاجت،
تو جليل الجبروتي، تو امير ال امرائي.

جلوه قدرت

هر بَرَ ۾ بازز ۾، هر بَحر ۾، هر بَنَ ۾،
هر جهنگ ۾ هر رنگ ۾، جبلن ۾، گلشن ۾،
چا لاله و لونگن ۾، چا سنبل و سوسن ۾،
چا نرگس و نسرين ۾، سبزن ۾ نخلن ۾:
چا غنچو ته چا گل آه، چا رنگ ته چا بو آه،
جلوو تنهنجي قدرت جو اي قادرا هرسُو آه.

معشوق ۽ عاشق تون، تون شمع، تون پروانو،
محڪوم تون حاڪم تون، دانا به تون، ديوانو،
ڪٿ عالم، ڪٿ صوفي، ڪٿ مشرب رندانو،
خمخانهء هستي ۾ چڙهي، جلوهٔ مستانو:
جا شئي ٿي چٽي مان مان، سا "تون تون" هو هو آه،
جلوو تنهنجي قدرت جو، اي قادرا هرسو آ.

ڪنهن عشق جي ڪوچي ۾، رستو نه هجي تنهنجو،
ڪنهن آئينهء دل ۾، نقشو نه هجي تنهنجو،
سا دل نه هجي، جنهن ۾، جلوو نه هجي تنهنجو،
سا اک نه هجي، جنهن ۾، غمزو نه هجي تنهنجو:
چا زشتي ۽ چا خوبي، چا خواهش چا خو آه،
جلوو تنهنجي قدرت جو، اي قادرا هرسو آه.

هستيءَ ۾، مستيءَ ۾ چا وحدت و ڪثرت ۾،
چا ذلّت و عزّت ۾، چا عيش ۽ عشرت ۾،
دولت ۾، نڪبت ۾، سيرت ۾، عسرت ۾،
عبرت ۾، فطرت ۾، غيرت ۾، حيرت ۾:
چا مومن چا هندو، چا بهمن و بابو آه،
جلوو تنهنجي قدرت جو، اي قادرا هرسو آه.

هر اسمي، هر جسمي، هر رسمي، هر جنس ۾،
هر ڪنڊ ۾، هر سنڌ ۾، هر راهه ۾، هر ڳنس ۾،
هر وس ۾، بيوس ۾، هر ڪس ۾، ناڪس ۾،
هر رنگ ۾، هر سُر ۾، هر تان ۾، هر رس ۾:
ڇا توب جي ڌان ڌان، ڇا بندوق جي ڌو ڌو آهه،
جلوو تنهنجي قدرت جو، اي قادرا هر سنڌ آهه.

ذات الاهي

الاهي، نڪته دانِ علم و دانائي، هنر تون آن،
خدايا نطق آرائي، زبانِ هر بشر تون آن،
سخن پرداز، جان پرور، حڪيم نڪته ور تون آن،
رکي بس روح جو رايو، انهيءَ ۾ جلوه گر تون آن:
مه و خورشيد ٻئي روشن دلائل، تنهنجي قدرت تي،
گواهي ٿو ڏئي، ذري ۾ ذرو، تنهنجي صنعت تي.

زماني کان ٻڌو آ مون، زمين تنهنجي، زمان تنهنجو،
فلڪ تنهنجو، ملڪ تنهنجا، بشر تنهنجا، جهان تنهنجو،
سمڪ کان تا سما، اي صانع ڪون و مڪان تنهنجو،
سريرِ عرش تنهنجو، فرش تنهنجو لامڪان تنهنجو:
ابد کان تا ازل هوندين، ازل کان تا ابد تون آن،
الاهي ساري عالم ۾، احد تون آن، صمد تون آن.

تون آن

عالم الغيب، اي خدا تون آن،
خالق الارض و السما تون آن.
ساري عالم جي مدعا تون آن،
نيڪ و بد سڀ جو دلربا تون آن.

تون آن سرمو ۽ توتيا تون آن،
رنگ تون، غازه تون، حنا تون آن.

داغ تون، درد تون، دوا تون آن،
زيست تون، مرگ تون، قضا تون آن.

عسر تون، يسر تون، غنا تون آن،
فقر تون، فاقہ تون، سخا تون آن.

نالہ تون، آهَ تون، بُڪا تون آن،
هست تون، حيّ تون، بقا تون آن.

ويچ تون، سور تون، شفا تون آن،
ناز تون، سور تون، شفا تون آن.

حمد

هر وقت حمد گهرجي، اي ذوالجلال تنهنجو،
قدرت جو ڪارخانو، آهي ڪمال تنهنجو.

هرهڪ صفت ۾ آهي، ذاتي ظهور ظاهر،
ساري جهان ۾ آهي، جلوو جمال تنهنجو.

سو سَر نہ آهہ، جنهن ۾، تنهنجي ڪشش نہ آهي،
سا دل نہ آهہ جنهن ۾، ناهي خيال تنهنجو.

جنّت چون ٿا جنهن کي، جيڪو ٻجهي جهنّم،
هو آ جمال تنهنجو، هي آ جلال تنهنجو.

معبود، عبد وچ ۾، هستي، حجاب آهي،
پردي ۾ ٻحر جي آ، گويا وصال تنهنجو.

قالب ۾ نقد جانُ آ، دل ۾ متاع ايمان،
هو ٻي سندءِ امانت هي ٻي آ مال تنهنجو.

دير و حرم ۾، شيخ ۽ زنار بند کي سودا،
قاريءَ کي قال تنهنجو، صوفيءَ کي حال تنهنجو.

ادراڪ کان منزہ، آ ذات پاڪ تنهنجي،
ڪونهي مثال ۽ سَنُ، اي بيمثال تنهنجو.
رزاقَ رزق سڀ کي، تو ريءَ گهرڻي رسائين،
سڀ جو سوال توکي، سڀڪو عيال تنهنجو.
اهڙو سخي جو بخشي، بديون، بلاعوض تو،
سو ڪئن سٽي نہ سائين، "بلبل" سوال تنهنجو.

ياد الله ڪر، دم بر دم

رک وحدت جو عشق خرم،
ڄاڻ صفات کي ذات ۾ ضم،
سارو عالم، آهہ عدَم،
ڪنهن جي شادي، ڪنهن جو غم:
ياد الله ڪر، دم بردم.

هردم، هرجا، هو حق ڄاڻ،
آڻ نہ وچ ۾ پنهنجو پاڻ،
اسم جسم جي تانگھ نہ تاڻ،
وصُل فصل جو لاهہ وَهم:
ياد الله ڪر، دم بردم.

واجب آهي، هيڪ وجود،
ممڪن ناهي، ٻيو موجود،
سوئي عابد، سو معبود،
سوئي قطرو، سوئي يَم:
ياد الله ڪر، دم بردم.

وحدت مان ٿي ڪثرت بازي،
غير نہ پانئج، ڪوئي غازي،
صانع جي ڪل، صنعت سازي،
قدرت جو ڪل آهي ڪم:
ياد الله ڪر، دم بردم.

تون ۾ مان جي وار نہ وائي،
سڀ ۾ آهي ذات سچائي،
ايڪو ايڪ نہ ٻول ٻيائي،
هرڪو آهي، حق سان هم:
ياد الله ڪر، دم بردم.

آدم، سِر الاهي آهي،
حاصل منصب شاهي آهي،
تو ۾ حق آگاهي آهي،
دل جو اعليٰ عرش آتم:
ياد الله ڪر، دم بردم.

ناڪس آهين، منجھ ناسوت،
منزل ماڻ وڃي ملڪوت،
لوڪ لتاڙي، لَهُہ لاهوت،
قابو قابو ڪڍج قدم:
ياد الله ڪر، دم بردم.

جسم ۾ مور نہ رهہ محدود،
بيوس، بيڪس، بي مقصود،
مَلڪن جو تون آن مسجود،
ايڏو توتي قرب ڪرم:
ياد الله ڪر، دم بردم.

”بلبل“ آهين، پل، مهمان،
تنهنجو هي نہ مڪان، زمان،
اصل وطن جو ڏار ڌيان،
فڪر فنا جو رکج فهم:
ياد الله ڪر، دم بردم.

نعت سرور كائنات

(شان رسالت)

تضمين برغزل قدسي رحه

مشڪ، عنبر سان ملیان وات نہ ٿئي پاڪ تبي،
اسم اطهر جو وٺڻ آهہ، بخود، بي ادبي،
بِسم اللّٰه ڪري، وصف، ڪريمن جي ڪبي:
مرحبا، سيدِ مڪي، مدني العربي،
دل و جان باد فدايت، چہ عجب خوش لقبي.

موڙهن سيد جي مچائي نہ ڪو، قادر جو قسم،
حسن ۾ حضرتِ يوسف نہ هنيون، حورن دم،
منهنجي خواجي تي خدا، خوبي ڪئي، ختم ۽ تم:
من بيدل بہ جمالِ تو عجب، حيرانم،
اللّٰه اللّٰه، چہ جمال است، بدين بوالعجبي!

ذات تنهنجيءَ ۾ ظهورو آ سچو نورِ خدا،
ڪيئي حيران، هجي ويا تہ هئي حڪمت ڇا؟
ڪن چاتو آ، اوهان ڪي ۽ خدا ڪي نہ جدا:
نسبتي نيست، بذاتِ تو بني آدم را،
برتر از عالم و آدم، تو چہ عالي نسبي!

نورِ وحدت سان جڙي آهہ سندءِ پاڪ سرشت،
ساري امت جي خبر توکي هجي، زيبا، زشت،
دستِ قدرت ۾ ڏني داوَر، دوزخ ۽ بهشت:
شبِ معراج، عروجِ تو از افلاڪ گذشت،
بہ مقامي ڪه رسيدي، نہ رسد هيچ نبي!

قرب قادر جو آتي جام، جتي تنهنجو قيام،
سورَ، تن دور ٿيا، جيڪي پيا تنهنجيءَ سام،
وس وسنديون ٿيون، چوڌار، سنڌ ۽ چانئي چام:
نخل بستانِ مدينه، ز تو سرسبز مدام،
زان شده شهرهٔ آفاق، به شيرين رطبي.

تو کيو مُلڪ منوّر، ڪري ضايع ظلمات،
هِمّت ۾ تنهنجي اي هادي، ٿي نيڪارن جي نجات،
عاصين کي به، ڇڏائيندين، ڏهاڙي عرصات:
ما همه تشنه لبانيم تو ئي آبِ حيات،
رحم فرما که ز حد مي گذرد، تشنه لبي.

عشق محمد

(تضمين بر غزل مولانا جامي رح)

عشق احمد جي جنهين چوٽ چکي، چاٽ چٽي،
سو ڇٽو غير غمن کان پيو منجهه، عين عشي،
ٻَرَ وڏڪار ۾ ووڙيندو وتي، جئن وحشي:
لي حبيب عربي، مدني قرشي،
که بود درد و غمش، مايهٔ شادي و خوشي.

هي آئم آسون اميدون ته مديني ۾ سران،
گهور گهايل کي ونهيون گهوٽ گهرائيندو گهران،
سو ڪوهن تسي رهي سنڌ ۾ ڪارائي ڪران:
گرچه صد مرحله دور است به پيش نظران،
وجههٔ في نظري، کلّ غداة و عشي.

بات ۽ تات توهان جي ٿي رهي، ڏينهن ۽ رات،
ڪين ڊاپي ٿو تنهنجي ڳالهه ڳنڻ وائي وات،
قول ۽ فعل اوهان جو آ مٺا، قند و نبات:
مصلحت نيست مرا سيري ازين آبِ حيات،
ضعف الله، به هر کلّ زمان عطشي.

رمز راحم جي رسالت جي رکي آ رحمي،
قرب کامل جي قدر جي نہ کندي ع نہ کمي،
خاصيت ان جي پروڙڻ نہ خيالي، وَهمي:
اتي خاموش تو هرکو رهي، عاقل، فهمي،
فهم رازش نہ کنم، او عربي، سن عجمي.

آهي "بلبل" کي سفر سنڌ سندو، باري بند،
جي کرم سان کري قرب اچين، کاڻين کمند،
تہ وجي شال ڏيان، پنهنجي پرين سان پيوند:
'جامي' ارباب وفا، جز رهِ عشقش نہ روند،
سر مبادت گر ازين راه، قدم باز کشي.

رسول اللّٰہ

مخمس بر غزل خسرو رحہ

آڻيان سچ جي شعر ۾، تنهنجي سراپا سرسري،
سارهہ سندي سوداءَ ۾، هيءَ عمر مون ويندي گهري،
تہ بہ ان منجهان هکڙي ذري، پوري نہ ٿي مون کان وري:
اي چهرهٔ زيباءِ تو، رشکِ بتانِ آذري،
هر چند وصفت مي کنم، ليکن ازان بالاتري.

مون ساري عالم ۾ ڏٺا، سهڻا چٽائي سربسر،
سڀ نازنين، ناز آفرين، نازک بدن، نازک نظر،
نقاش قدرت جا ڏٺم، نقشا مڙيئي نادر، مگر:
هرگز نيارد در نظر، نقشي ز رويت خوبتر،
شمسي نہ دانم يا قمر، حوري نہ دانم، يا پري.

جاني هلين ٿو لوڏ مان، لنکي چلين ٿو لاڏ سان،
سايہ مثل آن ٿو تيان، بي ساهہ، بيتاب و توان،
بيهي تہ ٻڌ منهنجو بيان، سائل ٿو مان سِکندو وَتان:
اي راحت و آرام جان، باقد چون سرو روان،
از من مرو، دامن کشان، که آرامِ جانِ مَن بَري.

درياءَ وحدت جو وهي، دل ۾ اهو نالو ندي،
ٿيو ذات واحد پاڪ مان، نروار نور احمدي،
جو ذات آن ۾ گم ٿئي، سالڪ ٿئي سو سرمدي:

من تن شدم، تو جان شدي، من تو شدم، تو من شدي،
تا ڪس نہ گويد بعد زين، من ديگرم، تو ديگري.

جلوه مصطفائي

رخ نور، جلوهٔ مصطفيٰ هو،
خدا جو نور جلال هو،
جو تمام خلق ۾ ٿيو عيّان،
هي ڪمال ان جو ڪمال هو.

تنهنجي ذبح ۾ بہ اي ذي فنون،
لٿي پياس منهنجي ٿي حلق جي،
ڇا نہ آب تنهنجي هو تيغ جو،
اهو آب، آبِ زلال هو.

تنهنجي شوق ۾ مان تہ روز و شب،
رئندو رهيس، جهُرندو رهيس،
سجو ڏينهن رنج و ملال هو،
سڄي رات شوقِ وصال هو.

جڏهن عشق تنهنجي ڪيو اثر،
نہ رهي آ غير جي ڪا خبر،
نڪو جذب هو نڪو وجد هو،
نڪو تال هو نہ ڌمال هو.

تنهنجو آهي "بلبل" بي نوا،
رهي ان تي تنهنجو جي همّت شها،
ٿئي شاهہ ملڪ جو سرورا،
جيئن عبد، تنهنجو بلال هو.

رحمة اللعالمين

جو آيو رحمة اللعالمين، رحمت، جهان بنجي،
ظهورو ذاتِ حق جو ٿيو، نيهان بنجي، عيان بنجي.

مٿن هي دين ٿيو آتم ۽ هي اسلام ٿيو ڪامل،
ڪيائين مشڪلون آسان، امن بنجي، امان بنجي.

جڏهن زيبِ زبان اسهيا، آين تي، سيرَ جي ڪارڻ،
تڏهن چيا ساز ۽ سامان سان ويا آسمان بنجي.

شبِ معراج جي محفل، ملهائي مالڪن ڏس ڪيئن،
محمدؐ ميهمان بنجي، تہ مولا ميزبان بنجي.

پڇان نٿي پار پيغمبر، حجازين سان سلان هيڪر،
جوان بنجي، توان بنجي، روان بنجي، دوان بنجي.

رهان جي رب، حرم نبوي ۾ حاضر، دَمَ حياتيءَ جا،
تہ خاڪِ آستان بنجي، منجهان سلڪِ سگان بنجي.

اوهان جي مدح خواني جي تہ صدقي، بي ثمر "بلبل"،
ويو شيرين بيان، طوطي زبان، شڪر دهان بنجي.

شاهہ رسالت

محمد ميرِ مجلس، مالڪِ هردو سرا آهي،
شهنشاهہِ رسالت، شافعِ روزِ جزا آهي.

مٿي محبوب مدني جو پسي هي مرتبو عالي،
خدا مطلوب مڙني جو، هو مطلوبِ خدا آهي.

ڏسي محراب ابرو کي، ڏين سجدا جي سڪ وارا،
تہ چيا آهي، روا آهي، سزا آهي، بجا آهي.

سندن سڪ سوز فرقت ۾، دمادم درد، غم دل جو،
عطا صحت صفا آهي، دوا آهي، شفا آهي.

اسان جي مير مرسل وٽ، سدا گڏ چئن يارن سان،
وِلا آهي، وَفا آهي، حيا آهي، سخا آهي.

گدائي بي نوا "بلبل" سندي، داتا سنده در تي،
ندا آهي، صدا آهي، دعا آهي، ثنا آهي.

تمنائي دل

هر دوسرا ۾ شاها! شان خدائي گهرجي،
مولا مدد ۾ منهنجي، ڪرم مصطفائي گهرجي.

ڪوڙ و ڪنچو، ڪمينو، آهيان ڪثيف ڪاهل،
صدقي، صديق اڪبر، صدق و صفائي گهرجي.

عادل عمر جو آهي، مون کي اجهو امن لئي،
صاحب حيا جي حرمت، حلم و حيائي گهرجي.

ڪمتر کي ڪنهن به ڪم ۾، هرگز پوي نه مشڪل،
بهر علي، وليءَ جي، مشڪلڪشائي گهرجي.

در پنجتن جو پينو، پاڇي گهري ٿو پاڪر،
تنهن لاءِ ڪپ ۾ لنگهي کي، عفوو عطائي گهرجي.

گذري آ منجهه گناهن، سڀ عمر وئي اجائي،
آذو ڪريم ڪهڙي، ڪنهن جي ڪمائي گهرجي.

آهي نه ڪم ڪريمن، ڪنهن جي عمل ڏسڻ جو،
حرف و حساب ڪان بس، راحم، رهائي گهرجي.

در مصطفيٰ جي دائم، "بلبل" گدائي گهرجي،
محبوب تنهن مٺي جي، مدحت سرائي گهرجي.

مولود شريف

معراج هليو، سرتاج نبيَ، ڪري ويس وڳا، وه واه ٻڌو!
جبريل ٿو صدقي صدقي چئي، اج صلي علا، وه واه ٻڌو!

ٻيڻا مَلَڪ فلڪ جا قطار ڪري،
نِوِڙين، دُرج گهرَ جا نثار ڪري،
هڪبئي کي چئون، جيءُ جانِ فِدا؛
اي نورِ هدا، وه واه ٻڌو!

جي ڪُل مُرسل موجود هئا،
آدم کان وٺي تائين عيسيٰ،
جنهن جنهن تي ڏنو، تنهن تنهن ٿي چيو:
محبوبِ خدا، وه واه ٻڌو!

تو قاب قوسين جو قرب لڌو،
۽ ادنيٰ جو اسرار آڌو،
اُت پردو کڻي حق هيئن چيو:
منهنجو ماهِ لقا، وه واه ٻڌو!

گلزار خدائيءَ جو گُل گُل،
مقصود مڙني مخلوق جو ڪُل،
تنهنجو مدح سرا، مسڪين "بلبل":
بلبل جي صدا، وه واه ٻڌو!

خاتم النبيّين

ٿيو ختم النبي خاتم، نبوت هئي ته اهڙي هئي،
مڙني مخلوقن تي مرسل، رسالت هئي ته اهڙي هئي۔

مجسم رحمت مجسم هو، شهنشاه شافع محشر،
جي رحمت هئي ته اهڙي هئي، شفاعت هئي ته اهڙي هئي۔

نہ ان جي گلبدن کي ميس کيو تنک، کون پيو پاڇو،
لطافت هئي ته اهڙي هئي، نزاڪت هئي ته اهڙي هئي.

ڇڏايو سڀ ڇپن ۽ آفتن کان پنهنجي آمت کي،
نيابت هئي ته اهڙي هئي، سفارت هئي ته اهڙي هئي.

وَتَن ٿا حسن تي حيران مَلَڪ، جن و بشر، حيوان،
جمالت هئي ته اهڙي هئي، ملاحت هئي ته اهڙي هئي.

ٿيا قرآن جي تنزيل کان، فصحاءِ عرب قائل،
فصاحت هئي ته اهڙي هئي، بلاغت هئي ته اهڙي هئي.

سچو اسلام ۾ سابق خليفو، اوّل و اعظم،
جي سبقت هئي ته اهڙي هئي، خلافت هئي ته اهڙي هئي.

فرار ابليس هو فاروق کان، فرقان هم رائي،
جي حشمت هئي ته اهڙي هئي، فراست هئي ته اهڙي هئي.

غنيؓ جي مال جي منّت، سچي تي مصطفیٰ هردم،
جي دولت هئي ته اهڙي هئي، سخاوت هئي ته اهڙي هئي.

عزازت، علم و حڪمت ۾ هئو، حضرت عليؓ اڳرو،
جي عظمت هئي ته اهڙي هئي، عزازت هئي ته اهڙي هئي.

ٿيا سردار شهزادا، شباب اهل جنّت جا،
جي عزّت هئي ته اهڙي هئي، بشارت هئي ته اهڙي هئي.

صحابي ڪُمل سچا سردار جا، اڳواڻ آمت جا،
محبت هئي ته اهڙي هئي، صحابت هئي ته اهڙي هئي.

ائمہ دين جا لائق، چڱا چارئي، سچا رهبر،
جي ملت هئي ته اهڙي هئي، امامت هئي ته اهڙي هئي.

وليّن ۾ وڏو اڪمل، محي الدين ميران آهہ،
ولايت هئي ته اهڙي هئي، ڪرامت هئي ته اهڙي هئي.

بهاريدار روضي جو، وڃي پيلي ٿئي ”بلبل“،
جي خدمت هئي ته اهڙي هئي، شهامت هئي ته اهڙي هئي.

غزل نعتیہ فارسي

شهرهٔ حسن تو از عالم افلاک گذشت،
زان بہ میزان فلک، زهره شرمناک گذشت.

آن مہ حسن، شبي بر اسپ ناز سوار،
صید دلهای بتان، بستہ بہ فتراک گذشت.

کس نہ دیدم ز دلیران جهان شیر صفت،
کہ گہ از کوچۂ آن قاتل بي باک گذشت.

بر سر کوی تو، ای ماہ لقا گاہ بہ بین،
آن کہ دیوانۂ تو، دامن صد چاک گذشت.

"بلبل" شاد کنون باش کہ درکشور عشق،
دست همت، تو چو ازجان، سر افلاک گذشت.

دیدار مدینہ

(اردو)

هے میرے دل کي تمنّا کہ مدینہ دیکھون،
خاتم ختم رسالت کا نگینہ دیکھون.

در پے سکھائے حرم، ساتھ زمین پر سو کر،
جیتے جي رفع سماوات کا زینہ دیکھون.

کنکریان، آنکھ کے پلکون سے رکھون چن چن کر،
خاکروبی سے خدائي کا خزینہ دیکھون.

اي میرے مالک مولا، مین ڈوبا جاتاهون،
بحر عصیان سے شها، پار سفینہ دیکھون.

گلشن کوئے حرم مین هو مزار "بلبل"،
آرزو هے کہ وهان، اپنا دفینہ دیکھون.

قصیده تضمین برقصیده عربي

در نعت

حضور سرکار کائنات

کا الشمس بضوء صباحته، کا القمر بحسن جمالته
الصبح بداء مین طلعته، و اللیل دجی من وفرته

آن بحر عطا، آن بحر سخا، آن نور خدا، شه ارض وسما،
فاق الرسلا، فضلاً و علا، آهدي السبلا لدلالته

آن والي هر عربي عجمي، آن حاکم بر، حربي و ذمي،
کنز الکرم، مولا النعم، هادي الامم لشریعته

باشرف و کمال و جمال نبي، محبوب خدا، امي لقبي،
ازکي النسب، اعلي الحسب، کل العربي في خدمته

آن سید و سرور جن و بشر، اکسیر نظر، اعجاز اثر،
سعت الشجر و نطق الحجر و شق القمر و باشارته

آن شاه رسالت ماه هدا، آن شافع نافع روز جزا،
نال الشرفا و لسلفه عفي، عمّا سلفا، مین امتیه

لولاک لما کش تاج لوا، معراج عطا، شد قرب لقا،
جبریل اتي، لیلة اسري، و الرب دعاه لحضرته

لیتبلغ "بلبل" مدحتنا في شرف حضور وسیلتنا،
و محمدنا، هو سیدنا، فالعزلنا لاجابته

خاتون جنت

(سرائکي)

یا بنت نبي، خاتون جنت، تون خاص کنیز الاهي،
تیکون آپ خداوند بخشي، کل عالم دي شاهي،

حور و قصوران، تابع تيڏي، ماه ڪنون تا ماهي،
ملڪ ابيين خدا دا ڏيندا، عظمت دي آگاهي،
تي آيت تطهير تسان تي، خلقت خاص خدائي:
صدقي صدقي، سائنڻ تيوان، پاڪ نبي دي جائي،
گهين خبران بردے در دےديان، حسن حسين دي مائي!

ڪيا انسان بيان ڪري، اي شوڪت شان تساڏا،
خلق ڪنون، اڪ خلق ڪيتا، رب، نور نشان تساڏا،
جن ملائڪ، حوران اتي پي هئے احسان تساڏا،
"فاتح" تون، "والناس" توڻين، قرآن بيان تساڏا،
ختم نبوت والي، خاتم، تيوڙ تسان تي آئي:
صدقي صدقي، سائنڻ تيوان پاڪ نبي دي جائي،
گهين خبران، بردے در دےديان، حسن حسين دي مائي!

جنت، نعمت، طوبيٰ، ڪوثر، ثمر تساڏي حب دا،
چاهو جنهن ڪون پل وچ بخشو، راز تسان، سب رب دا،
تون سرڪار نبي و علي دي، او شافع امت سب دا،
حوا، مريم، فخر ڪريندين، تيڏي نام نسب دا،
بنت رسول، بتول تساڏي، عزت، پاڪ، وڏائي:
صدقي صدقي، سائنڻ تيوان، پاڪ نبي دي جائي،
گهين خبران، بردے در دےديان، حسن حسين دي مائي!

بابا تيڏا، بيشڪ سائنڻ، افسر سب انبيا دا،
خير بشر تي شافع محشر، پيارا دوست خدا دا،
شوهر تيڏا، شير خدا دا، صاحب علم و سخا دا،
عقده ڪشا اي، راه نما اي، فخر سجي فقرا دا،
ڏون شهزادي، بيٽي تيڏي، والي جنت جائي:
صدقي صدقي، سائنڻ تيوان، پاڪ نبي دي جائي،
گهين خبران، بردے در دےديان، حسن حسين دي مائي!

جنت دي جاگير ملي، سرسبز تـي باغ بهاران،
صحن چمن گل گلشن دے وچ، رهن سدا گلزاران،
"بلبل" باغ محبت دے وچ، پڑهن درود هزاران،
ارض کنون افلاک توڑين، بوفيض ديان هبکاران،
تهي شفاعت، شامل تيڏي، شکر کري هر کائي:
صدقي صدقي سانڻ ٿيوان، پاک نبي دي جائيي،
گهين خبران، بردے در دے ديان، حسن حسين دي مائي!

بحر جهان وچ، حب تساڏي ٻيڙي وانگي تاري،
جيکو چڑهيا، سوج گنهه، تون پهتا بيشک پاري،
حيف انهاندے حال آتے، جو منکر هين مرداري،
سخت عذاب حساب کنون، او غرق ٿئي في الناري،
الفت والے شاد هميشان، دشمن سڙن سدائي:
صدقي صدقي سانڻ ٿيوان، پاک نبي دي جائيي،
گهين خبران، بردے در دے ديان، حسن حسين دي مائي!

ظاهر باطن روشن تيکون، امت دا احوالے،
ٻيبي سانڻ، بابل تون کر، پارت، رب دے نالے،
کوئي رفيق، شفيق نه جگ وچ، نا کوئي محرم والے،
باجهه تساڏي بيشک بيشک، سختي وچ سنڀالے،
سوا جناب تساڏي، بيي کا راه نه سجهندي کائي:
صدقي صدقي، سانڻ ٿيوان، پاک نبي دي جائي،
گهين خبران، بردے در دے ديان، حسن حسين دي مائي.

اي بحر کرم رک لاج شرم، مين تيڏي در تي سوالي،
عالي هے سرکار تساڏي، کوئي نه آوے خالي،
کر مقبول، رسول دے صدقي، مدح ميڏي في الحالي،
دهرے ذات ڈيوو سگ در نون، دين و دنيا دے والي،

نا ٿيوان محتاج ڪهين دا، رکّو دامن لائيي :
صدّقي صدقي، سائنءِ ٿيوان، پاڪ نبي دي جائيي،
ڳهن خبران، بردے در دے ديان، حسن حسين دي نائي .

اصلاحي شعر و شاعري

جذبات عرفاني

ڪڏهن جذبات عرفاني، نہ ڪنهن جاهل ۾ رهندا، هين،
مگر هي، قال ۽ احوال، ڪنهن قابل ۾ رهندا، هين .

نہ ڪائي چيز دنيا ۾، چڱائيءَ کان هجي خالي،
هي نظارا نوان، بس، ديدهٔ ڪامل ۾ رهندا، هين .

هنر يا فن سان، فونوگرافر چا ڪيي سگهندو،
تصوّر هي، دماغِ شاعر و فاضل ۾ رهندا، هين .

جنين کي خبط آهي، خال و خط، ابروئے خوبان جو،
اهي شاعر سدائين ، خنجرِ قاتل ۾ رهندا، هين .

خوديءَ ۽ خودنمائيءَ کي تہ، مردانِ خدا ڪيو ندا،
جي دانستہ ۽ ديده صورتِ سائل ۾ رهندا، هين .

خدا رزّاق آهي، ڪيو تون "بلبل" فڪر روزيءَ جو،
اهي پيٽ تا پالين، جي آب و گِل ۾ رهندا، هين .

سير و سياحت

دنيا جا دورَ دادا، گهر کان نيڪرُ تہ ڏسندين،
هر ملڪ جا تماشا، گهرَ کان نيڪرُ تہ ڏسندين.

آهي سفر وسيلو، چا فتح چا ظفر جو،
پڻ سيرَ تن ۾ صدها، گهر کان نيڪر تہ ڏسندين.

عالم سندا تماشا، ڪين جي تہ لاءِ آهن،
صحرا ۽ ڪوهہ، دريا، گهر ڪان نيڪر تہ ڏسندين.

هر ملڪ جي ترقي، هر عهد جي حڪومت،
زر، زور، زشت و خوبا، گهر ڪان نيڪر تہ ڏسندين.

هن وقت ۾ سياحت، هڪ امر لازمي آهہ،
ان جي طلب، تقاضا، گهر ڪان نيڪر تہ ڏسندين.

ڇا ڇا ترقيءَ جا اسباب ٿيا جهان ۾،
واپار، سلف، سودا، گهر ڪان نيڪر تہ ڏسندين.

ڪل ڪائنات جا ڪم، قدرت سندا ڪرشما،
گهڙ ويٺي ڪين ڏسبا، گهر ڪان نيڪر تہ ڏسندين.

جيسين سفر نہ ڪيندين، تيسين نہ مرد ٿيندين،
مردن سندا معرڪا، گهر ڪان نيڪر تہ ڏسندين.

بيڪار ويٺي ويٺي، ڪجهہ بہ نہ ٿيندو "بلبل"،
باغ و بهار بابا، گهر ڪان نيڪر تہ ڏسندين.

آفتاب عالمتاب

واهہ پيارا، سج سونهارا،
چمڪن توکان، چنڊ ۽ تارا،
عالم جا هن توسان آرا،
ڪم ۽ ڪاريون، سارا بارا:
توسان سونهي، سارو منڊل،
تون آن هنڊر، تون آن، هنڊل.

هندو، مجوسي، پشي پوڄاري،
توکي ليکن، ڪٿ اختياري،

آهين تون هڪ، ڪرّه ناري،
ڳورو ڳورو، ڀاري ڀاري:
تو ۾ خاص، خواص، رکايل،
چڪّر، ڦيرا، گهمّرا، منزل.

پوکون توکان، آپجن نپجن،
ڦل ۽ ميوا، رَس ۾ رچَن،
نينگر ڏسندي، توکي خوش ٿين،
ڊوڙن، ڊڪن، نچن، ٽپن:
تنهنجي حرڪت ۾ آ برڪت،
ڪم ۽ ڪاريون، ڪثرت، ڪثرت.

واه ڙي سورج تنهنجي طاقت،
تنهنجي همت، تنهنجي شوڪت،
تنهنجي گرمي، تنهنجي حدّت،
آهن ۾ تنهنجي ڪوسي شدّت:
توکان روشن جڳ آ سارو،
تنهنجي دشمن جو منهن ڪارو.

جاتي تنهنجو تڙڪو ناهي،
تاتي گند ۽ ڪچ مچ آهي،
مونجه، مرض ات آيا ڪاهي،
بانس، بڙانس نہ ويندي ڳاهي:
تنهنجي تابش، آهي تازي،
سڀ ڪو توکان، راضي بازي.

تون انڌاري دور ڪرين ٿو،
ڪارنهن ڪل ڪافور ڪرين ٿو،
سارو عالم، نُور ڪرين ٿو،
ماڻهن کي مسرور ڪرين ٿو:

ايئن سان تو سچ سچائين،
نِنڊيا وڏا، ناچ، نچائين.

اڄ نڪتي تنهنجي سيلي،
جاڳي سائين، ٻانهون ٻيلي،

هڻي هڻي ٿي وئي، مهل اويلي،
گهوڙا گهوڙا، علي، عيلي!

اٿو اٿو، جاڳو جاڳو،
ڊوڙو ڊوڙو، ڀاڳو ڀاڳو.

توسان آهي، هي جڳ جاري،
ٻادل، ٻاري، ٻاغ بهاري،

سبزي، ساوڪ، گل گلزاري،
تنهنجي منهنجي آهي ياري:

توکان تازا سوسن سنبل،
سون کان موزون، "آهِ بلبل".

صبح جو ويلو آ اربيلو،
سهڻو سهڻو سهڻو سويلو.

جاڳي، گابر، گاگن، گيلو،
ٻانيڻ، ملا، چاڪر، چيلو:

وڃندا ڳهنڊ ڳهڙيال نفيلون،
ٻانگ صلواة جون ٻڌجن زيلون.

رات

واه ڇا رات جي آيات، بيانات ڪيئي،
شبِ ظلمات جي هر بات ڪي اثبات ڪيئي.

سڀ حسنات ۽ سيئات ڪي عرفات ڪيئي،
منجهه طلسمات، خيالات، ڪرامات ڪيئي.

چو نہ پو چنجي، تہ "بلبل" هي نواخانيءَ ۾،
سيّدالشعراء، سيّد کي سخندانيءَ ۾ (۱).

احساس ملت

کنهين کي اڄ ڪشش قومي ڪمن ۾ ڪانہ ٿي ڏسجي،
دلين ۾ آهي جيڪي، سا دَهن ۾ ڪانہ ٿي ڏسجي.

بنائڻ قوم کي اسلام جي احڪام تي قائم،
مٿيا، اهڙي مسلمان جي مَنَ ۾، ڪانہ ٿي ڏسجي.

سچي تحريڪ، تهدل سان هجي، جا قوم جي ڪارڻ،
نہ ڪنهن اخبار ۾ يا انجمن ۾ ڪانہ ٿي ڏسجي.

نہ پيرن ۾ رهي پيري، نہ فقراء ۾ فقيري آهہ،
عمل ۽ بي ريائي، عالمن ۾ ڪانہ ٿي ڏسجي.

وڏيرن کي هجي وائي، رکو ڪوڙيءَ وڏائيءَ جي،
اها انصاف جي اک حاڪمن ۾ ڪانہ ٿي ڏسجي.

اچي ڪيئن موعظة بالحسنة وَ حڪمہ، ڪرڻ هائي،
اها وائي، سچائي واعظن ۾ ڪانہ ٿي ڏسجي.

جي دنيا سان رکي دل، دوستي ٿا دين جي وڪڻن،
محبّت پنهنجي ملّت جي، مُلّن ۾ ڪانہ ڏسجي.

ويا حڪمت هلائي، طمع جا جي ڪين ها طالب،
شفا تن جهڙي، اڄ ڪنهن جي هٿن ۾ ڪانہ ڏسجي.

ٿي آهي جوٽ سپ جوتش، سمرتي ناهي ساڌن ۾،
سچائي، برهمڻ جي ست-پچن ۾ ڪانہ ڏسجي.

---

(۱) "رات جي بات" سيد شاهنواز شاهہ نڪڙائيءَ جي ڪلام تي، تهنيت ۽ مبارڪ (بلبل).

خبر دين و ڌرم، اخلاق ۽ آداب جي هرگز،
اها ڪاليج ۽ پڻ مدرسن ۾ ڪانه ٿي ڏسجي.

نه ڪنهن مجلس مشائخ ۾، ادا بو، معرفت جي آهه،
جمع دل، قلب جي راحت، قبن ۾ ڪانه ڏسجي.

رهن شيخ و برهمن، شغل دنيا ۾، مگر خالص،
عبادت، مسجدن ۽ مندرن ۾ ڪانه ٿي ڏسجي.

اجالو عقل ۾ ناهي، نه اڄ جي علم ۾ اوجر،
فضيلت فائدي جي، علم و فن ۾ ڪانه ٿي ڏسجي.

نئين تهذيب ۾ اڄ ماڻهوءَ جو ڪو نشان ڪونهي،
نصيحت ناولن ۽ ناٽڪن ۾ ڪانه ٿي ڏسجي.

نه يارن ۾ رهي ڪا يڪدلي، يڪرنگ، يڪرائي،
وفائي، دلبري، اڄ دوستن ۾ ڪانه ٿي ڏسجي.

وڏن جو ڪو ادب، ارڪان ناهي ناشناسن کي،
اها فرمانبري، فرزند و زن ۾ ڪانه ڏسجي.

ننڍيا ٿيا نااهل ناڪس، نياڪا، بي‌حيا بلڪل،
پرائي پاڪبازي، اڄ نوَن ۾ ڪانه ٿي ڏسجي.

اڳي سٽ ڏارين ۾ جا هئي، سڪ ساءَ، حبَ هائي،
اها مهر و محبت، مائٽن ۾ ڪانه ٿي ڏسجي.

هئي جا اجنبي ماڻهن جي الفت، پاڻ ۾ ايڪو،
اها ساڃاهه، ويڳن جي سڳن ۾ ڪانه ٿي ڏسجي.

نه ڪنهن جي نيڪ نيت آهه، نڪا خيرات جي خوبي،
زڪاتن جي ذري، زر، مال، ڌنَ ۾ ڪانه ٿي ڏسجي.

لکين ماڻهو، لکيڙا ها، ليـاقت ۽ فضيلت ۾،
سٽن جي سونهن سوپيا، اڄ ڏهن ۾ ڪانه ٿي ڏسجي.

بصارت جي وئي اک پورجيي، ڪان پيرويءَ پاڪن،
اڳوڻي اوٽ انڌن جي، سڄڻ ۾ ڪانهه ٿي ڏسجي.

مساوات ۽ مسلمانيي، شرافت ۽ نجابت سان،
ثقاهت ۽ وجاهت جي، وڏن ۾ ڪانهه ٿي ڏسجي.

جوانن ۾ هئي جا جوت، ڪلهه طاعت ۽ تقويٰ جيي،
اها اڄ پارسائي، پيرسنن ۾ ڪانهه ٿي ڏسجي.

سخاوت جي عوض، سادات سائل ٿي وتن پنندا،
اها پرهيز، آلِ پنجتن ۾ ڪانهه ٿي ڏسجي.

شغالن کي هئو جو شوق، هن ڪان اڪ شڪارن جو،
ڳواهي اڄ اها ڳرڳِ ڪهن ۾ ڪانهه ٿي ڏسجي.

رهيا من ۾ اسان جي اڄ، ڪدورت، ڪوڙ ۽ ڪينو،
صفائي صاف سينن جيي، بدن ۾ ڪانهه ٿي ڏسجي.

بهاريون، بوند، برساتون، سٿاوا سپ سڪر، ساول،
اها برڪت تہ اڄ بحرن، برن ۾ ڪانهه ٿي ڏسجي.

جنجل، جهيڙا، جنگيون، ڌاڙا، مسلمانن ۾ جي آهن،
عجب، اهڙي ڪا حالت، ڪافرن ۾ ڪانهه ٿي ڏسجي.

بهار آئي، خزان جي مت رهي، ڪيئن باغ ۾ "بلبل"،
اها خوش رنگي ۽ خوشبو، گلن ۾ ڪانهه ٿي ڏسجي.

فنا

اي جاني، هي جڳ فاني تنوَ،
ڪن سائين لوڪ، صدا، بابا!

هيءَ عمرِ روان تہ رواني تنوَ،
آخر تہ فنا، هيي، فنا، بابا!

گيانـي نـہ رهيا، ڏيـانـي نـہ رهيا،
ڪـٿـي جـوتـش-لائـانـي نـہ رهيا؛

ٿـيـا آخــر ســپ فــانـي، نـہ رهيا،
فـانـيءَ کـي نـہ آهـي، بـَقـا، بـابـا!

ڏس، ڪـهـڙا شـاهِ زمـيـن ويـا،
افـسـوس نـہ تـيـن جـا بـاقـي رهيا،

نہ نشانَ رهيا، نہ مڪان٘ نـہ مـڪـين٘،
بـنـگـلا، بـسـتـان٘ ۽ سـرا، بـابـا!

نہ ڪو شاهہ رهـي، نـہ وزيـر رهي،
نـہ ڪـو دانـشـمـنـد، دبـيـر رهـي،

نـہ امـيـر رهـي، نـہ فـقـيـر رهي،
هـڪ رهـنـدو پـاڻ، خـدا، بـابـا!

ڏن، دولـت، خـواب و خـيـال اٿـوَ،
اقـبـال، ڪـمـال، زوال اٿـوَ،

هـيءَ مـيـلـڪَ، پـرائـو مـال اٿـوَ،
پنهنجي نـہ اٿـوَ شـٿـي ڪا، بـابـا!

هن دَم جو قـدم هر، سوي عدم،
سـپ مـوت اڳـيـان ٿينـدا سـرخـم،

هـي نـاز، نـعـم، يـا جـاه و حشم،
ڪنهن سان ڪندا نـہ وفـا، بـابـا!

هـل هيٺون ٿـي، ڪر هـورو هـڏ،
چـڏ مـاڙيـون، ڪر نـہ خزانو گـڏ،

ٿـٿـي آخـر نـيـٺ آجـل جـو سـڏ،
هيءَ ٿـرنـدي ڪـين قـضـا، بـابـا!

آهي سڀ جي قضا ۾ مرگ بلا،
ادني، اعليٰ نہ ڇڏي، اصلا،

فقرا، اغنيا، شعرا، امرا،
حڪما، علما نہ بچا، بابا!

گلزار ۾ گل ڪين رهي،
هن باغ ۾ "بلبل" ڪين رهي،

هي غوغا، غلغل ڪين رهي،
نہ ادا، نہ ندا، نہ صدا، بابا!

خطاب بہ دل

اي دل تون مسافر آهين، دنياي دني ۾،
آ لطف وطن ڪهڙو، غريب الوطني ۾.
پرواني کي حاصل نہ ٿيو، شمع کان هرگز،
جو لطف محبت جو هجي سوختني ۾.
ڪي گنج ۾ گم غرق تہ ڪي رنج ۾ راضي،
ڏس فرق عيان آهہ ڇا، محتاج و غني ۾.
دنيا کي ڪيئي ترڪ تہ جائز نہ طمع مال،
ڪيسا نہ پڌاسون، فقرا جي ڪفني ۾.

تجارت

گهڻو افسوس آ يارو، اسان کي پنهنجي حالت تي،
جو دلداده ٿيا آهيون، سدا يورپ جي عادت تي،
لباس تي، ۽ فيشن تي، تمدن تي، طبيعت تي،
نہ عزت تي نہ دولت تي، نہ محنت تي، نہ صنعت تي:
ولايت جو هلي واپار، ۽ دولت اسان جي آهہ،
سڀ ڏاڪي سندا محتاج! ڇا حالت اسان جي آهہ.

ننڊن ڪي يا وڏن ڪي وات ۾ وائي ولايت آهه،
سوديشي ساز سامان ڪان سڀني کي نفرت آهه،
اسان ۾ ڪانه ڪا اهڙي حميت آ نه همت آهه،
جي ورتايون اسين ديسي شيون، ڪهڙي قباحت آهه:
ڏسو، ان ڪان سواءِ سڀ چيز ورتايون ٿا ٻاهر جي،
گريبان ۾ نهاري، ڪي ڏسو، حالت ادا گهر جي.

اپت، پيداوري ۾، هي اسان جو ملڪ افضل آهه،
زراعت ۾ زياده روز اول ڪان سو اول آهه،
مگر هن ۾ جو عقدو آ، ترقيءَ جو سو لاحل آهه،
وڏايون ملڪ جي صنعت ته اهڙو حق حاصل آهه:
رڪاوٽ ڪين ڪي ان جي ٻٽي ڪا تي نهاني آهه،
اجايو بيوقوفن ۾ پيئي اڄ بدگماني آهه.

اجايا جي ڪيو ٿا خرچ، تن مان ڇا ٿئي حاصل،
توهان جو جنهن ۾ واڌارو ٿئي، ان ۾ رهو شامل،
ولايت مثل، پنهنجي ملڪ کي ڪيو، چونه ٿا قابل،
خدا جي واسطي، صنعت ۽ حرفت ۾ ٿيو شاغل:
ادا اڄ وقت ويهڻ جو نه آ، آرام راحت جو،
مگر آهي، زمانو هي، هنر، حرفت ۽ صنعت جو.

بڻايو ڪارخانا ۽ وڏايو فن و حرفت کي،
وڃايو ملڪ جو افلاس ۽ پنهنجي مصيبت کي،
ڪمايو ديس جي واپار ۾، ڌن، مال دولت کي،
ٻيائي ٻن وڃهي، ايڪو ڪريون، هاريون نه همت کي:
نصيحت هيءَ مڃي منهنجي، هم هرجا هجو يڪدل،
مسلمان يا هجو هندو، ڪه جاهل يا هجو عامل.

ادا ٿيندي پڇاڙي ڪا، اسان جي خوابِ غفلت جي،
رواجن جي ۽ رسمن جي، سچائيءَ جي، مصيبت جي،
ڪنڊڻو ڪا قوم جي، يا ملڪ جي ملّت جي حاجت جي،
ڪسب جي، ڪار جي، تعليم، حرفت جي ۽ صنعت جي:
حقيقت تي رکي بنياد، "بلبل" جو بيان سارو،
اوهان تي ئي، اوهان جو حال، آ جنهن ڪيو عيان سارو.

جماعت بندي

محمد جو فرمان آهي هدايت،
سندن قول آهي، سراسر سعادت،
موافق تي شايان آهي شفاعت،
مخالف تي لاحق آ لعنت، ملامت:
اطاعت ته سنت جماعت ۾ آهي،
اها خوبي، هن خير امت ۾ آهي.

جي ڪنهن جاءِ، اسلام جي انجمن آ،
ته او نور و عرفان جو گويا چمن آ،
اها رسم ئي، پارسائي ڪُهن آ،
جماعت، هدايت جو حبل و رَسَن آ:
هي مسلم کي الفت جو فرمان آهي،
اسان جو اهو دين و ايمان آهي.

هجي دين و ايمان، سرافراز ان ڪان،
ترقي ۽ دولت جو در، باز ان ڪان،
پرائي ٿو، انسان، اعزاز ان ڪان،
کُلي ٿو حقيقت جو سڀ راز ان ڪان:
انهيءَ راز جو اتفاق آهه نالو،
اهو دين جو آهي، حلقو ۽ هالو.

انهيءَ كان جو چڙواڪ، آزاد رهندو،
بلاشڪ هو بي يار، برباد رهندو،
ڪڏهن ڪين دنيا ۾، دلشاد رهندو،
جو پنهنجن سان هڪ آ، سو آباد رهندو:
پُڌو بات ”بلبل“ جي دل سان هنڊائي،
تـو هرهر، اوهان ڪي، چتائي، سڻائي.

مسلمان

اسان جو باصره، حيرت فـزاي عقل و همت آهه،
اسان جو ذائقو عبـرت فروشِ عام نعمت آهه.
اسان جو ناطقو آ، يا ڪليدِ گنـج صنعت آهه،
اسان جا سامعو، گنجينهء صد رازِ فطرت آهه:
اسين چاڻون ٿا گرم و سرد ڪي، لمس انامل سان،
سڃاڻون باس يا خوشبوءِ ٿا، توفيق ڪامل سان.

دماغ آهي، اسان جو داڀلو، هڪ راز قدرت جو،
انهيءَ جي خاني خاني ۾، تماشو آهه صنعت جو،
ڪوئي گهر،عيش جي منزل، ڪوئي خانو مسرّت جو،
ڪوئي ڪاشانهء خوبي، ڪوئي خانو محبت جو:
امانتُ چورخاني ۾، رکيو ٿس، نقد پنهان ڪي،
لکي پيشاني ۾ ٿس، پيش اچڻي آ جا انسانؔ ڪي.

اسان جي شمعِ دل روشن، رکيل سيني جي اندر آ،
نيڙي چمني مثال آهي، ضيا افروزِ نيچر آ،
گلوب ان جي سڻان قابو، اسان جو ڪاسهء سر آ،
زبانؔ ان جي، زبانهء روشني، نطقِ سخنور آ:
الاهي موم بتي دل سندي تـو چا جلائي آ،
ولايت جسم جي، جنهن ڪان سدا روشن نمائي آ.

مکر سچ چئو مسلمانو! اسان ان کي سچاتو کئن؟
خدا جي هيکڙائيءَ جو اسان هي چاڻ چاتو کئن؟
اسان، اسلام جي ملت ۾ آئـي پيچ پاتو کئن؟
عبادت، عشق، عرفان ۽ نظارو، نينهن لاتو کئن:
رسي هيءَ روشنائي سڀ، اسان کي آ رسالت مان،
کڍيو جنهن دين سان، دنيا کي، ٻاهر کفر وظلمت مان.

اهـو مالک رسالت جـو، پيـارو پـاک پيغمبر،
محمد حـامـد و محمود، احمد، راحـم و رهبر،
سـچـو مالک سـپاجهو، سيدؐ ۽ سرتاج ۽ سرور،
شفيع و شافعِ محشر، سخي و ساقي کوثر:
جهانؐ ساري ۾ "بلبل" نور جلوه گر محمدؐ جو،
محمدؐ، حقؐ جو مظهر ۽ حق، مظهر محمدؐ جو.

گرمي

لفظ گرميءَ جو لکان ٿو ته قلم ۾ گرمي،
دل ۾ گرمي، دهن و ديده و دم ۾ گرمي.

گرم مس، کاغذ مضمون جي معنيٰ گرمي،
منجهه هڏن، پير، بدن، پوست، لحم ۾ گرمي.

نور ۾، نـار ۾، هرخشک ۾، تر ۾ گرمي،
وڻج واپار ۾، هر کار ۾، کم ۾ گرمي.

بـاغ ۾، صحن ۾، گـلزار و چمن ۾ گرمي،
گل و "بلبل" ۾، شجر شاخ ۾ نم ۾ گرمي.

—

آهي اڄ سونهن سـراپاي صنم ۾ گرمي،
نـاز و انـداز ۾ ۽ دم ۾ قـدم ۾ گرمي.

گل تي گويا هي، پکهر جو ٿو چڪي آب گلاب،
اک جي شوخيءَ ۾، سندءِ زير ۽ بم ۾ گرمي.

عود و عنبر ٿو جلي، آتش ِ گرمي ۾ عجيب،
زلف ۾، پيچ ۾، هر تار ۾، خم ۾ گرمي.

لب، سندءِ لعل بدخشان ٿو پچي گرميءَ ۾،
دهن ۾، دم ۾ ۽ دندان ۾ ۽ غم ۾ گرمي.

همت هجي، چاڙ ۾، ۽ چيڙ ۾ گرمي ته هتي،
چوم ۾ چڪ ۾ ۽ چڏ چڏ ۾، قسم ۾ گرمي.

آهي، "بلبل" جي بدائع ۾، بيان ۾ گرمي،
نثر ۾ نظم ۾، ڪاغذ ۾، قلم ۾ گرمي.

يتيمن لاءِ امداد

اسان ۾ اي الله العالمين، ايمان پيدا ڪر،
اسان جي فارغ الباليءَ سندو امڪان پيدا ڪر!

اسان ۾ خير جي ڪم جي خدا ڪا آن پيدا ڪر،
خدا، مُرده دلين ۾ جود جي ڪا جان پيدا ڪر!

يتيمن جي ٿئي ياري، سندن ڪو غور غمخواري،
اهي وڻجار، واپاري، ڪي بازرگان پيدا ڪر!

وڻي ٻج واليتامي جو، تقاويءَ سان تقويٰ جي،
جو پوکي پوک عقبيٰ جي، اهو دهقان پيدا ڪر!

يتيمن کي ڪيو آ ياد، خالق گڏ قريبن سان،
ته تون پي پالنا جو گڏ، سندن سامان پيدا ڪر!

يتيمن جو ادا ڏاڍو ڏکيو آ درد بي مُهتو،
انهن جي درد ِ دل جو جلد ڪو درمان پيدا ڪر!

يتيمن تي رکي جو هٿ، خدا جو هٿ انهيءَ تي آهه،
عنايت ايزديءَ جي عونَ جو عنوان پيدا ڪر!

يتيمن لئه "فلاتقهر" ۽ سائل لئه "فلاتنهر"،
ڏٺيءَ جي حڪم جو هر وقت، دل ۾ ڌيان پيدا ڪر!

خدا کا خير جي توفيق، بخشج اهلِ دولت کي،
يتيمن لاءِ يا ربّ، راهه کا آسان پيدا ڪر.

بچائين جي ادا پنهنجي تون ڪيشتي، بحرِ عصيان کان،
يتيمن جي سهاري سان ڪشتيبان پيدا ڪر!

مبارڪ جي ڪرين تون مال دولت، خير و برڪت سان،
يتيمن، بيڪسن جي دلبري جو دان پيدا ڪر!

يتيمن جي ڪري جو ياوري، تنهن جو خداوندا،
متاع و مال افزون، آل صالح شان پيدا ڪر!

"فتح"(١) آهي "محمد" جي، مبارڪ اسم سان شامل،
انهيءَ تحريڪ جو ڪو قدر، قيمت، مانُ پيدا ڪر!

يتيمن لئه ڪراچيءَ ۾ اڏايو خوب ڪو خانو،
سکهو اي "سيٺ عبدالله (٢)" ڪو سامان پيدا ڪر!

ڇپر ۽ ڇانوَ ۾ ويهي، پڙهن، پلجن، ڇنا ڇورا،
دلين ۾ داورا، امداد جو ايمان پيدا ڪر!

يتيمن لئه ٺهي خانو تہ سڀ آباد ٿين خانا،
انهن جي استعانت لاءِ ڪي انسان پيدا ڪر.

سخا جي سروَ جا صلصل ڏين صدقا اچي، "بلبل"،
بلاغت سان تون تبليغ جو بستان، پيدا ڪر!

---

(١) حڪيم فتح محمد سيوهاڻي ۽ سيٺ حاجي عبدالله هارون ڏانهن اشارو، جن ڪراچيءَ ۾ يتيمخانو ٺهرايو.

مزاحيه شاعري

نئون زمانو

ڪھڙ ڪـان نڪتا، نيئونيچر، تاڪ ڌنا، ڌن تاڪ ڌنا!
ميرَ ۾ ٽوپي، هٽ ۾ هنٽر، تاڪ ڌنا، ڌن تاڪ ڌنا.

ٽاپ ٽيپ ۾، آڪڙ شاڪڙ، ڏاڙهي ڪوڙي، مڇون ماڪڙ،
سواري بائيسڪل جي سرسر، تاڪ ڌنا، ڌن تاڪ ڌنا.

ڪالرڪوٽ، قميصون، جاڪٽ، پائن ٽا پتلون ۽ پاڪٽ،
چيچاٽي بوٽن جي چرچر، تاڪ ڌنا، ڌن تاڪ ڌنا.

سيٽي ۽ سگريٽ سدائي، گٽمٽ، ڪٽمٽ، واتَ ۾ وائيسي،
يو-مي، يو-سي، مسٽر، مسٽر، تاڪ ڌنا، ڌن تاڪ ڌنا.

ڪيلَ خوشيءَ ۾ بردم خوردم، ميل جول ۾ وحشي بيدم،
ٽورَ ٽيلن ۾ هربر، هربر، تاڪ ڌنا، ڌن تاڪ ڌنا.

ڪرڪٽ بال ۾ مرد زنانا، ڊوڙن ڊُڪن، تال، ترانا،
هرّي، هرّي، ها، ها، هر، هر، تاڪ ڌنا، ڌن تاڪ ڌنا.

چمچا، ڪانٽا، ڪٽپٽ، ڪڙڪڙ، چيمبر ۾ چيئرس جي ترڙترڙ،
شاش ڪرڻ ۾ بيئر شرشر، تاڪ ڌنا، ڌن تاڪ ڌنا.

ڪينڊي، ڇابڻ، برش طرازي، بوس و ڪنار، ڪتن سان بازي،
فوٽو، فونو، پيانو، پڪچر، تاڪ ڌنا، ڌن تاڪ ڌنا.

جنٽلمين ميسيڻن جا جوڙا، چيلھ ۾ ڀاڪر، ڏوڙا سوڙا،
نچ وي باندر، نچ وي باندر، تاڪ ڌنا، ڌن تاڪ ڌنا.
ڏسج نئون تهذيب نمونو، "بلبل" باطل فيشن جهونو،
بابُوءَ يابُوءَ، سيمر، مڪسچر، تاڪ ڌنا، ڌن تاڪ ڌنا.

نئين تعليم

آہ نئين تعليم ڪري، در جهان انداخته،
حرڪتون شيطان ڦرڦر، در جهان انداخته.

عمر ساري، علم انگريزيءَ اندر پوري ڪري،
هر هنر اخلاق کي گهر، در نهان انداخته.

علم انگلش جو ڏسي، اڄ زور "بلبل" بيگمان،
عقل وارو خر ٿيو درتاب و توان انداخته.

گرچہ ڪارو منهن اٿم، تہ بہ ڪاٺ ناهہ،
ٽوپلو پائي، حماقت ٽو گهران.

ڪاري جو قول

عقل ۾ آئي شريعت کي تمام،
دين و ايمان، پنهنجو غارت ٿو گهران.

پل تہ مرتد هي چون، ملا مگر،
مان تہ انگريزن ۾ عزت ٿو گهران.

لائي چشمو، چست چاڙهي، سوٽ بوٽ،
مثل صاحبلوڪ، صورت ٿو گهران.

گوري جو جواب

گرچہ آهي، تنهنجو مون کان سينو صاف،
ڪاري ماڻهوءَ سان ڪدورت ٿو گهران.

آ لقب لائق ٿيو تنهنجو، 'ڊيم فول"،
مان ڏيڻ توکي نہ عزت ٿو گهران.

حال زار زميندارن

جڏهانڪر پئي رسم سرسات جي،
نہ باقي رهيس ڪوئي سامان نہ رخت.

زميندار ٿي ويا، زبون زار چٽ،
چون چٽ تہ ڪهڙو ٿيو آهہ 'وخت'.

رعايا جون آهون ۽ دانهون سدا،
مڙيون، حاڪمن وٽ، وڃي، گرد تخت.

چوايو هي "بلبل" انهن ڏي آ قول،
'رعيت چون بيخ ست، سلطان درخت.'

گشت جي مصيبت

تنگ سرسات ڪيو، بار الاهي مددي،
بٺ بيگر مددي، سٿونو ۽ گهوڙو مددي.

آهہ ڪاموري سندي، هوڙَ، حرامن ۾ تڪي،
انب، گدرا مددي، ٻڪرو ڪو موڙو مددي.

خوب ٿا گشت ۾ ڪن، پوڇن، سرسات وٺي،
پوري حلوو مددي، پستو ۽ ڦوڙو مددي.

گهٽ ۾ آهي نہ رعيت جي ڪو پائي پيسو،
لٽ لوٽو مددي، صافو ۽ سوٽو مددي.

هيلهہ پائي بہ نہ آهي، جو سڪن ٿا پيجا،
سربرهنہ مددي، صاف لنگوٽو مددي.

جو چوي سچ، سو وٺي ڪين ٿو هرگز "بلبل"،
ڏَڪُ ٻاٽو مددي، ڳاڙ ۽ کهڙو مددي.

ڪارن جي ڪارگذاري

ڪارن جي ڪارگذاري،
'هيپ هيپ هري، هيپ هيپ هري.'
جنٽلمينن جلسا جاري،
'هيپ هيپ هري، هيپ هيپ هري.'
جايون تن جون، هال ۽ ٽاور،
چشما، فرش، فروٽ، فلاور،
لڪچر، پڪچر، ڊنر ڊاري،
'هيپ هيپ هري، هيپ هيپ هري.'
ڪاٺ وداع سلوٽ سلامي،
ٽوپي هٽ ۽ ٽامي ٽامي،
'آءِ. ايم. ويري ساري' پياري،
'هيپ هيپ هري، هيپ هيپ هري.'
باجو، بينڊ، بگل ۽ ٻرگَم،
وايولن جي رين رين، رم رم،
نچڪو ٽپڪو، واري واري،
'هيپ هيپ هري، هيپ هيپ هري.'
ڪوٽ سباڻن سارو ڪارو،
ڊانس بوٽ، ولايت وارو،
ٽوپي ڪاري، سر تي ڪاري،
'هيپ هيپ هري، هيپ هيپ هري.'
ڏاڙهيءَ ساڻ ڏهاڙي جهيڙو،
مڇون ڪانگٽ، وڇونءَ ويڙهو،
سيٽي، لڪڙي، چرخ شماري،
'هيپ هيپ هري، هيپ هيپ هري.'

ڏرم ڪرم ڪي ايسي ويسي،
عادت انگلش مينن جيسي،
ڏيسين جي آ، ڏاري نياري،
"هيپ هيپ هري، هيپ هيپ هري."
گهر ۾ "بلبل" گائون ڏڪائج،
شام صبح جو واڪ وٺائج،
ٻانهن بغل ۾، سنهن تي ڇاري،
"هيپ هيپ هري، هيپ هيپ هري."

وقت حال، نئون سال

هن اخبار کي سال مبارڪ،
گورن کي ناتال مبارڪ.

ڪارن کي 'يو، ڊيم بلڊي'، ٺٺول، لقب في الحال مبارڪ،
هارين کي هرّ، ٻئون بيگر، ڪوڙر، قحط ۽ ڪال مبارڪ.
زور زميندارن تي ڏاڍا، ضبطيون، ظلم، زوال مبارڪ،
هندن کي زر، زور، حڪومت، عزت، مال، اقبال مبارڪ.
اهل اسلام لئي ڏک ڏاڍا، ڪٽيون، آل، عيال مبارڪ،
ڏڪا، ڏوڙا، ميهڻا سيهڻا، قرض جا رنج، ملال مبارڪ.
بيعلمي ۽ جهيڙا، جهڳڙا، جام ٽيا، جنجال مبارڪ،
انگلش مئن کي جاڪٽ پاڪٽ، صابڻ، برش، ٽوال مبارڪ.
ناچ تماشا، نچڻ ٽپڻ، ڪرڪٽ ۽ فٽبال مبارڪ،
افسر عالي کي ٽيو اچڪله، دورو ۽ پڙتال مبارڪ.
مرغيون، ماکيون، مصريون ميوا، بيدا، ميدا، مال مبارڪ،
ڪوڙا ڪيس ۽ ڪوڙا شاهد، فتوئا ٽي في الحال مبارڪ.
واه وڪيل ڪفيل لچن جا، ڏوڙ، دليل، ڏمال مبارڪ،
ممتحنن جي موت، معمّا، سخت جواب، سوال مبارڪ.

اخبارن جا ٺهڪا، ڦهڪا، تيز تعصّب، تال مبارڪ،
قومي جهڳڙا، جهيڙا، جهٽا، چالاڪين جي چال مبارڪ.
حملا، هوڏون، طعنا، ٽنڪا، ڪوڙ، بدوڙ ڪمال مبارڪ،
آهي رفارم جي ٿي رين؟ رين؟، حال نہ آهي، قال مبارڪ.
ڪالج، ڪلب، مدرسا، ميڙا، صدها، سال بسال مبارڪ،
سروس لاءِ سدائين سوالي، پاڪارن پرحال مبارڪ.
حاڪم ڪين پڇن ٿا تن کي، ڪن ٿا، ٽالم ٽال مبارڪ،
پروانا، انعام، عطائون، لنگيون، پوتيون شال مبارڪ.
خاطن جي خوشخبري خاصي، عمدا حال احوال مبارڪ،
ٽنبو ٽوپڻ، لٽنبڙي پوٺي، شعر جو شغل اشغال مبارڪ.
حيف زمانو، آهي مقابل، شير مسان شاهہ شغال مبارڪ،
محبوبن کي آ ناز ڪرشمو، جلوو جوڙ جمال مبارڪ.
مشتاقن کي پنڪو، ڪنڪو، وائي، هجر و وصال مبارڪ،
"بلبل" کي گل، مضمون رنگين، گل کي شاخ، نهال مبارڪ.

پوليس

ڏسو پوليس جو تلبيس ملڪ الموت جان مارو،
مثالِ گرگ ڪاڙهو وات، سرءِ پيو بدن ڪارو.

زوينيو ياڪ سيول جا، اچن تنهنجي مقابل ۾،
ڪتي گربہ ڪتي آ گرگ، فرق آ ڪيترو سارو.
هجي سوناري جو سؤ ٺڪ تہ لوهر ٺو هٽي هڪڙو،
ڪتي جهرڪيون ڪتي ٿيو گرڙ پڪ جو لهس لامارو.
رهن ٿا ديو هيبتناڪ جان ڪبرڙا ڪنسٽيبل،
ڏسو جو وارداتن تي لڳي ٿو تن سندو وارو.
ستمگر سنگدل ٿيا صاف صوبيدار صاحب جن،
رکن ٿا جور جمعدار جابر سي جفا ڪارو.

هجن راکس اهي رهزن سپاهي سڀ وڏا ننڍا،
انسپيڪٽر بهادر ٻرڙ ٻاکس جان رکڻ ٻارو.
پلي پاڱي ڏنو اطلاع جي چوري چڪاريءَ جو،
اچي ٽيندو متي ان گندگارين ويڻ وسڪارو.
يکي نقصانِ مايہ ٻيو شماتت زار همسايہ،
ٽيون پادر پليسي پيو اچي منجهہ ويل ويچارو.
گهرن ٽا گاهہ ۽ داڻو، آٽيو کاٽيون ڪڙ چيلا،
ڪرن ميڙي ڪتا ماڙهو وجهن تن جي متان مارو.
ڪڍيو جي پڻون پتو چوري سندو ڪو ڪن زميندارن،
تہ سڏبو ڪار ۾ هوشيار صوبيدار سوپارو.
نہ ملندو مال ماڳيو يا سمورو جي نہ تن کي پو،
تہ ويکو پاڻ پي پوري ٻڌائيندا اهو پارو.
پري چالان ڪوڙو ڪيس ڪورٽ ۾ ڪندا داخل،
وجهي ڪوڙا سچا شاهد رکي بهتان جو بارو.
رپوٽن ۾ ڪندا ريهون تہ ٽيو بغداد آ بيحد،
هليو آ ڪيس ڪورٽ ۾ سچو هر طرف هڪ پارو.
خدا شل ڏئي پنهہ پوليس جي خوفن ۽ خطرن کان،
انهن جي دوستي آهي، ڪٽڻ سر تي ڪٺو ڪارو.
معافي ٿو گهري ”بلبل“ جي آهي هن ۾ گستاخي،
اگرچہ مون لکيو آهي، سچو احوال هي سارو.

قصيدا

حسنعلي افندي

اڄ مکرّم حسنعلي آهي،
اڄ معظّم حسنعلي آهي.

اهل اسلام لاءِ واهڙ، وڏير،
دين جو دم، حسنعلي آهي.

آسمان اوج ۽ فضيلت جو،
روشن انجم، حسنعلي آهي.

صدر منجهه سنڌ، نائبِ سلطان،
رکن اعظم، حسنعلي آهي.

فيض ۽ علم خواهه دانش ۾،
رشڪ قلزم، حسنعلي آهي.

قدردانيءَ ۽ ميهمانيءَ جو،
مرد منعم، حسنعلي آهي.

فيض ۽ بخت جي جبين روشن،
اسم ارقم، حسنعلي آهي.

دولتِ روم و سنڌ و هند اندر،
اڄ تہ اڪرم، حسنعلي آهي.

قوم جي زخم واسطي بيشڪ،
مثل مرهم، حسنعلي آهي.

روئي گل، فيض و لطف تي "بلبل"،
رونق و غم، حسنعلي آهي.

خانبهادر سید الهندو شاه

ز گلشن فیض تو اي نو بهارم نو بهار آمد،
نسیمِ دلکشا بر درگهت بهرِ نثار آمد.

بحمد الله که شامل حال لطفِ کردگار آمد،
بشارت بر زیارت تو اشارت این دیار آمد.

نهال مال و اقبال و کمال اجلال تو قائم،
به بیخش شاخسار آمد به شاخش برگ و بار آمد.

بنامِ پاک سید میر آندل شاه هر کس را،
زهي امن و امان آمد حصن آمد حصار آمد.

تو گشتي میر محفل آنریبل میمبرِ کونسل،
اهالي سند را صد افتخار و صد وقار آمد.

به تعظیم و به تکریم و به اعزاز و به اکرامت،
مبارک در مبارک صد هزار اندر هزار آمد.

به اسم اعظم به جسم اکرم برادر زور باز و او،
انیس آمد جلیس آمد مجیر و مستجار آمد.

به جسم و جان و دل هر آرزومندي ز الطافت،
توان آمد روان آمد شکیب آمد قرار آمد.

به دل بحر و به کف ابرو به دم عیسيٰ و رخ انور،
عطا آمد سخا آمد شفا آمد چو یار آمد.

قضا تابع قلم طالع سلک خادم فلک مونس،
به نام آمد به کام آمد چو رام آمد چو یار آمد.

به ملک اندر به نظم اندر به رزم اندر به بزم اندر،
امیر آمد دبیر آمد نصیر آمد نگار آمد.

تنت سیماب کفت دریا، دمت شافي، دلت صافي،
به آب آمد به تاب آمد بدیع و بي غبار آمد.

ز انعامت ز انصافت، دعاگو عدل جویان هم،
صغار آمد کبار آمد، قطار اندر قطار آمد.

بہ اصلاحي بہ افلاحي بہ تعليمي و تفهيمي،
نذير آمد بشير آمد قوي داروسدار آمد.

بہ حالِ زار قومِ ما، ز مردم اهل استغنا،
نہ کس را انتظار آمد، نہ جانش بيقرار آمد.

نہ وصفِ فيض و فضل وجودَ بذلت در بيان گنجد،
نہ آنرا اختصار آمد، نہ اين را اقتصار آمد.

سردار محمد يعقوب سي.آء.اي.

وزير خيرپور ميرس

بلبل کو سرِ مدح کہ هر بار هوا هے،
ديکها تو يہ سردار سزاوار ثنا هے،

جو کام هے ان کا وه بجز روئي ريا هے،
جتني کہ کهون ان کي مدح خوب روا هے،

بيان خوبي اوصاف کي کچھ حد نهين هے،
وه فرد هين ايسے کہ کوئي رد نهين هے.

هين منتظمِ حسن تدابيرِ سياست،
هين عقده کشا مهمِ امورات رياست،

نازنده انهين سے هين فن و فهم فراست،
بالنده انهين سے هين امن و عدل قيامت،

هے نسق عيان مملکت آباد هے ان سے،
هان رفق نهان هر کس دلشاد هے ان سے.

هے گرچہ صدر اعظمِ ذي مرتبہ سردار،
پر ان کو نهين کبر نہ خود بيني نہ پندار،

هر بات مین ان کا نهین ثاني کوئي سالار،
اقبال مین اجلال مین افضال مین زنهار؛

انصاف رواني کي يه کمتر هے نشاني،
پيتا هے هرن شير بهي اک گهاٹ په پاني.

وه مخزنِ الطاف و حيا صدق و صفا هين،
وه معدنِ اشفاق و رضا مهر و وفا هين،

وه بحرِ سخا، بذل نوال جود عطا هين،
وه ابرِ کرم مهر ضيا ظلِ هما هين؛

کيا نام پيارا هے محمد مع يعقوب،
کيا خوب هے مرغوب هے محبوب هے مطلوب.

تدبير مين ايسے هين که تسخير جهان هو،
تحرير مين هر نکتهء تنوير عيان هو،

تقرير مين هر پهلوئے تصوير بيان هو،
توقير مين تطهير مين تنظير کهان هو؛

لو جامعِ حسنات هين سردار همارے،
اے سنده مبارک هو يه هين بخت همارے.

دعانامه بحضور خان بهادر محمد ابراهيم خان

سزا هے حمد بذاتِ جنابِ رب جليل،
روا هے نعت به حضرت نبي کريم و جميل.

بجا هے گر مين دعا و ثنا کرون اسکي،
که اک رياستِ اسلاميه کے هين جو کفيل.

وزير دانشور بينظير خوش تدبير،
بلند همّت عالي نظر، امين و عقيل.

خديو خانبهادر محمّد ابراهيم،
خليل احمد و سردار صاحبِ تفضيل.

اگرچہ ابر چھپاتا ہے نور سورج کا،
مگر وہ اور چمکتا ہے با جزائے جزیل.

ہوئے ہین دولت و نعمت کے گر بہت حساد،
تو بس کمال ترقي کي یہ قوي ہے دلیل.

تري محاسن کو دیکھہ دانشہ قدرت،
لگا کي ٹیکہ نظر سے بچائي ہے چو سلیل.

تمھارے نام مبارک کو کیسے آنچ لگے،
کہ نار خود ہوئي گلزار و برد بہر خلیل.

تمھارے یاور و ہمدم علي حسین و حسن،
تمھارا ناظر ہر لحظہ مہبط جبریل.

تمھارے حامي ہین ہر بار چار یار کبار،
تمھارا حافظ ہر آن مصحف تنزیل.

جو تجھہ پہ وار کرے سر پہ اسکے ہو تلوار،
جو تجھہ کو تاکے اسي آنکھہ مین ہو خار مغیل.

قصیدہ بر تشریف آوردن حضور ہائینیس سر آغا خان بہادر

شد از ورود شاہ من مژدہ مسرت موجزن،
از ہر مکان از ہر صحن، از ہر زبان از ہر دہن.

عیش و نشاط و نازگي، سبزي طراوت تازگي،
در گلشن و در گلبن و در ہر دمن در ہر چمن.

در صحن باغ و بوستان نازان و خندان شادمان،
ہر سنبل و ہر سوسن و ہر نرگس و ہر نسترن.

از جلوۂ تشریف شہ در شغل شادي زمزمہ،
ہر محفل و ہر مجلس و ہر مجمع و ہر انجمن.

ما راز نوري روی تو از بس سروري خوی تو،
سر بر فلک تن در طرب دل در فرح جان در جشن.

صد مرحبا صد مرحبا ای مالک مهر و وفا،
فخر جهان بدر زمین پیر زمان میر زمن.

شکرست کز شرف قدم کردي کراچي چون ارم،
روشن ز تو عرب و عجم چین و حبش یورپ یمن.

انوار حق دیدار تو باعث یمن دربار تو،
بي جستجو، بي گفتگو، بي کاست کم بیشک و ظن.

چون خضر کشتي رهنما، عیسیء دم و یوسف لقا،
راحت فزا، مشکلکشا، دافع عنا، رافع محن.

ظاهر ضیا، باطن صفا، شاه ولا، ماه هدا،
نور نبي، ابن علي، وارث ولایت پنجتن.

ای پیشوا ای مقتدا، از همت گردیده وا،
دار ولا کار هنر، انوار علم اسرار فن.

باطلوع در طینت طبع شد دین و دنیا مجتمع،
علم و عمل، عقل و ادب، حلم و حیا فهم و فطن.

از فیض احسانت عیان، با یک زبان اسلامیان،
هم معترف، هم معتقد، هم مطمئن هم مرتهن.

در بهتري قوم خود، هرگز نه با تو دم زنند،
هر معتبر، هر مقتدر، هر مدعي هر لافزن.

سعی فراوان ساختي، پرداختي به نواختي،
باصد عطا، باصد سخا باصد نوا، باصد منن.

ای شاه من والاهمم، پیشت چه نذرانه نهم،
بهتر که سر قربان کنم، سازم فدا این جان و من.

در مدح تو رطب اللسان هم فاضلان هم شاعران،
"بلبل" بیان گوهر فشان، طوطي زبان، شکر شکن.

تاريخي مادا ۽ قطعا

تاریخ وصال پرملال پیر روشن ضمیر حضرت خواجه پیر عبدالحلیم جان سرهندي

دریغا که آن خواجهء حق پرست،
ز دارالفنا شد بدارالمقیم .
ز نقلش مریدان را سینه چاک،
ز مهرش دل دوستان شد دونیم .
ولیي خدا صاحب فیض بود،
براه هدا عام فیضش عمیم .
به علم و عمل شرع او مشتغل،
به زهد و ورع معرفت مستقیم .
یاحسرتا زین وقوع وداع،
ویا ویلتا ز انتقال الیم .
بتاریخ هفده محرّم حرام،
ز گلزار جنّت رسیدش نسیم .
بشد روز آدینه غفران مآب،
مشرّف لقای غفور الرّحیم .
ز هر مصرع ثاني سال فوت،
نماید کمال کلام کلیم .
سروش سخن سال وصلش بگفت:
که شد راحت افزون به قلب سلیم .
هم ز آسمان بار آمد ندا،
سکانش امان دار جنّت نعیم .

۱۳۳۱ هـ

بحوران فردوس این قول بود،
ولي سرد قابل برحمت رحیم .

۱۳۳۱ هـ

حبیبِ خدا را بہ این شوق بردہ
قضای بہ وصلِ حبیبِ کریم.

۱۳۳۱ ھ

ز روئی خرد هاتف سنِ گفت:
کہ گویا نہان ماند گنجِ عظیم.

۱۳۳۱ ھ

بگو ہم تو "بلبل" ز سالِ وفاتہ
فغفورِ ارم خواجہ عبدالحلیم.

۱۳۳۱ ھ

تاریخ بنا و اتمام مسجد شریف شہر نصیر آباد ضلع لاڑکاڻہ

ز آخوند صاحب محمد صدیقہ
بنا گشت تعمیر خانۂ خدا.
ہم از دست صادق محمد نجارہ
کہ بودند ہمراہ پسرش دوتا.
یکي ز ان الٰہ بخش مرحوم بودہ
بنامِ خدا کرد جان ہم فدا.
دگر هست رمضان کہ این کار خیرہ
یکم ماہ رمضان نمود ابتدا.
اگر سال آغاز خواهي بدانہ
کہ "شمس الفیوض" است سالِ بنا.

۱۳۲۷ ھ

کرم بخش حاجي وریل ارّہ کشہ
نمودند درکار خود انتها.

ز احمد ز صدیق و عبداللهٰ،
نگارش شد این نقش فرحت فزا.
ازین هرکسان تا ابد یاد ماند،
بنام بقا و بکام دعا.
در اتمام این صرف شد هفت سال،
بہ سازندگان خیر باشد جزا.
یکم ماہ ذوالحج اتمام یافت،
بہ نقش و نگار و بہ نشو و نما.
چو پرسیدم از سال اتمام او،
ز هجري "چراغِ فلک" شد ندا.
۱۳۳۴هـ
سن عیسوي گفت "بلبل" سروش،
کہ "کعبہ مکان خاص بیتِ خدا".
۱۹۱۶ع
مکرّر بخوان طرفہ ترخوشد هند،
چہ خوشتر ز هاتف رسید این صدا.
خدایا همین مسجد آباد باد،
بہ بانگ و صلواۃ و بذکر و ثنا.

تاریخ وصال پرملال علامہ دهر فرید العصر مولوي میان محمد صاحب فقیه و مدرس هالا کهنہ

دریغا از وفاتِ حاج مغفور،
مثال آمد تو گوی نفخ في الصور.
ز هجرت او چراغِ فیض گل گشت،
ز رحلت او در آمد ظلمت از نور.

ازین واقع جدای عالم دین،
اهالي علم و عالم گشت رنجور.
میانجي مولوي حاجي محمّد،
ز دنیا رفت و علم دین شد دور.
ادیب و عالم و مشفق مدّرس،
فقیه و فاضل و فیاض مشهور.
محقق مفتي و ماهر مصنّف،
مجاهد متقي بر خیر ماسور.
ز هر تلمیذ عندالناس مشکور،
شد از تدریس عندالله ماجور.
بود اندوه هاله گرد هالا،
که چون رفت از میانش فیض گنجور.
چهارم مه ربیع الاخر آخر،
شب آدینه گشت آن ماه مهجور.
به سال وصل او "بلبل" چنین گفت،
شده زین بلده گنج علم مستور.
۱۳۳۶ھ
ز سال عیسوي گو بادل پاک،
که درّ بحر معنی باد مغفور.
۱۹۱۸ع

تاریخ وفات سید میان قائم شاه صاحب مرحوم جاگیردار جهانگارا تعلقو سیوهڻ

آه آه از وقوعهٔ جانکاه، یعني از فوت آل دین پناه.
به شب آدینه مهه جماد اوّل، بیستم در خسوف شد آن ماه.

نونهالِ چمنِ نبي افسرده
گلِ چراغِ علي بشد ناگاه.
واي آن نوجوان ز مرگ نموده
در نظرِ اهلِ ملک ملک سیاه.
مردمان را ز رحتلش ماتم،
اقربا را ز فرقتش صد آه.
هاي گلزار خانه اش به خزان،
گشت جهانگار هم ز درد سیاه.
گل به "بلبل" بگفت سال وصال،
"سیر جنت نصیب قائم شاه".

۱۳۳۲ھ

تاریخ وفات وڈیره میان امام بخش خان ٹیپو تعلقو سیهڑ

وزید باد فراق و رسید درد و عذاب،
ز انتقال وڈیره که بود از ارباب.

بتحملش چو فقیر و تجملش چو امیر،
به اوج همچو سماؤ به فوق همچو شهاب.

مدام ناز و نعم شد غلام بردر او،
همیشه جیش غلامان او بزیرِ رکاب.

ز همزمان اکابر معزز و ممتاز،
ز همقرآن عمائد، مرید شرف مآب.

به عقل و همت والا، ترز هم رفقا،
به بخت و دولت بالاتر ز هم اصحاب.

به شان شوکت ماند و به عیش و عشرت راند،
فشانده دست ز دنیا کشاد جنت ماب.

سوم ربیع الثاني بروزِ شنبه صبح،
که طئي نمود مراحل بسو ارم بشتاب.

به سال وصاش "بلبل" همین ندا آمد،
"ارم بباد بلادِ امام بخش نواب".

۱۳۳۰ھ

تاریخ انتقال فخر قوم خانبهادر شیخ صادق علي صاحب سابق وزیر ریاست خیرپور

واجب آید تاکہ گرید خون زمین و آسمان،
بہر وفاتِ شیخ ابن الشیخ فیّاضِ زمان.

روز چون شب مے نماید در نظر روشندلان،
شور ماتم گشت برپا "هائے هو" اندر جهان.

حق آن باشد کہ افتند آسمان بر رو زمین،
یا زمین از جوش شگفتد سوزد این دریا روان.

هند را بے دل نمود و سندھ را بے سر گذاشت،
جود را بے جان نمود و بذل را بے خانمان.

اندرین ماتم کده شد هر کسے را دمبدم،
آه سوزان چشم گریان سینہ بریان دل طپان.

زیب دولت رفت گویا از ریاست خیرپور،
زینتِ دین رفت گویا از محافل مومنان.

هائے هائے آفتابِ علم آمد در کسوف،
ماهتابِ عقل آمد در خسوفِ جاودان.

مادرِ گیتي نزاید این چنین فرزند نیک،
دیدۂ دنیا نہ بیند مرد کامل آن چنان.

رفت از دنیا کہ در دنیا و دین بودش کمال،
در مروّت در حیا در حلم در نام و نشان.

حامیِ دین فخرِ ملّت پیشوائي قوم بود،
بے تکلّف بے ریا و بے نمود و بے زیان.

نام او صادق علي، صادق بہ قول و فعل بود،
صاف نیت صاف دل صافي نهان صافي عیان.

واقفِ اطوار ورع و کاشفِ اسرار شرع،
لامعِ انوار فیض و زبدهٔ انصاریان.

سایهٔ الطاف او از ما جدا شد هاي هاي،
پایهٔ اقبال او برگشته شد از خانمان.

دوستان از غم فراقش سینهای دارند چاک،
دشمنان از هجرتش هم اشکبار و خونفشان.

از فراقش شد هنود و مومنانان در الم،
هرکسي را داغ بر دل آه و زاري بر زبان.

هاي هاي من چگویم وصف آن عالیجناب،
یک ازان هرگز نمي سنجد ترازوئي بیان.

در سفر لاهور ناگه باسفر عقبیٰ شتافت،
بر حدیثِ مصطفیٰ گردید ناجي بیگمان.

باوجود این بخت و دولت مال واقبال وعیال،
بر تقاضائي قضا چون رفت تنها بیکران.

مه جمادالاول و تاریخ غرّه وقت شب،
روز آدینه به عقبیٰ رفت و رست از این و آن.

سال فوتش جست "بلبل" هاتفم از غیب گفت،
"رفت هاي هم حلیم انسان و حاکم مهربان".

۱۳۳۰ه

گفت سال وصل او هاتف که بے سروپا گذاشت،
علم وعمل و هنر وعقل و بخت واثر و لطف شان.

ل م ن خ خ ث ط الف

۱۳۳۰ه

باز سالِ فوت او پرسیدم از روح القدس،
زود گفتا: روح پاک شیخ را جنّت مکان.

۱۹۱۲ع

يا رب از سن اين دعا در دوستان آمين باد،
قصر عالي جائگاهش باد در باغِ جنان.
واي بر جائي قصائد و مدح گفتم مرثيه،
باز از "بلبل" نه شنود كس نوائي داستان.

تاريخ انتقال مرزا كلب علي بيگ ڊپٽي كليڪٽر حيدرآباد سنڌ

هي ز ما ميرزا چو گشت جدا، سانحهء كربلا بكرد بپا.
صورتِ يوسف و ملك سيرت، خوش روان خضر پٽي خجسته لقا
نيكدل نيك كار نيك اطوار، فاضل و باذل و فياض و فتا
كار خيرش پديد در عالم، نام نيكش عزيز در دلها
ناگهان رفتنش كه واي حسرت، بيگمان رحلتش كه واويلا.
دولت اقبال تا به آخر دم، به ركابش دويدو بخت رسا.
آخرت جرعه ز موت چشيد، ارجعي از خدا شنيد ندا.
فكر "بلبل" چو كرد در تاريخ، از سروش فلك شد اين القا.
سال فوتش بگو كه "جائي فلاح"، يافت كلبِ علي به شيرِ خدا.

١٣٣ ١٧٧٠=٤٩٠٣

تاريخ وصال حضرت پير خواجه نظام الدين نقشبندي پاٽ شريف

هاي شد در جهان پريشاني، كه ز ما رفت هادي و باني.
پير ما خواجهء نظام الدين، روئي پوشيد از جهان فاني.
مرشدِ ما ولي خضر لقب، در زمان بود غوث صمداني.
در شريعت چو شمس روشن بود، در طريقت به مثلِ همداني
در حقيقت چو بود حق آگاه، معرفت را نداشت پاياني.
بود عالم به علم و فقه و حديث، عارف آيات و نصّ قرآني.

ظاهر اندر هدایت طلبا، باطن اندر لقائي رحماني.
پیر روشن ضمیر پاک سرشت، رهبر راه فیض حقّاني.
زنده دل خضر پئي خجسته شعار، حق پرست و حبیب سبحاني.
مجتهد وقت مرشد دوران، در شرع و ورع بوذر ثاني.
صاحب ذکر و فکر سکر و سلوک، مالک شوق و ذوق سلماني.
از توجّهه هزار مرده دلان، زنده میکرد در ذکر خواني.
بیست و یک ربیع اوّل بود، که بدل کرد جان قرباني.
روح پاکش چو ارجعي بشنید، گشت پرواز او به آساني.
و ادخلي جنّتي خطابش شد، حاصلش گشت قرب یزداني.
جستم ز فکر سال وصلش چون، گفت: گویم بتو اگر داني.
به سر معرفت به نزد خدا، رفت از دهر قطب رباني.

۱۳۱۱ ۱۲۷۱

تاریخ وفات پیر سید میر میان ناصرالدین دودائي تعلقو لاڙڪاڻو

صاحب فیض پیر ناصرالدین، سوئي جنّت چو گشت زود روان.
بیست یکم ز مه صفر بشتافت، یوم آدینه ساعت غفران.
در جواني چو جان بجانان داد، گشت منصور ثاني دوران.
"لا یموتون" اولیاء الله، گرچه این ست راز در عریان.
لیک در چشمهای ظاهر بین، از فراقش پدید آه و فغان.
سال وصلش چو جستم از ملکوت، شد ندا "محو ذات قطب جهان".

۱۳۲۵

از زبان اهل دل شده اظهار، "فوز مصباح فیض ماند نهان".

۱۳۲۵

عاشقان را شده همین گفتار، "دولت نقد کرد جان قربان".

۱۳۲۵

صالحان بر وصال او گویند، "مونس الحق گشت پیر زمان".

۱۳۲۵

یک شده ذکر و ذاکر و مذکور، "حسن عمل کمال ذاکر دان".
۱۳۲۵
عارفان سال رحلتش دانند، "برقعہ پوشید مستجب سجان".
۱۳۲۵
ہم دران سال شد ز رو تاریخ، "موسس روضہ سایہء یزدان".
۱۳۲۵
سال اتمام وی ز "بلبل" دان، "کعبہء مکۃ - قبہء رضوان".
۱۳۲۵ھ

اخبار آفتاب سنده

تاریخ اول در تقریب سالِ اوّل اخبار آفتاب سنده
کہ از ھر مصرع سال نومبر ۱۹۲۰ع بر مے آید

سالِ نو آمد مبارک، بهر دیوان آفتاب،
جاہِ 'احمد'، زیبِ ملت، زور اخوان آفتاب.

درج گوهر، علم و حکمت، برجِ اختر، پندو وعظ،
جان پرور، کانِ درّ، درس لقمان آفتاب.

در کشایش طبع و خواهش، عدل و آرایش جهان،
فرحتِ دل، جعد حکما، تاجِ سلطان آفتاب.

از سرور انشاء، نظاره، ناظرین، باغِ بیان،
باده گلگون، چشمِ نرگس، گل گلستان آفتاب.

باب حکمت، آبِ دانش، تاب مضمون پر بهار،
کانِ منطق، خط صلحا، زیب دامان آفتاب.

از برائے تنگ نظران، حال قومِ تشنہ لب،
نور بینا، چشمہ فیضان، آب حیوان آفتاب.

بانوائے نغمہ "بلبل" حسن مطلب، قولِ صدق،
تاج هدهد، جان عالم، صبح خندان آفتاب.

از خیالِ لطفِ مئےِ شعر و سخن، شیرین بیان،
جام مئے نو، رزم شعراء، بزم رندان آفتاب.

در گروهِ همسران، با گوئی تحریرِ قلم،
صدر ارکان، تیز جولان، مرد میدان آفتاب.

مظهرِ عدل و سیاست، منظرِ احوال ملک،
دادگستر، کار فرمان جود احسان آفتاب.

واعظِ هر دل عزیز و ناصح مشفق شفیق،
سایہ نور اهل ایمان، فیض یزدان آفتاب.

بر سرِ اعدائے دین، گرگ وسگ، روبه خصال،
ریگ سوزان، برق لمعان، شیر دوران آفتاب.

نزد اربابِ علوم و شهسوارانِ فنون،
هدیہ معنی، سیر بستان، عرصہ چوگان آفتاب.

اسم دارد با مسمّی، نور دارد در ظهور،
سعد کوکب، شمس عالم، مهر تابان آفتاب.

در فصاحت، در بلاغت، در هدایت، اهل دین،
بانگ طوطی، نالہ "بلبل" باغ ایقان آفتاب.